ڈراٹرن جاڈک

(اداروتحریک)

مرتب:
رسول بخش پلیجو

عظمت ادبي اڪيڈمي نمبر 10

ڏراڙن جا ڏڪ

(ماهوار تحريڪ ۽ چپل جوند انٽرويو)

مرتب:

رسول بخش پليجو



عظمت ادبي اڪيڈمي حيدرآباد

[جملي حق ۽ واسطا ڏاڻو]

ڪتاب جو نالو:		ذرا ڙن جا ڏڪ
مرتب	:	رسول بخش پليجو
چاپو	:	پهريون ۱۹۷۴ع
		ٻيو ۱۹۷۸ع
		ٽيون ۱۹۸۷ع

قيمت: 14-00 رپيا

هي ڪتاب محمد عمر ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڈمي طرفان احمد برادرس پرنٽنگ پريس، ناظم آباد ڪراچي ۽ مان ڇپرائي، ۱۳- نظام لاج، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد مان ڏيرو ڪيو.

ترتيب

عنوان	صفحو
۱- حرامي بار	۱۷
۲- بنگلہ ديش منظور ٿيل آهي!	۲۱
۳- قومي جدوجهد ۽ زميندارن جي اڳواڻي وڏيرڪو راج قائم ڪندي!	۲۵
۴- هي آئين نہ گهرجي	۳۴
۵- نئون ون يونٽ	۴۱
۶- سنڌ تي نئون حملو	۵۰

۷- سچ روئن ٻيا	۵۸
۸- سنڌ جا ٽي سپوت	۷۰
۹- ٻاڻ ٿي پاڙيو	۷۶
۱۰- اچو ته سوچيون	۹۱
۱۱- سنڌو ديش اڪر خلاف واويلا جي آڙ ۾ نئين پارٽ ٻاهر بند ڪريو.	۱۰۱
۱۲- نئون قانون	۱۱۱
۱۳- نئون سال	۱۲۲
۱۵- ۴- مارچ ۽ ان کان پوءِ	۱۳۳
۱۶- ڪانگن وري ٻرن ٿا من منهن ٻاهر ڪيئو آهي.	۱۳۸
۱۷- پورهيتن کي سلام	۱۴۹
۱۸- سنڌي ماڻهو عوام کي بي دخل ڪرڻ کي بي دخل ڪريو	۰۰۰

١٩- سر تي پکي هيڪڙو ١٦٦

٢٠- سنڌيت منڊان مڪ-
ڏني ۽ ٽيڪو ختم
ڪرايو. ١٧٢

٢١- اسين ڪنهن جي
گارگند کان نہ
ڊڄنداسين. اسين
پاڻ گند نہ
ڪنداسين. ١٨٠

ذاتي صفحو

"ڏرازن جا ڏڪ" لاءِ مهاڳ ۾ محترم رسول بخش پليجي جو لکيل آهي، تنهن ڪري هن صفحي کي مون ذاتي صفحو ڪوڙيو آهي. ڏرازن اهي ڏڪ ماهوار تحريڪ جي ادارتي صفحن معرفت هنيا هئا جيڪي ۱۹۷۴ع ۾ پهريون دفعو ۽ تهان پوءِ ۱۹۷۸ع ۾ ٻيو دفعو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي نروار ٿيا هئا. ۱۹۷۸ع کانپوءِ ۱۹۸۷ع تائين ڏهن سال هي ڪتاب مارڪيٽ مان غير حاضر رهيو آهي، جيتوڻيڪ دوستن ڪيتري وقت کان ڪتاب جي ڇپائيءَ جي گهُر ڪئي پئي، پر ڪن اڻڌر سببن جي ڪري هن وقت تائين اهو ممڪن نه ٿي سگهيو.

تحريڪ رسالو ڏسڻ ۽ ته عوامي تحريڪ جي نظرين جو پرچارڪ هو پر منهنجي ذاتي خيال ۾، پارٽي لائين جو پابند هجڻ جي باوجود، تحريڪ ۾، سنڌ کي درپيش مسئلن کي هميشه اهميت ڏني ويندي هئي ۽ سنڌ جي مسئلن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ ۽ عوام ۾ پنهنجن مسئلن متعلق شعور پيدا ڪرڻ ۽ سڃاڻپ پيدا ڪرڻ ۾ تحريڪ نهايت اهم رول ادا ڪيو هو ۽ انهن مضمونن جي انهيءَ اهميت جي ئي ڪري ٽيون چاپو ڇپرائي رهيا آهيون.

هن کتاب سان گڏ ٿي، "لڳ منهنجا لوهم" جو ٻيون ڇاپو ٻڌ ڇپرايو ائٿون جيڪو بس مارڪيٽ ۾ هن وقت کتاب جي ڇپائيءَ تي ٽيندڙ خرچ ۾ موجود آهي.

کتابن جي وڪري جي جيڪا پوزيشن آهي، تنهن حساب سان کتاب گهٽ قيمت ۾ مهيا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ۽ انهيءَ جي صرف هڪ صورت آهي ته خريدار کتاب اسان جي آفيس تان اچي خريد ڪري، انهيءَ صورت ۾ اسين کتاب گهٽي رعايتي قيمت تي ڏيئي سگهنداسين، باقي مارڪيٽ ۾ انهيءَ قيمت کان گهٽ ۾ کتاب مهيا ڪرڻ جنهن قيمت تي هي کتاب ڏيئي رهيا آهيون، ناممڪن آهي. اسان جا کتاب وري به پين ادارن جي کتابن کان سستا ٿا هجن.

سڀائين گڏ

12-10-1987 ـــ عمر ميمڻ

(پهريون ايڈيشن)

٥-هـ-اڇ

انساني تاريخ ۾ ٽورن ماڻهن گهڻن جو ڪيو رڳو ڏنڊي سان ئي پر گهاليين سان به ڪاڏو آهي. هو ڪوڙيون گهاليون هڪلائيندا آهن ۽ انهن ڪوڙين گهاليين کي ايترو تہ بي حياڻي ۽ بي شرمائي سان، ايڏو تہ زور شور سان، ايڏا تہ واکا ۽ ڪوڪريا ڪري، هر روز، هر مهيني، هر سال ۽ هر صديءَ ۾ ڏهرائيندا آهن، جو گهڻا ماڻهو ڪوڙين گهاليين کي سچو ڪري سمجهڻ لڳندا آهن. ڪوڙيون گهاليون ٽورڻ ڦوروڻ کي وڏو ڪم ڏين ٿيون. ڪوڙن وٽ ڏنڊو آهي. پر گهڻي عوام وٽ اڃا به وڏا ۽ گهڻا ڏنڊا آهن. ٽورڙا ڪوڙا، گهڻيون ڪوڙيون گهاليون ڪري گهڻي عوام جي دماغن کي جڏو ڪري ڇڏيندا آهن. گهڻي عوام جا گهڻا هٿ گهڻن ڏنڊن ڏانهن وڌندا ئي ناهن. ڪين ڏنڊي خلاف ڏنڊو کڻڻ جي گهاليءَ ئي خيال ۾ نہ ايندي آهي. جيڪي هٿ بي اختيار ڏنڊا کڻندا آهن، سي به ٻين جا خالي هٿ ڏسي ۽ سندن ڏرکيل ڪنڌ ڏسي، شڪي ئي پنهنجا ڏنڊا کڻي ڦٽا ڪندا آهن. ٻوءِ ڪوڙيون گهاليون لکين ڪروڙين ڏنڊن وارن ڪنڊل هٿن کي ٽورڻ ڏنڊن وارن لکين هٿن کان مارائيندیون آهن.

ڪوڙين گهاليين کان سواءِ سچيون گهاليون به

ٹيندیون آهن. ڪوڙين ڳالهين وارا مفت خور حرام ڪائو
۽ ڦورو ٽولا سچين ڳالهين کان ونڊ ويندا آهن. انهن
کي ڏڪاريندا آهن. ڪاٽن ڊڇندا آهن. هو سچين ڳالهين
کي جتي پڌندا آهن، اتي انهن جو ڪنڊ مروڙي
ڇڏيندا آهن. نہ تہ وري انهن کي کڏ ڪٽي دفن ڪري
ڇڏيندا آهن. يا انهن تي گندگي ۽ بدبوءَ وجهي
انهن جي صورت بگاڙي ڇڏيندا آهن. هو وس پچندي
سچيون ڳالهيون ظاهر نہ ٿيڻ ڏيندا آهن. هو سچين
ڳالهين ڪرڻ واري کي وس پچندي آزاد يا جيئرو
نہ ڇڏيندا آهن. اڄڪلهين زماني ۾ سچين ڳالهين ڪرڻ
وارن کي نانگن هٿان ڏنگائيندا هٿا يا ان جي جيئري
کل لهرائيندا هٿا، يا کيس گهاٽي ۾ پيڙهائيندا هٿا يا
وري سندس عضوا آهستي آهستي ڪپي، ڪيس سوريءَ
تي ٽنگي ڇڏيندا هٿا. سوريءَ تي ٽنگيل، رت ڳاڙيندڙ
سچ چوڻ واري کي مرڻ جي به موڪل ڪانہ هوندي.
ٽٻي، چوڻين، يا ٻنڊين ڏينهن مس مس مٿان سندس ڏڙ
کي ڏار ڪرڻ جي موڪل ايندي هوندي. هر ڪوڙي
ڳالهہ سوين هزارين سچين ڳالهين جي قاتل هوندي آهي.
انسان ذات هيستائين غلاميءَ، وڏيرا شاهيءَ ۽ سرمائيداريءَ
جي قاتل ۽ آدمخور نظامن جي گهاٽي ۾ پيسجي
ڪئي آهي. اهي ٽيئي قاتل ۽ آدمخور نظام ڪروڙين
ڪوڙين ڳالهين جي ٽيڪ بنا قائم نہ رهي سگهن ها.
اهي نظام ڪروڙين اربين سچين ڳالهين کي سرجندي ٿي

گھٹو ڏيڻ بنا، خفا خون ڪرڻ بنا، سوريءَ تي چاڙهڻ بنا، قائم نه رهي سگهن ها. هزارين سالن کان ائين آهي. اڄ به ائين ٿي آهي.

اڄ به ڪوڙيون گاڏيون لوهي زنجيرن وانگر ڪميڊل ۽ اشراف ماڻهن جي ذهن کي ڪوڙيو ويٺيون آهن. سچيون گاڏيون اڄ به ڏوهارين ۽ ڪوڙهين وانگر منهن ويڙهيو لڪنديون وتن.

هن لکڻين ۽ توهان کي سچيون گاڏيون سموري جون سموريون سربستيون نظر نه ايندیون. اهو ناممڪن آهي. جيستائين ماڪ وڏيرڪي سرمائيدار نظام جي اشڪنجي ۾ قابو آهي، تيستائين سموري سربستي سچي گاڏي، ڏوهاري، روپوش، قيدي، جلاوطن يا خفا خون ٿيل رهندي. هن وقت سچ جون فقط ڪي جهلڪيون ڏسي سگهجن ٿيون.

اهڙيون جهلڪيون توهان کي پڻي هنڌان ڳهت نظر ايندیون. فقط پورهيت ۽ مظلوم عوام جي جاءِ تي بيهجو ۽ اتان دنيا جي چڪاس ونبي، تڏهن ٿي سمورين ۽ سربستين سينيي گاڏهين جا سڀ کان وڌيڪ چٽا، صحيح رنگ روپ ڏسي سگهبا. نه ته هونئن اڪثر ائين ٿو ٿئي ته هڪڙي ڪوڙي گاڏهه کي نندي، ٻي اهڙي ٻي ڪوڙي گاڏهه يا اڳين کان به وڌيڪ خراب ڪوڙي گاڏهه ماڻهن تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

عوام جا دشمن ڦورو طبقا جڏهن ٻاڻ ۾ وڙهندا آهن، تڏهن اڪثر اڻين ڪي ٽيندو آهي. ٻئي ٻاڻ ۾ وڙهندا به آهن، هڪٻئي جي گالهين کي کوڙو ٻڌ ڪندا آهن. اڳلي کان به وڌيڪ کوڙيون گالهيون به ڪندا ويندا آهن. سچين گالهين کي نتل ڪرڻ ۽ ٻئي هڪٻئي کان گوءَ کٽڻ جي کوشش ڪندا رهندا آهن.

سچي گالهه ڪرڻ لاءِ رڳو جرئت نه کپي. ان لاءِ ٻڌوڙي ۽ سربستي جاڻ به کپي. گالهه ڪرڻ جو ڍنگ به کپي. گالهه ٻڌي جي دل تائين پهچائڻ جو هنر به کپي. دوست توڙي دشمن اُن گالهه کان انڪاري ناهن تہ انهن گالهين ۾ هي لکڻيون پهنجو مٽ ٻاڻ آهن.

هي لکڻيون آيتون ناهن. هي زايا آهن. سوين هزارين ماڻهو هنن راڻين سان اتفاق ڪن ٿا ۽ اوترا ٽي انهن سان اختلاف ڪن ٿا. اها قدرتي گالهه آهي. سنڌي سماج ۾ ڪٿين طبقا آهن. هر طبقي جا مفاد ۽ سندس روح کي وٽندڙ گالهيون جدا آهن. تنهن کان سواءِ طبقن جا هڪٻئي تي اثر آهن. خاص ڪري وڏيري طبقي جا خيال صدين کان سنڌ تي ڇانيل آهن. انهن جا اثر وڏيرن تي به آهن تہ هارين تي به آهن ۽ وچين طبقي وارن تي به آهن. جيئن اهي اثر آهستي آهستي لوڻ، ٽيسين وڏيرڪي سوچ سنڌي سماج جي طبقن تي سڌي يا اڻ سڌي نموتي ڇانيل رهندي.

هي "تحريڪ" جا ڇپيل ايڊيٽوريل آهن.

اهي آسان جي مسئلن جو حل پيش ڪن. اهي گهٽي قدر رڳو سوال اڀارين ٿا. جيڪڏهن هنن کي پڙهي ماڻهن انهن مسئلن بابت سوچڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ته چئبو ته انهن جو مقصد گهٽي پاڳي پورو ٿيو.

هي ايڊيٽوريل "تحريڪ" جي سوچ جو اڇوڙ آهن. ڪيترا چاڙو ماڻهو چون ٿا: ته اهي نه رڳو "تحريڪ" جي جان آهن، پر سنڌي ادب ۽ صحافت جا شاهڪار به آهن. توهان به پڙهي ڏسو. ممڪن آهي ته اهي توهان کي سنڌ بابت سوچڻ ۽ ان کي سمجهڻ ۾ مدد ڏين. ٿي سگهي ٿو ته اهي سڀ يا انهن مان ڪجهه اوهان اڳ ۾ پڙهيا هجن. پر کي شيون رڳو هڪ دفعو پڙهڻ جون نه هونديون آهن. ڪنهن ڪان سواء هٿن سيني لکڻين کي هڪ هنڌ پڙهڻ سان جيڪا گهالهه دماغ ۾ ايندي سا هوندي شايد نه اچي. بهرحال توهان پاڻ فيصلو ڪريو ۽ آسان کي ٻڌايو.

هن کي ٻيهر چاپڻ جي هڪڙي ئي به ضرورت هئي. چوندا آهن ته "ڇڙو اهو جو درياه پار ٻيهي گاريون ڏي". يا "منهن تي ڪوڙ ڳالهائي" يا "مڻ تي ڪوڙ سيڪو وجهي سگهندو". ڏاڍي ان کان جهڪو جيڻن تي ٻ ڪوڙ وجهي!" کي چون ٿا "تحريڪ" فلاڻي گهالهه ڪري ٿي، فلاڻي ٿي ڪري. تحريڪ جا ايڊيٽوريل حاضر آهن. اوهين پاڻ پڙهي فيصلو ڪريو

تہ هاڏوڪي ماحول ۾ ڪو ماڻهو ڪو سنڌي رسالو باقاعدي هلائڻ ضروري سمجهي ته پوءِ هن کان وڌيڪ ڪهڙيون گالهيون، ڪهڙي نموني ڪري سگهي ٿو؟

جنهن به سائيءَ کي اهڙي تمام ضروري گالهه سمجهي جا رسالي بند ڪرائڻ بنا به ڪري سگهجي ها، ۽ نه ڪئي وئي آهي تہ مهرباني ڪري اسان جي رهنمائي ڪري.

حيدرآباد ۴ ڊسمبر ۱۹۷۴ رسول بخش پليجو

حرامي ٻار

سنڌ صدين کان ٻن مانگر متين جي ذات ۽ ڪرنجندي رهي آهي. آهي مانگر مڇ آهن ڏاريان ٻرمار ۽ پنهنجي وڏيرا شاهي. هنن پنهي جا ٻاڻ ۽ ناجائز تعلقات پي رهيا آهن. جن مان هڪڙو ناجائز ٻار پيدا ٿيو. اهو ناجائز ٻار آهي ڪامورا شاهي.

ڪامورا شاهي. ڏارين ٻرمارن ۽ اندروني وڏيرا شاهي جي چوڪيدار ۽ شڪاري لوڌ آهي. ٻر "ڏاڇي هڏي ڏهم ته توڏي هڏي تيرهن" وانگر اها پنهنجي چٽيندڙ ڪان ٻر وڌيڪ موڏي ۽ خطرناڪ آهي.

بڪٽيريا خلاف جدوجهد ۽ ۽ خاص ڪري چونڊين دوران سنڌ جي ماڻهن ڪامورا شاهيءَ خلاف پنهنجي نفرت جو پرپور مظاهرو ڪيو. هر جلسي ۽ ظالم ڪامورن تي لعنت ۽ ڦٽڪار جو وسڪارو هوندو هو. ٻر ڪامورا عوام تي ٽٽوليون ڪري چوندا هٿا ته "ڇگو چونڊون ٽيڻ ڏيو. ٻاڏيهي ٽي خبر پٽي ويندي ته اسين ڇا آهيون." اسين اڪين سان ڏسي رهيا آهيون ته ڪامورا راڪاس وانگر ماڻهو يوءَ ڪندا جهڙن وڻين ٽوڙ. ٽيڻن عوام کي آزاري رهيا آهن. حڪومت بلڪل خاموش آهي. بلڪ کي وزير هن ظلم ۽ ڪامورا شاهيءَ

سان پاڻهن پياسي آهن. کجهه ڏيڻهن اڳ ۾ پاڙيءَ جي ننڍي صوبيدار ملوڪ هڪ هاري کي ڏيڻهن ڏني جو گولي هڻي ڪيڙي تہ آن خلاف ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو. پر الٽو کيس پروموشن ۽ انعام ڏنو ويو.

تازو آگسٽ مهيني جي پچاري ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن الهہ بچايو مرڪاس ۽ ماڻڪ شر کي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلي. لاکب مان گهرائي. گهران ڪٿو گهرائي هنن جو ٻوليس هٿان ڪاروٻار ڪرائي شهر ۾ گهمايو. هنن جو ڏوهہ صرف هي هو تہ هنن هارين جي قانوني مدد ڪئي.

تازو ميرپور بٺورو، ڏڙو جلالي، ميرپور ساڪرو ۽ پين هنڌن تي ظالم وڏيرن، هارين کي حڪومت جي زرعي سڌارن مطابق اڌ بٽائي ڏيڻ کان نہ رڳو انڪار ڪيو پر هنن پنهنجي پالتو چاڙتن، پوليس عملدارن کان هاري ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس ڪرايا. ميرپور بٺوري جي هاري ڪارڪن شير خان لنڊ کي ۱۱۰ ڀيرا گرفتار ڪيو ويو. جاتي ۽ پڻ ڪيترن ئي هاري ڪارڪنن تي ڦرين جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا. تازو هاري اڳواڻ محمد قاسم "پٽر" مرڪب تحريڪ سلسلي ۽ سنڌ جي انقلابي شاعر سرويچ سجاولي کي ڪارن قانونن هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي.

سنڌي ادب ۽ پوليءَ خلاف سازش بند ڪريو!

بڪ اسٽالن تي وڃي ڏسجي ٿو ته سوين اردو رسالا نصرت، سنگت، اردو ڊائجسٽ، سيارہ ڊائجيسٽ ۽ عالمي ڊائجسٽ وغيرہ ڪان وٺي خضرراہ جھڙا جنسي رسالا ۽ ڪتاب عام جام وڪامي رهيا آهن. جڏهن سنڌ جا ڪي هٿ ڏوڪي سنڌي رسالا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ انهن کي ڊڪليئريشن لٿا ڏنا وڃن. الٽو جيڪي هڪ ٻہ رسالا نڪرن ٿا تن کي نوٽيس ڏنا ويا آهن. ڇا هي سنڌي علم ۽ ادب خلاف هڪ گهري سازش ناهي؟ سنڌي ادب خلاف هي سازش هرگز ڪامياب نہ ٿيڻ گهرجي.

سنڌين جا نمائندا سڏائڻ وارا! سنڌي ادب ۽ زبان جو دم پرڻ وارا! سنڌي ادب ۽ پوليءَ جو ڪلو گهٽڻ بند ڪريو. سنڌي ماڻهن سان مذاق ڪرڻ بند ڪريو. سهڻي، اڳتي قدم ۽ سنڌو پبليڪيشن کي ڏنل نوٽيس واپس وٺو. سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ڊڪليئريشن لاءِ ڏنل درخواستون ردي ٽوڪرين مان ڪڍي منظور ڪريو.

دفن ڪريو

نيشنل عوامي پارٽي سالن جا سال هرهنڌ ناچ ڪريو. جهومر هٿو، جمهوريت، سوشلزم، سيڪيولر ازم، قومي حق ۽ صوبائي خود مختياريءَ جون هنبوچون هلندي رهي آهي. هن بهربائين ون يونٽ ٽوڙائڻ جو ڏوتڪ ڇڏي، جماعت اسلامي سان شريڪ ٿي ڊڪ (ڊي.اي.

سي) جو نالو رڳاڻو، ٻوءِ ٻيڪيولرازم کي طلاق ڏنائين، ٻوءِ پولي جي مسئلي تي مظلوم قومن کي پٺ ۽ خنجر هنيائين. تازو ان آئيني ڏانچي تي صحيح ڪئي آئس، جنهن ۽ صوبائي خود مختاريءَ جي مٽي پليت ڪئي ويڻي آهي.

نعپ هن وقت لاش آهي. اهو هاڻي ڏپ ٻيو ڪري. ۽ لغاري، عزيز الله شيخ، سرڪي، مهر حسين شاهه ۽ ٻيا ڪاندي اڄا بہ ان کي ڪلهن تي کڻيو اخبارن ۽ جلسن ۽ رلائيندا وتن.

نعپ برابر مڪريل ڏائڻ ۽ هست رنگي ڏوڪي هئي. "چندا ڏوهڻ" کان بہ وڌيڪ يازن کي آسرا ڏيڻ واري ترڪتالڻ هئي. ان جي پلاند تي سوين خونن جا ڏٻا هئا. قومي پولين جو خون، عوامي انقلاب جو خون، قومي جدوجهد جو ۽ جمهوريت جو خون. ان کي جيڪا بہ سزا ڏجي ها سا ٿوري. ۽ لاش جي ٻي حرمتي ڪنهن بہ مذهب ۽ جائز نہ آهي. هن سڙيل لاش کي ڪلهي تي کڻي نچائڻ وارا خدا جا بندا، هاڻ گهڻوئي ٿيو! هاڻ اهڙو بدبودار لاش مات مٽيءَ ۽ دفن ڪري ڇڏيو.

["تحريڪ" پبليڪيشن ـ نومبر ۱۹۷۲]

بنگلا ديش منظور ٿيل آهي!

رهزنو! قاتلو! جلادو! بنگلاديش اڳيئي منظور ٿيل آهي. اٺ ڪروڙ ماڻهن جي قوم پنهنجي پگهر، پنهنجي لڙڪن، پنهنجي رت سان ان جي منظوريءَ جو دستاويز لکي ڇڏيو آهي. بنگلا ديش بندوق جي نالي‌ءَ مان وجود ۾ آيو آهي ۽ تہ ڪنهن تقرير بازيءَ، قانون بازيءَ، ڪانفرنس بازيءَ يا اليڪشن بازيءَ سان. اهو ڪنهن منظوريءَ جو محتاج ڪونهي.

مجرمو! توهان ڪان ڪير ٿو بنگلا ديش جي منظوريءَ جو پڇي! توهان تہ جوابدار آهيو. توهان تي فريادي آهن ــ سنگيتن تي ٽنگيل يار، ايذاءَ ڏيڻي ماريل شهزادا، جوان ٿيل لڇون، ماءُ ماريل ماڻرون، اجاڙيل گهر، سڙيل ڳوٺ، جلايل ٻوٽ، اڌ پوريل قبرون، رتوڇاڻ ٿيل ۽ سڙيل ٻاريل تنوتيءَ ٿي پکڙيل انساني هڏيون، هڪ رتو چاڻ ٿيل ملڪ، هڪ ڪٽل قوم. توهان ماڻ هرهڪ هزارين، لکين دفعا ڦاسيءَ تي ٽنگجڻ جو ڏوهاري آهي. اي چنگيز ۽ هلاڪوءَ جا تخمو! بزدلو! توهان ۾ تہ هٿلر ۽ گوئبلز جيترو بہ حياءَ ڪونهي. هنن شرم ڪان پاڻ کي ماري تہ ڇڏيو. توهان اڄا بہ جيئو ۽ چئو "بنگلا ديش نامنظور!"

هنن مجرمن تي مقدما هلايو!

پاڪستان جو صدر دنيا اڳيان اعلان ڪري چڪو آهي ته "اسان مسلم بنگال ۾ پنهنجي غلطين جي تلافي ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي سزائون ڏيڻ لاءِ تيار آهيون."

پاڪستان جي قانون موجب کنهن جي گهر مان چهن رپين جي ڪڙ چورائڻ جي سزا ست سال قيد ٿي سگهي ٿي. اوپر پاڪستان ۾ جن ماڻهن اوپر پاڪستان جي عوام خلاف جرم ڪيا آهن، تن مان گهڻا اولهه پاڪستان ۾ موجود آهن. پاڪ جي موجوده قانون هيٺ انهن تي مقدما هلڻ گهرجن. ضرورت پوي ته بين‌الاقوامي ٽربيونل مقرر ڪيا وڃن. شاهدي جي سلسلي ۾ بنگلاديش جي سرڪار جو تعاون حاصل ڪري سگهجي ٿو.

اهي مجرم باقي رهيل پاڪستان لاءِ به سخت خطرو آهن. مودودي فرقي جا ڏاڙهي پوش غنڊا جن بنگال ۾ قتل عام ڪيا، سي وري فوجي ٽولي کي بچون پيا ڪن ته اولهه پاڪستان ۾ بغاوت ڪري عوام جو قتل عام ڪريو ۽ غير قانوني ڪنٽيرشپ قائم ڪريو. تنهنڪري حڪومت نه رڳو اوپر پاڪستان جي عوام اڳيان پر خود باقي رهيل پاڪستان جي عوام اڳيان انهن غنڊن کان حساب ڪتاب ونڻ لاءِ ٻڌل آهي. نه

ڪ اهي خطرناڪ مجرم هٿي ۾ اهو خوني ڦراسو ڏهرائيندا، جنهن پاڪستان ۾ هيڏو خوار، ذليل ۽ تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

گهر جا ڪڙ نه ماريو!

گذريل سڌ دشمن فسادن ۾ وڏيرا سنڌي سڪينن کي پناهگيرن جي ٻوهي ۾ ڏيڻي پاڻ ڦاسي لڪي رهيا. گهٽي خونريزيءَ کان پوءِ ايڏا پناهگير ٽوڙا جهڪا ٿيا ته وري وڏيرا پاڻ شروع ٿي ويا! فساد بند ڪرائڻ جي بهاني ۾ ٿي پناهگير پوري آگ لاهي، پوءِ اڇي سنڌين کي لڳا. ستن ٻڙهين جون دشمنيون هڪڙي ڏڪ ۾ پوريون ڪيون اٿن. جون ڏا ته رڳو لاڙڪاڻي مان هزار ڪان مٿي سنڌي قيد ڪيا اٿن، ڀانو اهو ته پناهگير فسادن کي پنجو ٻيا ڏيون! مطلب ته هي ڪاتو هر لڙ مان پنهنجو مزو ڳوليو ۽ ڪامورا-شاهيءَ کي ختم ڪرڻ جي بهاني ايوبي دور جون دشمنيون به پاڙيائون. سچي کوڙيءَ کي گهمرو ڏيڻي سرڪاري نوڪريءَ مان سنڌين کي ٻهارو ڏيڻي ڇڏيائون.

اها نٽين ڳالهه ڪانهي. کهڙي ۽ راشديءَ ۾ اٽين ڪيو. انهن ڪان اڳ ۾ اٽين ڪيو. پويان به اٽين ٻيا ڪن. سنڌي شيرشاهن کان گهر جي ڪڙن ڪان سواءِ ٻيو کهڙو شڪار هيستائين ٻهتو آهي جو هاڻ ڪندا؟ مطلب ته جيستائين سياست جي واڳ

وڏيرن جي هٿ ۾ آهي، تيستائين الين ٿي ٽيندو. جيستائين عوام پاڻ ۾ متحد ٿي سڀني قسمن جي وڏيرن کي سياست کان هڪلي نه ڪيو آهي، تيستائين اهي شيرشاهه جا شڪرا گهر جا ڪڙ ٿي ماريندا رهندا.

آزاد ڪريو

سنڌي عوام جو متفق مطالبو آهي ته سياسي ويڑ هاڙ بند ڪريو. سمورن قانوني اشڪنجن ۾ قاسايل سنڌي مظلوم آزاد ڪريو.

۱۰۹ ۽ ۱۱۰ غنڊه ايڪٽ ۽ ٻيا ڪارا قلم ختم ڪريو. جي- ايم سيد، حفيظ قريشي، مانڊل شر، الهه بچايو مرٽاس، غلام قادر پليجو ۽ ٻين سمورن سون هزارن سنڌي قيدين کي آزاد ڪريو. يوسف لغاري ۽ ٻين خلاف ڪيل وارنٽ رد ڪريو. ظالم ۽ مظلوم ۾، دوست ۽ دشمن ۾ فرق ڪريو. پنهنجي پير تي کهاڙو نه هٽو. ويڑ نه وڌو. بيوقوف نه ٿيو. اهو سياسي خودڪشيءَ ۽ تباهي جو رستو ڇڏيو. سنڌ تي مڪمل وڏيرڪي ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ جي پاليسي ترڪ ڪريو!

["تحريڪ" پبليڪيشن - ڊسمبر ۱۹۷۲]

قومي جدوجهد ۾

زميندارن جي اڳواڻي وڏيرڪو راج قائم رکندي!

سنڌي عوام ۽ خاص ڪري سنڌي پڙهندڙ ۽ لکندڙ اها ڳالهه ڏٺا چاهين ٿا ته سنڌي رسالن وارا پاڻ ۾ ذاتي ڏاڙهيءَ پٽ ڪري ڪنڌ ڇهلائين. اسان سنڌي عوام جي انهيءَ راءِ سان متفق آهيون.

پر انهيءَ جي اها معنيٰ ڪانهي ته سنڌي رسالن وارا غلطيون ڪن يا غلط روش اختيار ڪن ته انهن تي فهميدي نموني ۽ جائز اصولي تنقيد نه ڪجي.

"اڳتي قدم" وارن تازو جي ايم سيد نمبر ۾ جناب رسول بخش پليجي جو محترم سيد صاحب بابت لکيل هڪ مضمون چاپيو آهي. اهو مضمون نه "اڳتي قدم" وارن کي ڏنو ويو ۽ نه انهن لاءِ لکيو ويو هو. هنن اهو بنا اجازت بلڪ بنا اطلاع چاپيو آهي. باوجود چوڻ جي اهو نه لکيائون ته اهو ڪڏهن لکيو ويو هو.

انهيءَ چوريءَ بلڪ سينه زوريءَ ذريعي اهو غلط تاثر ڏنو ويو آهي ته جڏ لکندڙ جا هن وقت شاهه صاحب

جي سياسي لائين بابت اهي خيال آهن جي ان مضمون
۾ ڄاڻايل آهن. حالانڪ ڪين خبر هئي تہ ائين نہ آهي.
اهو مضمون اڄ کان ٦ سال اڳ لکيو ويو هو ۽
وسالي بادل ۾ ڇپيو ويو. جتان ڪنيو ويو آهي.

طبقاتي ست سڳ!

ان زماني ۾ شاهہ صاحب عملي سياست کان رٽائر
ٿيل هو. هن اڃا ون يونٽ خلاف هلايل لمبي قومي
تحريڪ جي واڳ کڻي، راشدي ۽ نواب زاهد علي خان
واري متحده محاذ جي حوالي ڪانہ ڪئي هئي. عوام
۽ قومي ڪارڪنن کي اڃا اها خبر ڪانہ پيئي هئي
تہ طبقاتي لاڳاپا کڻي بلا ٿيندا آهن. هن کي خبر
ڪانہ هئي، تہ زميندار جي سياسي مائٽي فقط زميندار
سان ٿيندي آهي. هو غريبن سان ڳالهين جي پائيواري
رکندا پر حڪومت ۽ اقتدار جي پائيواري ڪانہ رکندا.
سندن پاڻ ۾ پلي ستر ويڙهجن، پر وقت تي هو عوام
کي ڇڏندا نہ ڪونہ ۽ اندر ئي اندر. نانگي ڳولڙو ٻڌي
ويهي رهندا. هڪڙا زميندار پلي ڪٽي "محب اعظم"
هجن ۽ ٻيا پلي ڪٽي "غدار اعظم" ۽ پلي ڪٽي هڪ
ٻئي جا جاني دشمن نظر اچن پر اندر ئي اندر سندن
پاڻ ۾ ست سڳ آهن. اهو پاڻي لٽ هئي ڪڏهن نہ
جدا ڪونہ ٿيندو. ڪين خبر ڪانہ هئي تہ "ميمڻ چريو
ٿيندو تہ نہ پنهنجن ڏانهن ڪڪ اڇلائيندو." زميندار
پلي دنيا کي ترڪ ڪريو، الله لوڪ ٿيو، ويڙو هجي

تہ بہ فيصلي جي گھڑيءَ ۾ هو ليٽ پنهنجي طبقي جي پائرن يعني زميندارن ڏانهن ڪندو ۽ نہ غريب هاري عوام ڏانهن.

گذريل ڇهن سالن جي عرصي ۾ تاريخ گھڻو اڳتي وڌي آهي. ان سنڌي عوام کي اهي ۽ پيا گھڻائي سبق سيکاريا آهن.

ڳري ۽ ناجائز قيمت

وطن جي ماڻهن سان همدرديءَ جو جذبو رکڻ، مظهرون ۽ ڪتاب لکڻ، جلسن ۽ جلوسن ۾ تقريرون ڪرڻ، جيل جون سختيون سهڻ تمام ضروري ۽ چڱا ڪم آهن. اهڙي ماڻهوءَ جو قدر ڪرڻ گهرجي. جي هو بزرگ آهي تہ سندس ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. جي هن ڀين سينءَ کان وڌيڪ تڪليفون ۽ ڏاکڙا سٺا آهن تہ ڀين سينءَ کان وڌيڪ سندس قدر، ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. پر ان جي اها معنيٰ بلڪل ڪانهي تہ انهن تڪليفن ۽ قربانين جي عيوض ڪا سچي قوم اڪيون پوري سندس پويان ڪاهي پوي. ايڏي ڳري ۽ ناجائز قيمت جي نہ توقع رکڻ کپي ۽ نہ ڏيڻ کپي.

اعليٰ علم ۽ اعليٰ سائنس!

انقلابي وطن دوست جدوجهد اڄ مڪمل علم ۽ سائنس بنجي چڪي آهي. اها سائنس دنيا جي مظلوم قومن جي گذريل ٽن صدين جي جدوجهد جي بنيادي

مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. جهڙوڪ: قومي جدوجهد جا مقصد ڪهڙا هجن؟ ان جي اڳواڻي ڪهڙو طبقو ڪري؟ ان جي سياسي ۽ حڪمت عملي ۾ ڇالون ڪهڙيون هجن؟ وغيره. انقلابي قومي جدوجهد جي تاريخ ۽ اسان ڪي سيکاري ٿي ته ڪابه انقلابي قومي جدوجهد هيٺين بنيادي ڳالهين کان سواءِ قطعي ڪامياب ٿي نٿي سگهي. (۱) مڪمل انقلابي وطن دوست نظريو (۲) ان نظريي تي عمل ڪندڙ هڪ منظم ۽ مجاهد پارٽي، جنهن جي اڳواڻي پورهيت طبقي جي هٿ ۾ هجي. ۽ نه زميندارن يا وچولي طبقي جي ماڻهن جي هٿ ۾ هجي، (۳) قومي جدوجهد جو انقلابي ڍنگ (۴) هڪ انقلابي وطن دوست ڪڏيل قومي محاذ، جنهن جي اڳواڻي وطن جي پورهيت طبقي جي هٿ ۾ هجي، ۽ جنهن جو مکيه ذاروبدار وطن جي هارين ٿي هجي.

انهن بنيادي ڳالهين کان سواءِ جيڪا به جدوجهد هلي ٿي اها هميشه سطحي، هٿ ڪيڙي، لفاظي ۽ سودي بازي تائين محدود رهندي. تاريخ بار بار ثابت ڪيو آهي ته جنهن به قومي جدوجهد جي اڳواڻي زميندار يا سرمائيدار طبقي جي ماڻهن جي هٿ آهي، تنهن جو انت هميشه عوام سان دوکي، دولاب، دشمن سان سودي ۽ وڏيرڪي يا سرمائيدار راج ٿي ٿيو آهي.

ٻه چڊال چوڪڙيون!

"سنڌ متحده محاذ" ۽ "پيپلز پارٽيءَ" جي ڳڏيل سياسي تاريخ تي هڪ نظر وجهي تہ سڄي ڳالهہ ظاهر ٿي پوندي. زميندار طبقي جا قابل اڳواڻ اول شاگردن، نوجوانن ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن کي هرڪائين ٿا. سنڌي قوم يا سنڌي عوام جي حالت تي رت روئين ٿا. سنڌي عوام جي دشمن ۽ غدار وڏيرن تي هڪڙي گار لاهين ٿا. وڏيرا ٻہ سندن مخالفت ڪن ٿا. ظاهر ائين ٿو لڳي تہ جن اهي قابل زميندار اڳواڻ پنهنجي طبقي جي ظالم ۽ غدار وڏيرن جا جاني دشمن آهن. پر پوءِ جيئن جيئن عوام وچن انهن ڳالهين تي موهجندا ۽ زميندار اڳواڻ ڏانهن صدق وڃائيندا، تيئن تيئن ظالم ۽ غدار وڏيرو طبقو وچي ٿو پنهنجي زميندار اڳواڻن ڏانهن رڙهندو. پردي پويان ڳجهہ گوهہ ۽ وڏيرڪا ناهہ ۽ سودا ٿين ٿا. تان جو اليڪشنون اچن ٿيون. عوام کي چوڻي ٿو تہ "هن اليڪشن ۾ 'پنهنجي پارٽيءَ' کٽيو تہ توهان جا سيڻي پيڙا پار ٿي ويندا." 'پنهنجي' پارٽيءَ جي کٽڻ لاءِ لازمي تہ 'پنهنجا' اميدوار اهڙا بيهارجن جي کٽين. ظاهر آهي تہ اهي وڏيرائي ٽي سگهن ٿا. پوءِ وڏيرا قوم تي احسان ڪري عوام جي "پنهنجي" پارٽيءَ ۾ شامل ٿين ٿا. مخالف در جي وڏيرن

جي چنڊال چوکڑيءَ جي سامهون "پنهنجن" وڏارن جي چنڊال چوکڑيءَ کڙي ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت عوام جي جدوجهد جي ڪمائي انهن پاڻين ۽ مردارن جي حوالي ٿيو وڃي، جن جي سورن کان جند ڇڏائڻ لاءِ عوام هيڏي مٿاڪٽ ڪئي هئي.

اصلي ڪاتيدار!

پيپلز پارٽيءَ جو مثال اکين اڳيان آهي. متحده محاذ جو اڳوڻو رڪارڊ موجود آهي. نئون رڪارڊ ٺهي پيو. حال جناب ظفر شاهه، علي قطب شاهه ۽ محترمه حميده کهڙو ظاهر ٿيا آهن. پيا زميندار پويان آهن. الڪشن مهل سڀ نڪري نروار ٿيندا. هڪڙا هڻ پاسي، پيا هُن پاسي. غريب قومي ڪارڪن ۽ عوام جڏهن سيد صاحب جا قصيدا گائي، جيل ڪاٽي، جئيون سهي دنگ ڪندا، تڏهن اصلي ڪاتيدار اچي قبضو ونندا.

سنڌ جا عوام هاڻي وڏيرڪي راج جي ڏينهن ڏانهن واپي ويندڙ فريبي الڪشني رستي تي گهلجڻ لاءِ تيار ناهن. هو ڪنهن به قائد يا منجهب جي معرفت پنهنجي حقن جي جدوجهد جي ڏاڑهي ظالم ۽ غدار وڏيرن جي رهزن لوڌ جي هٿن ۾ ڏيڻ نٿا چاهين. هو اپري سپري پنهنجي ڪُني پاڻ چاڙهڻ ۽ رڌڻ چاهين ٿا. هو هاڻ اها سياست گهرن ٿا، جنهن ۾ هو جيڪا به ٿوري گهڻي طاقت ڪڏ ڪن، سا سندن ڏي هٿن ۾ هجي ۽

پرمارن جي لٽ جو شڪار نه ٿئي.

انهيءَ جي معنيٰ اها هرگز نه آهي ته زميندار طبقي جا جيڪي فرد سنڌي عوام سان همدردي، مدد ۽ رهبري ڪن تن جو قدر نه ڪجي. ان ڪري سيد صاحب ڪان وڌيڪ ڪوبه زميندار سياست دان عزت ۽ قدر جي لائق ڪونهي. مطلب فقط هي آهي ته تجربي ڏيکاريو آهي ته جنهن به تحريڪ جي اڳواڻي ڪنهن زميندار جي هٿ ۾ آهي، ان جي واڳ جلد يا دير سان عوامي ڪارڪنن بدران وڏيو وڏيري طبقي جي حوالي ٿئي ۽ عوام ڏهون ڇڏيندا رهجيو وڃن. ظاهر آ اهو هڪڙو ڇڪو زميندار اڳواڻ هوندو. پر پردي پويان سندس سڄي يڪي لوڌ ويٺي هوندي جا الڪشن مهل نڪريو نروار ٿئي! چوندا آهن "(پر) پٽو ڪاشو، پٽي جي ڪيل بچڙي!" زميندار طبقي جي ماڻهن جي سنڌي عوام سان همدردي ۽ مدد اڪثر ٽي! پر سندن اڳواڻيءَ ڪان توبهه! اميد ته "اڳتي قدم" وارا ساڻي آئيندہ احتياط ڪندا.

حبيبن سان حال!

چوندا آهن "نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٽا ساڙي دونهيون هاريون" اسان کي احساس آهي ته اسان جو حال به اهو آهي. ڪتاب مهينو لٽ ڏي ويو. ڪهڙائي حيلا ڪيامون پر لٽ نه ڪري سگهي. سبب

کھڑا ڈیون؟ "مڑیئي مون ڏانهن ...." ها- اڻ ارادو
اٿون تہ "ايري لڏ سويل پلاٽجي" واري ڪر ڪريون.
پر واڳ ڪجهه انسان جي تہ ڪجهه پريس جي ڏٺين
جي وس آهي. پاڻ وهٽا ڪين آهيون، جو هام هڻون.
پر الله ڪندو، سڀ سولي ٿي پوندي.

انسان پنهنجي ايري سيري عقل ۽ وٽ آهر، سنڌي
عوام آڏو پين نقطي نظرن سان گڏ هڪ نئون انقلابي
۽ عوامي وطن دوست نقطي نظر پيش ڪرڻ جي ڪوشش
پيا ڪريون. امو ڪٽن ڪر آهي. ان ۾ انسان کي
ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون چوٽيون پون ٿيون جي شايد
چالو سمجهه مطابق ناهن. پر انسان جي خيال ۾ چالو
خيالن، چالو نظرين، چالو قومي سمجهه، چالو حڪمت
عمليءَ ۾ بنيادي ۽ انقلابي تبديليون آڻڻ کان سواءَ
انسان جي قوم جو گاڏو گيلجندو تہ ڀيو پر اسين
ڪنهن بلند ۽ شاندار منزل جي مومل ماڻي نہ سگهنداسون.

انسان جي اڳيان پهاڙن جيڏيون رڪاوٽون آهن.
انسان جو مقابلو نهايت ظالم، چالاڪ، عياز، زوراور ۽
تجربيڪار اندروني خواه باهرين قوتن سان آهي. اندريون
قوتون، انسان کي اندر ئي اندر اڏوهيءَ وانگر کائي،
انسان کي باهرين جو آسان شڪار ڪن ٿيون. وقت
تي پٽي قوتون پاڻ ۾ پيٽ ٿيو وڃن. انسان جي قومي
سمجهه اڄا ايڏي پختي ڪانهي، جو اسين ايڏي پراڻي
۽ پيچيدي سياست کي هڪدم سمجهي وٺون. ظاهر آهي

غلط ٿيمون ٿيندين. آگريون ڪجنديون. الزام مڙهيا. سٽين سڌين ڳالهين کي ابتيون معنائون پهرائيندين. ۽ اسان اهو سمجهڻ ۾ ڪنيو آهي. اسين ذاتي حملن کي حقارت سان نظرانداز ڪندا سين. اصولي ڳالهين بابت پنهنجا خيال اصولي نموني پيش ڪندا رهنداسين. اختلاف ۽ تنقيد جي آجيان ڪنداسين. پڙهندڙ سائين کي رهبريءَ لاءِ خلوص ۽ پريو عرض ٿا ڪريون.

["تحريڪ" پبليڪيشن - جنوري، فيبروري ۱۹۷۳ع]

هي آئين نه گهرجي!

هي آئين جمهوريت جي چاڪڻي بنيءَ ۽ وڌيل ڏکيڙي زهر جي پڙي آهي، سڌ لاءِ، پاڪستان جي ننڍين قومن لاءِ ۽ سموري بچيل پاڪستان لاءِ، ڪي پورڙا سنڌي پٽي صاحب جي صدارت جي هٿ تي خوش ٿي، اهو قاتل زهر پيئڻ لاءِ تيار ٿا ڏسجن. هر پوءِ سنڌين جو محشر ٿي رڳي ويندو! پيو ته ٿهو، رڳو ڏانهن ڪرڻ کان به ويندا سين. سيڪو چوندو "ميان پنهن جي هٿ سان اڇو منهن ڪيو اٿو هاڻ وري ٽيڙ ٽيڙ چا جي ٿا ڪريو؟" پوءِ پنهن جي ويڻي جو ڪهڙو ويڄ ڪهڙو طبيب؟

هٿلر به ته هيڏي آئين هيٺ قوم جي چونڊيل نمائندي طور ۽ قانون موجب آئيني ڏکيڙ ٿيو هو!

اسان کي اهو جمهوري ۽ عوامي آئين گهرجي، جنهن ۾ اسان جي عوام جي قومي حيثيت، قومي ۽ عوامي حق ۽ قومي زبان کي صاف صاف ندوني تسليم ۽ محفوظ ڪيو ويو هجي. هي سنڌ دشمن، عوام دشمن، فاشي آئين اسان کي نه گهرجي.

بلوچستان کي ستائڻ بند ڪريو

بلوچستان جو عوام صدين کان سنڌ جي وڏيرڪي مٿان کان ٻوڏيڪ وحشي قبائلي سردارن جي نظام ۾ گرفتار آهي. بلوچستان جا سردار بلوچ عوام جي حياتيءَ ۽ موت جا مالڪ آهن. بلوچ عوام بي سندين ۽ انگرز غريب، بکايل، ڏکويل ۽ دٻايل آهي.

ون يونٽ وڙهيڻ مهل جڏهن سنڌي وڏيرا شاهي بيفڪريءَ سان، پنجابي پاڻهڪير ڊڪٽيٽرشپ جو گهٽ پنهن جي ٿڻ سان پنهنجي ڇڄيءَ ۾ وڏو تڏهن ڪن بلوچستان جي سردارن ڊڪٽيٽرشپ جو مقابلو ڪيو ۽ ڪافي سختيون سهيون. انهيءَ ۾ گهڻي ياڪي سنڌن ڏاڍي ۽ طبقاتي فائدو هو جو سنڌن سردارپڻن خطري ۾ هيون. پر ساڳي وقت ان ۾ بلوچ قوم کي پنجابي راج کان بچائڻ جو به سوال هو. تنهنڪري انهن سردارن جو ته رڳو بلوچستان ۾ سنڌ جي عوام جي نظرن ۾ به وقار وڏيو. سنڌ جي ڪيترن جمهوريت پسند ماڻهن پڻ آهر بلوچ سردارن جي مدد ڪئي ۽ بلوچستان ۽ سنڌ جي عوام جا پاڻيءَ وارا گهرا ناتا اڄا به وڏيڪ مضبوط ٿيا.

جڏهن ڪنڊيل چونڊون ٿيون ۽ بلوچستان ۾ اهي سردار ڪاميابي ٿيا. تڏهن سنڌ جي ماڻهن کي تمام گهڻي خوشي ٿي. ڪين خاطري هئي ته اهي ڌڻيءَ

سردار پنهنجي قول موجب سنڌ جي قومي جدوجهد جي پٽيرائي ڪندا ۽ سنڌي عوام سان ٻانهن ٻيلي ٿيندا. انهي ڪري گذريل سال ٣ مارچ تي جڏهن انهن مان ڪي سردار حيدرآباد ۾ آيا، تڏهن سندن پنهنجائيءَ وارو ۽ پرجوش استقبال ڪيو ويو.

پناهگير پوست سردارن سنڌ ۽ بلوچستان جي اتحاد سان غداري ڪئي!

ڏاڍ افسوس جو انهن ساڳين بلوچ سردارن پناهگير نعمپ جي اثر هيٺ اچي بلوچستان ۽ سنڌ جي عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. هو هميشه قومي زبان کي تسليم ڪرائڻ جو پرچار ڪندا رهيا آهن. ڏاڍ عين ٽائيم تي هنن ۽ سندن سرحد وارن نعمپ پرست پٺاڻ خانن پنهنجين پيارين پولين کي ڇڏي اڙدوءَ کي صوبائي زبان بنائي بلوچستان، سنڌ ۽ سرحد جي ماڻهن سان ويساهه گهاتي ڪئي. بزنجو ۽ گل خان نصير جهڙا ڪٽر قوم پرست سڏائيندڙ سردار پنهنجي پناهگير نقلي ترقي پسند پيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ جي تحريڪ کي شاونسٽ (ناجائز قوم پرست) تحريڪ سڏي بدنام ڪرڻ لڳا. هنن سنڌي شاگردن ۾ ڦوٽ وجهڻ لاءِ سنڌ ۾ نسلي بنيادن تي پناهگير پيرن جي زير اثر "بلوچ اسٽوڊنٽ فيڊريشن" قائم ڪرائي. ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين علائقن تي سامراجي ڏاڙا ڪيون.

پناهگيرن جي فسادن ۽ پناهگيرن کي بسي ڏوهي ۽ سنڌي عوام کي ڏوهي ٺهرايو. سندن سرحد وارن سائين پناهگيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ ۽ پنهنجا وڏا موڪلي ۽ ڪتاب لکي سنڌي عوام خلاف پنجاب ۽ سرحد ۽ پروپئگنڈا ڪرائي ۽ پهارين کي سنڌ تي مڙهن جي سازش جي فائدي ۽ بيان ڏنا. خود ڪوئٽيا ۽ سندن رسالي "سنگت" جنهن جو ايڊيٽر بزنجي صاحب جو فرزند بي زن آهي، تنهن ۽ سنڌ جي خلاف زهريلا مضمون ڇاپيا ويا ۽ سنڌ کي هر طرح بدنام ڪيو ويو. انهن ۽ پين حرڪتن ڪري پناهگير ٽهپ جي ڪٽر قوم پرست پناهگير پيرن جي مريد سردارن نه رڳو سنڌ جي عوام سان ويساهه گهاتي ۽ دشمني ڪئي پر بلوچستان جي عوام جي قومي جدوجهد کي سنڌي عوام جي قومي جدوجهد کان ڪائي، ان کي اڪهلو ڪري سخت نقصان پڻ رسايو. اهڙي طرح هن سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جي پاڻ ۾ واري اتحاد خلاف ڪئين سنگين ۽ معاف نه ڪرڻ جهڙا جرم ڪيا.

سنڌ دشمن پناهگير ۽ سندن هوند سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جو سانڍ ڏوڙي نه سگهندا.

ڀر بلوچستان جي مظلوم ۽ بهادر عوام جو انهن سردارن جي سنڌ دشمن حرڪتن سان ڪوبه واسطو

ڪونهي. سنڌ جي عوام جي دلين ۾ پنهن جي بلوچستان جي پائرن لاءِ جيڪا اڻاه ۽ گهري محبت هميشه پئي رهي آهي، تنهن ۾ انهن حرڪتن ڪري فرق نه آيو آهي. سنڌي عوام بلوچستان ۾ مرڪز جي ناجائز سياسي ۽ فوجي مداخلت کي ڏاڪاري ۽ ڏندي ٿو. سنڌي عوام جو مطالبو آهي: بلوچستان خلاف فوجي ڪارروائيون بند ڪيون وڃن. بلوچستان جي عوام کي پنهنجي حڪومت پاڻ هلائڻ جو جمهوري حق ملڻ ڏيو وڃي. سنڌ ۽ بلوچستان جو سٿي ۽ پنهنجو وارو ساٿ آهي، اهو ساٿ اڻل ۽ لازوال آهي. چند وڏيرن يا سردارن جون حرڪتون اڻ ساٿ کي توڙي نٿيون سگهن. اسين بلوچ سردارن وانگر نقلي ترقي پسند ناهيون. اسين سنڌ جا سچا قوم پرست ۽ سچا ترقي پسند، مرڪز-پرست سنڌي وڏيرن جي بلوچستان دشمن قدمن جي سخت مخالفت ٿا ڪريون. بلوچستان جي عوام جي حمايت ٿا ڪريون. سٿي جي ديس ۽ قوم جا ماڻهو پنهنجو وطن ۽ قوم جي ماڻهن خلاف زوراوري هرگز برداشت نه ڪندا. سنڌ بلوچستان سان آهي.

اسين ڪاڏي ڏسڻ ٿا چاهيون

اسان پنهنجي گذريل ڪتاب جي ايڊيٽوريل ۾ پوري ذميواريءَ، سنجيدگيءَ ۽ فضيلت سان سنڌي قومي جدوجهد جي ڪن مسئلن تي پنهنجي راءِ جو

اظهار ڪيو هو. اسان پاڻ کي محب وطنيءَ ۽ حق پرستيءَ جا اڪيلا ٺيڪيدار نٿا سمجهون. اسان جيو هو ته اسين اختلاف ۽ تنقيد جي آجيان ڪنداسين. اسان پڙهندڙ سائين کي رهبري لاءِ خلوص پريو عرض ڪيو هو. ڪيترن پڙهندڙ سائين اسان سان اختلاف ڪيو آهي. پنهنجا دليل ڏنا آهن ۽ اسان تي اصولي تنقيد ڪئي آهي. اسين الهيءَ رهبريءَ لاءِ سندن ٿورائتا آهيون. اسان سندن خط جا جواب ٽڪرا پڻ ڇاپي رهيا آهيون.

ٻئي طرف پن رسالن جي فاضل ايڊيٽرن اسان جي ايڊيٽوريل جو جواب ذاتي حملن، گاريون ۽ بليڪ ميل ڪرڻ جي تمڪين سان ڏنو آهي. اسان ڪيترين دفعي لکيو هو "ظاهر آهي ته غلط فهميون ٿيندڙ آهن. اگر اون ڪجهه ڏيون. الزام مڙهيا. سٽن سڌن ڳالهين کي اتيون ميڙون ڦهرائيون. پر اسان اهو سڀ ڪجهه پوئي ڪنيو آهي. اسين ذاتي حملن کي حقارت سان نظر انداز ڪنداسين. اصولي ڳالهين بابت پنهنجا خيال اصولي نموئي پيش ڪندا رهنداسين."

اسان کي خبر آهي ته نقلي اسلام پسندن، نقلي ترقي پسندن ۽ نقلي قوم پرستن جي هڙ ۾ سواءِ گار ڪنڊ جي ٻيو ڪي به ڪينهي. جيڪي ڪنهي ۾ هوندو سو ئي هٿ ۾ پوندو. اسان کي خبر آهي ته سنڌي عوام قومي سياست ۾ گار ڪنڊ کي ڏڪاري ٿو. هو ان کي قومي اتحاد ۽ قومي مفاد خلاف سنگين ۽

معاف نہ ڪرڻ جھڙو ڏوھ سمجھون ٿا. اسان کي احساس آھي تہ گار گند ۽ ذاتي ڏاڑھيءَ پٽ ڪرڻ ٽيندو سنڌي قوم جي ڪنن تي لوڻ ٻرڪڻ.

تنھنڪري اسين پنھنجي وعدي موجب انھيءَ گار گند کي حقارت سان نظر انداز ٿا ڪريون. اسين اصولي ڳالھين بابت پنھنجا خيال اڳي جيان اصولي نموني پيش ڪندا رھنداسين.

جيتري قدر پليجي صاحب جي ذات تي گند اڇلائڻ ۽ ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ جي ڏمڪين ڏيڻ جو سوال آھي، اسان کي خبر آھي تہ سنڌي عوام جو ھي اوڙڪ، اڻ موٽ، داڻاء ۽ باڪمال فرزند سنڌ جي ٻين سرويچ ۽ ارڏن اديبن، دانشورن ۽ قومي ڪارڪنن وانگر سنڌي عوام ۽ جي خدمت جي راھ ۾ ھرقسم جي ذھني ۽ جسماني سختي ۽ ايذاءَ کي برداشت ڪرڻ ۽ ان جي مڙسائي مقابلي ڪرڻ جو عادي آھي. ڪابہ گندي ڪان گندي سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن حرڪت کيس پنھنجي راھ تان ھٽائي نہ سگھندي. ھن جو ھميشہ اھو اصول ٻڌي رھيو آھي تہ:

ڪندا سون ٻرن ۾ ٽوڻي اک لڳن،
آگر آڳوٺي نہ مڙي، ڇپون ٻر ڇڻن،
ويندي ڏانھن ٻرين، جڳي جات نہ ٻاڻيان.

اسان کي يقين آھي تہ ھو ان اصول تي قائم رھندو.

["تحريڪ" پبليڪيشن ـ مارچ ۱۹۷۳]

نئون ون يونٽ

ون يونٽ جي خلاف سنڌي عوام گذريل ڪيترن سالن کان جدوجهد ڪندو رهيو آهي، وڏين قربانين ۽ ڪشالن کان پوءِ ون يونٽ جي پراڻي ڍانچي کي ڀاڃو ويو. چوطرف ڪيترون مبارڪون هلي ويون. جشن ملهايا ويا. هرڪنهن چيو ته: هيءَ بلا سون ماري. پر ڏسڻ وارن ڏٺو پئي ته ون يونٽ جو ڪوٽ پاڙان نه پٽيو ويو آهي. فقط پراڻين سري ڪاڏل پتين جي مرمت ڪري، ڪين نئون رنگ روغن لڳائي، هڪ نئون قهري ڪوٽ کڙو ڪيو ويو آهي.

اهو ڪوٽ اڳوڻي ون يونٽ جي ڪوٽ جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط، وڌيڪ پختين پاڙن وارو ۽ وڌيڪ سخت آهي. نئون آئين نئين ون يونٽ جو نئون دستور آهي.

نئين آئين، نئين ون يونٽ جي قيدخاني جي ديوارن ۾ ڪاڻ اقلي اسلام جو رنگ ۽ نقلي سوشلزم جو روغن ڪي عوام کي خوش ڪيو آهي. قيدخاني جي پهريدارن ۽ جهارن کي عوامي وردين ۾ ڦرايون ويون آهن.

اڳوڻي ون يونٽ ۾ ڪمزوري اها هئي جو اهو

بکيڙي پاڇي هيٺ سنگينن جي زور سان عوام
جي مٿان مڙهيو ويو هو! ٿين آئين ون يونٽ کي
انهيءَ ڪمزوريءَ کان آڻو ڪيو آهي. ٿون ون يونٽ
عوام جي ووٽ سان، عوام جي چونڊيل نمائندن مٿان
۽ عوام جي قائد جي هدايت ۽ زير نگرانيءَ ۾ مڙهيو
ويو آهي.

اڳوڻي ون يونٽ ۾ پاڪستان جي مختلف قومن
جو نالو نشان گم ڪيو ويو هو. عوام جي پولين ۾
ثقافتن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. صوبائي خودمختاريءَ
جي وجود کان انڪار ڪيو ويو هو. ٿين ون يونٽ
جي ٿين آئين ۾ اهي نقص نه آهن. جن آئين ۾
پاڪستان جي مظلوم صوبن جا نالا ۽ سندن پوڙي
پوڙي ويڙي آهي. عوام جي پولين جي حفاظت جي
بهاني سندن گلو گهٽيو ويو آهي. صوبائي خودمختاريءَ
جي نالي ۾ صوبائي خودمختاريءَ جي مٽي پليد ڪئي
ويڙي آهي.

اڳوڻي ون يونٽ جي آئين مڙهڻ پوري عوام کي
سنگينون ڏيکاري سندن اکيون پٽيون ويون هيون.
ٿين ون يونٽ جي ٿين آئين ۾ عوام کي "عوامي"
آفيسر ڪارائي بيهوش ڪيو ويو آهي.

پاڪستان جا عوام گذريل پنجويهن سالن ۾ ڪٿن
دوکا ۽ فريب کائي چڪا آهن. ٻر هڙي ويساهه گهاتي
پاڪستان جوڙي ويساهه گهاتن جي ملڪ ۾ ٻر ورلي

ٿي هوندي. اڳي ته عوام دشمن خلاف فرياد هو. پر هاڻ رڳو عوام دوستن ۽ پر عوام جي قائدن سان واسطو آهي. انهن جي دانهن ڪنهن کي ڏجي؟

جي سي لوڙائو ٿيا جنين سندي ڏار،
ماروئڙا فقير ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟

ڪنڊيءَ جهليو ڪانهن، عاشق آيو آهون ڪري،
تو ڪيئن پوڙي سُهڻي پهلي منهنجي ٻانهن؟
درياهه ٻوڙي دانهن ڏينڊس ڏينهن قيام جي!

بهر حال قومن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون لاهيون چاڑهيون اچڻيون آهن. اسين انهيءَ ٽئين ويساهه گهاتيءَ سان نوان سبق سکنداسين. اسين بزدل ۽ مايوس نه ٿيندا سين. اسين پنهنجي قومي حقن جي جدوجهد جاري رکندا سين. اسين پنهنجن حقن لاءِ لڙندا رهنداسين.

ڪڪائي ڏر ٽيلهه چڙهه چڪيائي چوٽين
هلندي هوت پنهونءَ ڏي پو مڙيئي پير
آئي راڻو ريل وينن تان واري ورڻ!

فتح حق جي ٿيندي، فتح پاڪستان جي، مظلوم قومن جي عوام جي ٿيندي، فتح سڌي عوام جي ٿيندي.

اڏر ۾ ابليس!

مظلومن تي رڳو ظلم ٿئي ته به ڪهيو. سندس زخمن تي لوڻ هرڪو به ضروري سمجهيو ويندو آهي. مرڻ

جو مارئل رڳو بيماريءَ وگهي مري، يا ڪوڪوڙي ڪيس ۾ جهليل رڳو ڦاهي ڇاڙهي سو ڪافي ناهي. جيستائين پوپا، ملان، ڊاڪٽر، پوليس، ڪامورا ۽ وڪيل ڪيس ڪوڙا ڏنا ڏيئي سندس گهر ڀينگ نه ڪن، تيستائين مرض جو مون، قيديءَ جو ڦاهيءَ چڙهڻ بہ بيقاعدي ٿيو پوي.

نئين آئين پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي آسن ۽ اميدن کي جهڪي ڌڪ ڏنا آهن، تن ڪي لوڙ پرکڻ لاءِ مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جا ازلي ويري وري بہ جمهوري پڳ پڌي اچي گڏ ٿيا آهن. هڪڙي پاسي نقلي اسلام پسند ملان ۽ پير، پئي پاسي نقلي ترقي پسند ڪامريڊ ۽ نئين پاسي نقلي قوم پرست سردار. سيني هڪ پئي کي ڏوري اچي ڏنو آهي. هي رهزن، ٺڳن ۽ پهروين جو ٽولو عوام جي ڪٽن ڪي لوڙ پرکڻ لاءِ عوام جي آئيني حقن جي لاش ڪي اوچنگارون ڏيڻ ويٺو آهي. ڇاڻڻ وارا ڇاڻن ٿا تہ جمهوريت جا قاتل اهي ئي آهن. جهڪي هينئر وڏيون اوچنگاريون پيا ڏين. اهو ئي رهزن نقلي ٽولو آهي جنهن اسلام، جمهوريت، سوشلزم ۽ عوام جي نالي ۾ هميشہ پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي گس هلندي راهہ تان پلايو ۽ ڦريو. هن ٽولي جي ئي مائٽن ظاهر ظهور جمهوريت جا قافلا ڦريا، ماريا، لٽيا. هنن رهزن جا پلاند بنگال جي خون سان ڀريل آهن. هنن

ڪي ون يونٽ جي ڪوڙي مخالفت ڪري سچي مخالفت جي راهہ بند ڪئي. هنن ڪي ڏکيڻن ڪي قتل عام ڪرڻ جون هشيون ڏنيون، هنن ڪي پاڪستان ڪي انڊونيشيا بنائڻ، لکين ڪروڙين عوام جو ڪوس ڪرائڻ جون سڙون سڙيون، هنن ڪي ماڻهن جون زبانون ٽارن کان چڪي ڪيڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. هنن ڪي ڪي چيو تہ سنڌ ۽ بہ بنگال جهڙي ڪوس جي ضرورت آهي، هنن پاڪستان جي مظلوم قومن، سندن پولين ۽ ثقافتن سان ويساهہ گهاتي ڪئي.

هنن ڪي اعتراض اهو ڪونهي تہ اردوءَ ڪي پاڪستاني عوام ۽ قومن مٿان قومي پولي ڪري ڇو ٿاڦيو ويو آهي؟ حقيقي قومي پولين کي ڇو نظر انداز ڪيو ويو آهي؟ يا پاڪستان جي مختلف قومن جي قومي وسيلن کي ڇو لٽ جو مال بنايو ويو آهي يا ڏوميہ ٽائيل جا رهيل ڪهيل بند پڇي ٻاهرين ٻوڏ لاءِ ميدان ڇو صفا ڪيو ويو آهي يا ٻهارين کي سنڌ تي مڙهن لاءِ قانوني اشڪنجا ڇو ٺاهيا ويا آهن يا ڦوبائي- خود مختاريءَ جي نالي کي سکڻو فريب ڇو بنايو ويو آهي؟ انهن "جمهوري" ڳجهن کي ڳٽڻي اها آهي تہ اقتدار جي ڏوني مان اڃا بہ ڪين وڏو حصو نہ ملیو آهي. اسلام جي آڙ ۽ اڃا وڌيڪ بي خيائيءَ ۽ بيشرميءَ وارو آئين ڇو نہ ٺاهيو ويو آهي ۽ پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي الشمس ۽ البدر جي قاتلن

جي، کلي جاگير جو نہ ٻاهو وهو آهي. هي جمهوريت جي قاتلن جو محاذ آهي. هي عوام جي رت جي پياسن زهري ناگن جو محاذ آهي. هي آهي آهن جن جي لاءِ فرمايل آهي "منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس".

پاڪستان ۽ سنڌ جو عوام پنهنجن هنن ازلي ويرين خلاف حياتي ۽ موت جي جدوجهد جاري رکندو.

سنڌين کي جمهوري حق ڏيو

سنڌ ۾ هن وقت فقط بن ٽولن کي گالهائن جي موڪل آهي. هڪڙا وڏيرا ۽ وزير ۽ ٻيو آهي جمهوريت جا قاتل ۽ جلاد، جي پاڻ کي جمهوري مخالفت جا وارث سڏائي ملڪ ۾ مڪر، فاشزم ۽ غنڊا گردي ذريعي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين. ٻئر سنڌ ۾ هڪڙي ٽي ڏر به رهي ٽي. اها ڏر آهي سنڌي عوام، پيپلز پارٽيءَ عوام سان جمهوريت جو واعدو ڪيو هو. جمهوريت اها ناهي تہ فقط وڏيرا ۽ وزير صاحب ڪوهر افشاني فرمائين ۽ عوام سڏائين رڳو وات ڦاڙي سندن گلاب جي گل جهڙا گفتا جهٽين.

جمهوريت جو مطلب آهي تہ جي مهيني جا ٻہ ڏينهن سرڪار نامدار جا ڪوهر پنهنجون گفتارون ٻڌائين تہ ڪهڙ ۾ گهڙ هڪڙي ڏينهن تہ عوام کي به وارو ملي. جيئن هاري، مزور، نندا واپاري، آبادگار، شاگرد، دانشور ۽ قومي ڪارڪن به پنهنجي دل جو حال

اوري سگهن.

اردو واڙن کي سوين ۽ هر هزارين اخبارن ۽ رسالن جا ڪليئريشن ڏنا ويا آهن جي هر سوالي تي سنڌ سنڌي هولي ۽ سنڌي ثقافت خلاف زهر ڦهلائين ٿا. جڏهن هنگاما ڪرائڻا هوندن، تڏهن اهي رسالا ڦري اڙ ٽانڪ بيچي ۽ رڳو سنڌي عوام تي پر خود حڪومت تي ڦيون ڪيي ڪين ڏنگڻ ايندا.

انهن جي مقابلي ۾ سنڌ جي گهٽين اخبارن ۽ رسالن کي ڪليئريشن مليا آهن؟ گهٽين کي اشتهار ملن ٿا؟

اسان تحريڪ لاءِ گذريل سال ڪان ڪليئريشن داخل ڪيو آهي. ان کان پوءِ اردو جي سوين عوام دشمن رسالن کي ڪليئريشن مليا آهن. پر اسان کي اڃا تائين ڪليئريشن نه مليو. اسان هن ڪتابي سلسلي جي در تي سي سڪ ڏي اوارا ڦرو ٿوس ٿوس ٻڌا ڪن سنڌي عوام جمهوريت گهري ٿو. سڀالهائن گذ ڏيل خيالا ڪرن لکن ڇاڻن جي آزادي گهري ٿو. سنڌي عوام سرڪار جي مخالف نقلي جمهوريت رسلن جي جمهوريت پسنديءَ جي دعوائن کي پڳهي طرح سمجهي ٿو. پر ان جي مقابلي اڃا تائين اهي ته انهن ڪوڙن دعويدارن جو ڀهانو ڪري خود عوام کي جمهوري حقن کان محروم رکجي.

فسادن جي سازش کي ٻڌو ڏيو

اخبارن سان معلوم ٿو ٿئي تہ عوام دشمن وري فساد کرائڻ چاهين ٿا. انهيءَ ڳالهہ عوام کي بيچين کيو آهي. خاطري آهي تہ کراچي، خيرآباد، ميرپورخاص، سکر، نواب شاهہ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ فسادين هٿيارن جا وڏا ذخيرا گڏ کري رکيا آهن. فوجي تربيت ورتل الشمس ۽ البدر جا قاتل کراچيءَ ۾ تربيتي کيمپون کوليو ويٺا آهن. انهن جون کارستانيون گذريل فسادن ۾ ڏٺيون ويون. پوليس وغيرہ جي سنڌي عوام سان سچائي اسان ڏسي ڇڏي آهي. سي-آءِ-ڊي سڄي فسادين جي ايجنٽن سان سٽي ٻڌي آهي. اها سرکار کي ٻڌائيندي تہ فسادين ڏانهن سپ خير آهي، البت سنڌو ديش جا نهرا هندوڙ چوکرن مان وڏو خطرو آهي! سنڌن رهورٽون سراسر گمراهہ ڪندڙ ۽ شرارتي هونديون. سرکار کي آخر وقت تائين پتو کونہ پوندو تہ چا ٻيو ٿئي. تان جو سڄو ملک فسادن جي شعلن ۾ وٺجي ويندو. تقريرباز ۽ بيان باز عوامي وڏيرا پڄي وڃي ايئرکنڊيشن بنگلن ۾ آرام ڪندا. سنڌي خلق موت جي منهن ۾ اڇي ويندي.

اسين مطالبو ٿا ڪريون تہ فسادن جي تيارين کي کچلڻ لاءِ هٿيارن جون تلاشيون ورتيون وڃن. فساد ۽ سازش جي اڏن کي ناس کيو وڃي. جڪي ماڻهو قتل عام جون بچون ٻيا ڪن تن خلاف مڪمل جاچ

ڪڻي ويجي ۽ منڻ قتل جي سازش جا مقدما هلايا ويڻ.
گذريل فسادن جو پارڻ پاريندڙن تي بہ ساڳيو قدم
کنيو ويجي. ساڳئي وقت اسين سنڌي عوام کي بہ
چونداسين تہ هو بہ پهري سجاڳ رهن. جن جن شهرن
۾ خطرو آهي، اتي جا باشندا غنڊن جي سازشن تي
نظر رکن، غنڊا گرديءَ خلاف متحد ۽ منظم ٿين ۽
امن امان بحال رکڻ لاءِ حفاظتي تدبيرون اڳواٽ سوچي
ڇڏين ۽ انهن تي عمل ڪن.

سنڌ امن ۽ سلامتيءَ جو وطن آهي. ان ۾ غنڊا گردي
۽ فسادين کي هرگز برداشت نہ ڪيو ويجي.

["تجريڪ" پبليڪيشن - اپريل ۱۹۶۳]

سنڌ تي ٽئون حملو

سنڌ تي ٽئون حملو جاري آهي. افغانستان، ايران، نيپال، بخارين ۽ چين رستن کان زمين، پاڻي ۽ هوا مان يڌاري قابض جا ڪڪ سنڌ تي ڪڙڪي رهيا آهن.

اڳوڻي زماني ۾ به قبيلن، قومن ۽ ملڪن تي چڙهايون ۽ حملا ٿيندا هئا ۽ هاڻي به ٿين ٿا. اڳوڻي زماني ۾ هڙئي حملي جو اطلاع پڌري جيئن جي چوڻين تي وڏا مڇ پاري، سڄي قبيلي کي خبردار ڪيو ويندو هو ۽ مقابلي لاءِ گڏ ٿيڻ لاءِ سڏ ڏنو ويندو هو. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تيز رفتار قاصد دوڙندا هئا. جيڪر جتي هوندو هو، اهو اتي سڀ ڪم ڪارون ڇڏي، دشمن سان مقابلي لاءِ، مقابلي جي مرڪزن تي گڏ ٿيڻ لڳندو هو. شاعر بهادريءَ جا رجز ۽ ترانا پڙهي مانجهي مردن کي مقابلي جي ميدان ڏانهن وڌڻ لاءِ للڪارينداهئا. ڪوندر ڪنڊ ڪپائي ديس ۽ قوم تان سر ڏيڻي سڙها ٿيندا هئا. سٿين، هُون، آريا، يوناني، ايراني حملو ڪندڙ ڪڪ جڏهن سنڌ تي ڪڙڪيا، تڏهن سنڌين حملي جي خبر پڌڻ شرط اٿين ڪيو. عربن، افغانن، ارغونن، ترخانن، مغلن، پٺاڻن ۽

انگريزن جي حملن پيري ۾ سنڌي قوم ائين ڪيو. هنن ڪڏهن ڪٽيو ته ڪڏهن هاريو. پر ائين ڪڏهن به ڪونہ ٿيو ته حملو ٿئي ۽ ان جو سنڌين طرفان ڪوبہ مقابلو نہ ٿئي.

سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ اڄ ٻيهرين دفعو هڪ رهزن ۽ قاتل ڪنڪ سنڌ تي ٻ ڻا مقابلي جڙهي رهيو آهي. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پئين، اوطاقن ۽ لاڙين ۾ موت جهڙي بيخبر مات آهي. اڃوڪي دور ۾ پي ڪنهن قوم تي اهڙي خطرناڪ دشمن جو حملو ٿئي ها ته هڪدم خطري جا گهنگهو وڄي وڃن ها. فوراً هنگامي حالتن جو اعلان ڪبو وڃي ها. پارليامينٽ گڏ ٿئي ها. ريڊيو ۽ ٽيليويزن جنگي نغما وڃائين ها ۽ قوم کي مقابلي لاءِ للڪارين ها. هٿيار بند فوجن کي هوشيار رهڻ جو حڪم ملي ها. پر هينئر ائين ٻبو لڳي جڻ ڪجهہ ٻ ته ٿيو آهي، سڀ خير آهي!

سنڌ کي جڏي رڳو عام امن امان، قانون ۽ انصاف جي گهالهہ کي ولجي نہ ٻ معاملو سنگين کان سنگين آهي. رڳو هڪڙي مبين ڏاهريءَ جهڙي معمولي ڏاڙيل ٻويان پوليس جا هزارين ڪنڪ سالن جا سال سرگردان رهياء. لکين روپيا خرچ ڪيا وياء. جيپون، موٽرون، وائرليس سيٽ، هيليڪاپٽر حرڪت ۾ آندا وياء. اڃا ڪٽان ڪو ڏس ٿي ملهو ته مبين ڏاڙيو پاسي

پڻجي ٿو ته ٽيليفون ۽ وائرليس ٽرٽلي ۽ اچي ٿي ويا. ٻاڪي بندي ٿي ٿي، گهٽ جهليا ويا ٿي، جيپون ڊوڙيون ٿي، هنگامو کڙو ٿي ويو ٿي.

هي قاتل ڪنهن ڏينهن ڏٺي جو شاهم شاهوڪاريءَ پٽي پانهون هٽندا ڪراچيءَ ۽ گهڙن ٽاڻ سندن جهڪي جوڙيوال اڳيئي ستڻ ۽ ديرو جمايو ويٺا آهن، ۽ سنڌ کي مهاجرستان بنائڻ لاءِ گهات پيا گهڙين سي سندن اچڻ ٽي هنبوچيون پيا هٽن، سندن واسطي پلاٽ والارپو ويٺا آهن، فليٽ پيا ٺهن، نوڪريون اڳواٽ رزرو ٿيون پيون آهن، مطلب ته سندن ائين استقبال ڪيو پيو وڃي جڻ ڪي قومي سورما هجن. حالانڪ هنن مان هرهڪ اهڙن ته وڏن ڏوهن جو ڏوهاري آهي جو انهن ڏوهن جي اڳيان سڀين ۽ رحيم هنگوري جهڙا ماڻهو جڻ ته معصوم فرشتا هٽاء هُنن ٻه، چار، پنج، ڏهم خون ڪيا، ڪجهم گهر ڦريا يا ساڙيا، ٻن ٽن هزارن يا لکن جو نقصان ڪيو، ۽ هن هڪڙي سڄيءَ قوم کي ڪُٽو، هڪڙي سڄي وطن کي باهم ڏني، هڪڙي سڄي ڪنڊ کي رت ۾ وهنجاريو، هڪڙي سڄي ملڪ جو ڪرنگهو ڀڄي ان کي ٻه ٽڪر ڪيو، هنن قاتلن کي پڪڙڻ واري پوليس ڪٿي؟ هنن کي سزائون ڏيڻ واريون عدالتون ڪيڏانهن ويون؟

هي انساني ويسن ۾ درندا آهن، هنن جو وجود بي حياڻيءَ، نمڪحراميءَ ۽ غداريءَ جي خمير مان

ٹهيل آهي. هنن جو پير نياڳ ۽ نحوست جي علامت آهي. هنن جو ذهن مڪر، فتني ۽ فساد جو ڪورو آهي. هي هلاڪو، نادر شاهه، هٽلر جو ناپاڪ ۽ نجس روحاني تخم آهن. هي پاڪستان لاءِ فساد، خون، موت ۽ تباهيءَ جا پيغام ڪٽيو پيا اچن. هي پاڪستان جي هڪڙي مظلوم پاڪستاني قوم کي تباهه ڪري، هاڻ ان جي ٻي ماريل قوم کي تباهه ڪرڻ آيا آهن. هي سنڌ جا نوان مالڪ ۽ آقا بنجن آيا آهن.

ڇا هنن کي سنڌ ۽ بنگال وارو خوني ڊرامو ڏسڻ ڏنو ويندو؟ سنڌيو! هن موتمار حملي جي مقابلي لاءِ هوشيار ٿيو، پاڻ ۾ پڌي ڪريو ۽ جدوجهد هلايو! فتح حق جي ٿيندي. فتح مظلوم ۽ مجاهد عوام جي ٿيندي.

سي - آءِ - ڊي جي اسپيشل برانچ - سنڌ دشمن سازش جو اسپيشل اڏو!

جڏهن کان پاڪستان ٺهيو آهي، سنڌ ڪٽر قوم-پرست، تعصبي، عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن ڪامورن جو شڪار گاهه پئي رهي آهي. هنن سنڌ کي قرئي، لٽي، ٻهاري محل مازيون، جاگيرون ۽ ڪارخانا ٺاهيا. اڄ حالتون ڪجهه بدليل آهن. منجهائن ڪي نڪتا آهن ته ڪي بدلي ٿيا آهن. پر جيڪي جتي رهيا آهن. سي اڃا تائين پنهنجي پراڻي ڪيرت کي لڳا پيا آهن.

سياسي طرح سندن سڀ کان وڏو اڏو سي-آءِ-ڊي کانو ۽ خاص ڪري ان جي اسپيشل برانچ يعني سياسي برانچ آهي. ان اڏي تي سڀ کان سازشي، تعصبي ۽ فتني خور سنڌ دشمن آفيسر قابض رهيا آهن. ان اڏي کي ڪم آڻي هنن جماعت اسلامي ۽ متعصب محاذ سان پٽ ٿي سنڌ جي شاگردن، هارين، مزدورن ۽ قومي ڪارڪنن خلاف ڪوڙا ۽ جعلي رڪارڊ تيار ڪري، سنڌ کي ظلم ۽ ستم جو نشانو ٻڌايو آهي. هنن کان ڪير پڇڻ وارو ڪونہ هو. سندن لکيو لوح محفوظ هو. ڏينهن کي رات چون ٿو وس وارا جي رات کي ڏينهن چون ٿو ٻہ وس وارا.

حيدرآباد جي اسپيشل برانچ جا گهڙيل ڪوڙ خود يحيٰ شاهيءَ جي هٿ ڏوکين فوجي عدالتن ۾ ٻہ اگهاڙا ٿي ٻڌا. حفيظ قريشيءَ تي هلايل فوجي مقدمي ۾ هنن رڪارڊ پيش ڪيو تہ فلاڻي تاريخ حفيظ قريشي اورينٽ هوٽل ۾ جلسي جي صدارت ڪئي. حالانڪ ان ڏينهن حفيظ قريشي لائلپور جي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي رهيو هو. پنجابي جج کي گهرايو ويو. ان جي شاهدي، هوائي ڪمپني جو رڪارڊ ۽ ٻيا ثبوت پيش ٿيا. تڏهن لاچار فوجي عدالت کي تسليم ڪرڻو پيو تہ اسپيشل برانچ ڪوڙو رڪارڊ ٺاهيو آهي. اهو رڪارڊ ڪنهن سنڌيءَ ٺاهيو هجي ها تہ ان کي اتي جو اتي ۱۴ سال ٽيپ ڏئي ڇڏين ها. پر هي تہ "پنهنجا" ماڻهو

هٽاء انهن کي الفان ب ۾ ڪونہ چيو ويو.

موجوده حڪومت جي اچڻ کان پوءِ ۾ هن سنڌ دشمن اڈي جي ڪارستانين ۽ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو آهي. گذريل سنڌ دشمن فسادن پيري جيڪي گرفتاريون ٿيون، تن جي سلسلي ۽ هرهڪ نظر بند کي لکيت ۾ ٻڌايو ويو تہ تو ڪهڙيون ڪهڙيون تقريرون ڪيون آهن. جڏهن سنڌي ۽ سنڌ دشمن نظربندن تي لڳايل الزامن جي پيٽ ڪئي وئي تہ اسپيشل برانچ جي ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ کي داد ڏيڻو پيو. سنڌ دشمن نظربندن تي جڏا سڏا ناليا ماٹر الزام لڳائي رکارڊ جي پورائي ڪئي وئي. انهن کي پڙهي هرڪو ائين سوچڻ تي مجبور ٿيو ٿي تہ ويچارن کي ناحق اڙايو ويو آهي. ۽ سنڌي نظربندن خلاف ٻيو ڪوڙي اهڙا ڪوڙ هنيا ويا جو جڻ تہ هو نظر بند نہ ٿين ها تہ پاڪستان کي اڏائي ڇڏين ها.

تازو جيڪي گرفتاريون ٿيون آهن، تن ۾ بہ هنن اهڙا ڪروٽ ڪيا آهن جو خود حڪومت کي مجبور ٿي قبول ڪرڻو پيو آهي تہ گهٽ گرفتار ٿيلن خلاف هٽ جون هنيون ويون آهن.

اهو سڀ ڪجهہ هڪ سوچيل سمجهيل سازش هيٺ ٿي رهيو آهي. ظاهري حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي آهي ۽ اندر راج جماعت اسلامي ۽ متعصب محاذ جي هنن چاڙتن جو آهي.

سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته هي بدمعاشيءَ جو اڈو بند ٿيڻ کپي. هن جي سموري ڪوڙي ۽ جعلي رڪارڊ جي تپاس ڪڍي وڃي. جعلي رڪارڊ ٺاهيندڙ مبازشين کي برطرف ڪري مٿن مقدما هلايا وڃن ۽ هي ڪم غير متعصب ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي. جيڪي ڪنهن سنڌ دشمن سازشي ٽولي جا چاڙتا نه هجن. سنڌي شاگردن، هارين، مزدورن، دانشورن ۽ قومي ڪارڪنن خلاف ٺاهيل ڪوڙو رڪارڊ رد ٺهرايو وڃي. اسپيشل برانچ جي اسپيشل ڪوڙن جو سلسلو ختم ڪيو وڃي.

آزاد ڪريو!

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ ڪيترا سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وطن، پنهنجي پنين، پنهنجي عوام سان پيار ڪرڻ ۽ انهن سان وفادار رهڻ جي ڏوهه ۾ قيد ڪاٽي رهيا آهن.

انهن ۾ گهڻا وطن دوست هاري ۽ مزور آهن. ڪجهه شاگرد آهن. هاڻي هڪڙو محب وطن زميندار اڳواڻ محترم جي ايم سيد وري به نظر بند ٿيو آهي. ڏسجي ٿو ته فهرست لمبي ٿيندي. هڪڙي پاسي تر جو هر رهزن ۽ ڏيرو سياسي سو ڏهين جون لسٽون ٺاهيو ويٺو آهي. ٻئي پاسي سنڌ دشمن سي - آءِ - ڊي وٽ جماعت اسلاميءَ ۽ متعصب محاذ جون تيار ڪري ڏنل لسٽون آهن. ڪو نه ڪو بهانو ڪڍي. يونيورسٽي جو واقعو نه

ٿي ها ته کو ٻيو ٻهانو هت ڪجي ها. سنڌ دشمن وڏيرا ۽ سنڌ دشمن ٻرمار ٻاڻ ۽ جُٽ ٿيو واڳن وارا وات ٻڌو ويٺا آهن.

سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته سمورن سنڌ جي قيدي هارين، مزورن، شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن ۽ محب وطن زميندارن کي آزاد ڪيو وڃي. جڏهن وڏيرا ۽ جاگيردار سنڌ کي پنهنجي ذاتي جاگير بڻائڻ جي هٿ ۾ مبتلا آهن، تن کي لغام ڏنو وڃي.

["تحريڪ" پبليڪيشن - مئي ۱۹۷۳ع]

سپ روڻ پيا!

سپ روڻ پيا. پاڪستان جي سياسي جهنگ جا سپ خونخوار آدمخور روڻ پيا! واڳون روڻ پيا. بگهڙ اوچنگارون پيا ڏين. مرون هاءَ هاءَ پيا ڪن. ڪپر ۽ لنڊيون، هڻ ڪٽيون ۽ ڪوراڙيون ٽڏا ساهه پيون پرين. هنن کي بلوچستان جو ڏک آهي!

بنگال جي ڪاساڻي مودودي کي اکه ۽ گوڙها آهن. مظلوم قومن کي سنگسار ڪرائڻ جون سڀني جماعت سڳوري جي ريش مبارڪ ڀان لڙڪ لارون ڪري پيا وهن! سنڌين جي پير ۽ سڀ دشمنن جي مريد، حضرت پير سائين پاڳاري جون نوراني اکيون آليون آهن! سنڌ- دشمن فسادن جو روحاني پيشوا رئيس امروهوي عرف ڪڇو ڏک ۾ بيحال آهي. ڪڇو مائم ۾ آهي. قوم دشمن چغلخورن جو پيش امام سردار علي شاهه سينو پيو ڪٽي. انهن کي بلوچستان جو ڏک آهي.

مودودي جو مريد ولي خان، بزنجو ٽولو يار پيو ڪيڙي. هي اهو عوام دشمن ٽولو آهي، جنهن ننڍين قومن جي جدوجهد کي پٺ ۾ خنجر هنيو، پاڪستان جي قومي بولين، بلوچي، سنڌي، پشتو ۽ پنجابي سان غداري ڪئي، صوبائي خودمختاري جو مذاق اڏائيندڙ

دستور صحيح ڪيو، پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي آزادي
ويرين طرفان سنڌ ۾ ڪيل فسادن جي پٺيراڻي ڪئي،
مظلوم سنڌين خلاف انڪوائريون ڪوڙيون هلائي
سندن خلاف پروپيگنڈا ڪئي، جيئي سنڌ جي جدوجهد
خلاف زهر اوگاريو، مظلوم قومن جي دشمن جي
چمچا گيري ۽ دلالي ڪئي، پاڪستان جي مظلوم قومن
جي گڏيل جمهوري مورچي کي ٽوڙي دشمن کي راضي
ڪيو، بلوچ عوام جي جدوجهد کي پين مظلوم پاڪستاني
قومن جي جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪرڻ، ان کي
اڪيلو ڪرايو. اهو بلوچستان ۽ پين سڀني مظلوم
پاڪستاني صوبن جو غدار ٽولو به هاڻ پيو ڪري.
انهن کي ته بلوچستان جو ڏک آهي، سڄي ملڪ جي
قومي قاتلن کي بلوچستان جو ڏک آهي. هو چوطرف
ڪاوڙون ڪڍيو، بلوچستان جي پٽ تي قبضو ڪرڻ،
بلوچستان جي ڏکويل عوام کي وڪوڙيو ويٺا آهن:

بحر بلالن بچڑين پيون آفتون اڇگر،
ڪميون، ڪچون، لڏڙا، ڏاڪ ڏين ڏيڏر،
واڳن وات وڏا پٽيا، ڪڍيا واسينگن ور،
وات وچن جي نه ليي، پيا پکڑي ڪوڙ ڪپر!

هنن مدارين جي سانگ کي ڏسي ماٺهو پاڻيندو ته
بلوچستان کي خدا رکي، اتي سڀ خير هوندو. پر
سڀ ڪجهه جو ٿاهر هنن دليءَ جي ڏڪڻ جو ڪاميل هوندو.
پر بدقسمتيءَ سان اڄ ن ناهي. بلوچستان ۾ سڀ ڪير

ڪوٺي. اسان کي خبر آهي ته حڪومت جي بلوچستان واري پاليسي جي پٽيرائي ڪرڻ وارن جي ڪوٽ ڪاڻهي. پر خدا نہ ڪري جي سپاڻي پٽي بدران مودودي ٽو صدر ٽٽي ته هي سڀ ڪان پهرين رانيارڻ ڪري چوندا "پٽي پر مقدمہ چلاٽو!"

اسان کي خبر آهي ته جيڪي منافق بلوچستان لاءِ اوچنگارون پيا ڏين، سي دل ٽي دل ۾ خوشيءَ جون ڪڪيون پيا هڻن. سندن اصول آهي ته بچڙو ڪم ڏيڻ کان ڪرائجي. جي ڪو پاڻيهي وچي اهڙو ڪم ڪري ته پوءِ اهڙو مزو ڪو پيو! هنن لاءِ پٽو برڪار ۽ بلوچستان جا عوام پٽي هڪجهڙا دشمن آهن. پنهي مان جيڪو چٽ ٽٽي سو چگو. جي پٽي ختم ٽين ته اهڙو ڪو پيو مزو!

پر سنڌ جا عوام هزارين مصيبتن، بي واجبين، ناحقن ۽ ظلمن جي باوجود اهو هرگز نٿا چاهين ته مودودي ۽ سندس غدار چاڻٽن جو عوام دشمن ٽولو هن ملڪ کي قبضو ڪري. سنڌ جا ماڻهو هن حڪومت سان ڪيترا بنيادي اختلاف رکندي به سنڌ جي ازلي دشمن مودودي ٽولي جي مقابلي ۾ هن حڪومت جا خيرخواهہ آهن. هو چاهين ٿا ته حڪومت پنهنجون پاليسيون درست ڪري. دشمن کي وڌهہ نہ ڏئي. پنهنجي پير تي ڪهاڙا نہ هڻي.

صدر پٽي آڳ پاڻ نندو ٽي ولي خان ۽ بزنجي

ٽولي جا سپ آر سنا. اها صحيح ڏاهپ واري پاليسي هئي. جن ماڻهن کيس اها پاليسي آڻي ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي، سي سندس سڄڻ نہ پر دشمن آهن.

بنيادي سوال اهو ناهي تہ بلوچستان جي ڪوڙن قوم پرست سردارن جي هلت ڪهڙي آهي. بنيادي سوال اهو آهي تہ بلوچستان جي عوام سان ڪهڙي هلت جائز آهي.

بلوچستان جا عوام هڪ پاڪستاني قوم آهن. پنهنجي ڌرتيءَ جا ڌڻي آهن. هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان پاڪستان ۾ شامل ٿيا هئا. هنن کي ڪنهن فتح ڪري نہ هو. قومي برابري سندن پيدائشي قومي حق آهي. هن کي حق آهي تہ هو پنهنجي واڳ جنهن کي وٺين، تنهن جي حوالي ڪن. هو ڪٽي ڪاري چور کي پنهنجو اڳواڻ چونڊين، تہ بہ وس وارا آهن. پئي ڪهن کي بہ اهو حق ناهي تہ منڻ سندن مرضي جي خلاف زوري پيا اڳواڻ مڙهين. هو پنهنجي تجربي مان پاڻيهي سکندا، پنهنجو چڱو مڙو پاڻ سوچيندا. بهرحال ڏنڊي سان هارن کي پڙهائڻ جي بہ منع آهي. هيءَ تہ هڪڙي خوددار، دلير پاڪستاني قوم آهن.

چوندا آهن تہ "لٽ ڪنجي پاءَ بدران، جواب ڏجي خدا ڪارڻ" خدا ڪارڻ جواب اهو آهي تہ بلوچستان جي عوام جي قومي حقن سان هٿ چراند ناجائز آهي.

بر هيءَ رڳو خدا ڪارڻ واري گالهہ ڪونهي.

بلوچستان جا عوام تہ اسان جا پائر آهن. اسان جا هڈ ۽ چم آهن. اسان جا ساڻ سٹو سڳ آهن. اسين هڪڙي جي مٽي جيڙي جا وارث آهيون. اسان جو مرڻ جيئڻ گڏ آهي. اسان سنڌين کي پنهنجي پائرن پاران لٹ کٹڻ واجبي آهي.

اسين ولي خان، بزنجا ۽ مينگل ناهيون، جن پٽي جي باهم ۾ سنڌي عوام سان دغا ڪئي. اسين سنڌي وطن دوست، ولي خان، بزنجي ۽ مينگل جي پناهگير- پرست ٽولي جي سنڌ دشمن بدمعاشين جي ڪري بلوچستان جي عوام جي مسئلي تي اکيون ڏکي، منافقي ۽ بي حيائي نٿا ڪري سگهون. اگر مگر ڪري ترڪ ال واريون گالهيون ٻہ نٿا ڪري سگهون. اسان جي قوم جو اهو وڙ ٿي ناهي.

اسين سنڌي عوام صاف صاف ۽ پرزور مطالبو ڏيا ڪريون تہ بلوچستان جي قومي جمهوري حقن سان دست اندازي بند ڪئي وڃي.

اسين صدر پٽي کي خلوص سان اپيل ڏا ڪريون تہ بردباري، دانائيءَ ۽ تحمل کان ڪم ولي بلوچستان جي چونڊيل سرڪار کي بحال ڪيو وڃي. ٻوءِ پلي اها پناهگير ٽهپ جي هجي يا جماعت اسلامي جي. پس پيش اها ٿي صحيح گالهہ ٿيندي. موجوده پاليسي غلط آهي اها فوري ترڪ ڪرڻ گهرجي.

جوڏي ڪڪي لاءِ ڇا ڪو قانون آهي يا نه؟

اڇلهه سنڌ ۾ وڏيرن جي پيڪي مثل آهي. وڻ گهوڙو ٻڌڻ نٿا ڏين. ڪڙ ڪاٽ وڃائي ڇڏيا اٿن. چوطرف نفسانفسي جي پڪار آهي، شل نه ڪو ٻڙڪو وڏيرو ڪنهن گالهه تان ناراض ٿئي. هڻ ڪڻ وارو حساب ٿي ويندو! رات وچ ۾ راج پورجي ويندا، چي: سنڌو ديش جا حامي ٻڌا اٿئون.

پر سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مجرم اڃا ڪونه پڪڙيو ويو آهي. خوني ڪڪو اڃا آزاد آهي. خوني ڪڪي "اردو ڪا جنازه هي ذرا ڌوم سے نڪلے" وارو قائل سگنل ڏيئي غنڊن کي سنڌ دشمن فسادن شروع ڪرڻ جي ٻڌ ڪئي. گهر ۽ دڪان ساڙايا، ڦريون ۽ ڏاڙا هڻايا، ٻچا کهايا، ماڻهو مارايا، ڪربلائون ڪرايون.

پاڪستان پينل ڪوڊ موجب ڏوهه جي ٻڌ ڪندڙ مجرم، ڏوهه ڪندڙ مجرم جهڙو ليکجي ٿو. ڇاهي اها ٻڌ سڌي هجي يا اڻ سڌي. حقيقت ۾ ۽ پاڪستاني قانون موجب خوني ڪڪي، انهن ماڻهن هر هڪ ڏوهه جي ٻڌ ڪئي، سڌي توڙي اڻ سڌي.

انهن هزارين ڦرين، ڏاڙن، ٻاهين ۽ قتلن ۾ هو ٻين ڏوهارين جهڙو بلڪ، انهن کان ٻه وڌيڪ ڏوهاري جو، خوني ڪڪي جو نالو انهن هزارن سنگين ڏوهن مان هڪ ڏوهه جي فرسٽ رپورٽ ۾ شامل ڪرڻ ڪنڊو هو. هن وقت ڪيس هزارن سنگين ڪيسن ۾ جوابدار

هڻڻ ڪپندو هو. هيستائين ڪيترا ڪيس فيصل ٿيڻ ڪپندا هئا. سڀني ڪيسن ۾ ڪيس پڪو ٿيوت ملڻ جي حالت ۾ گرين گرين سزائن سان سزايابُ ٿي وڃڻ ڪپندو هو. هن وقت هو ڏوهه ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ قاسي گهات ۾ هڻڻ ڪپندو هو. هن وقت ڪيس ڏوهن ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ قاسي گهات اندر ۾ سنگين سزائن ملڻ جو منتظر رهڻ ڪپندو هو.

۾ خوني ڪچي جو تالو ڪنهن به فرسٽ رپورٽ ۾ نه لکيو ويو. هن قائل اعظم کي رڳو ننالي ماڻهو ڊي-ايي- آر ۾ به نه رکيو ويو. خولي ڪڇو آزاد رهيو. خوني ڪڇو آزاد آهي. خوني ڪڇو ٻين ڏوهن جي سازش ۾ مصروف آهي. خوني ڪڇو رڳو نمڪ حرام سنڌ دشمن خوني ڪڇو ڪونهي. سنڌي عوام جو ويساهه آهي ته جيڪڏهن سچي پاڪستان ۾ ڪوبه پاڪستان دشمن غدار آهي، جيڪڏهن ڪوبه پارٽي ايجنٽ آهي ته اهو خوني ڪڇي کان وڌيڪ پاڪستان دشمن، وڌيڪ غدار، وڌيڪ پارٽي ايجنٽ ٿي نٿو سگهي. فقط هڪڙو مثال ٿا ونون. مجيب کي پاڪستان تي باهيون آهن. مجيب چوي ٿو "هن منهنجو گهر ٻاريو آهي. آءٌ هن جو پولکو پينگ ڪريان." ان ڪري هو پانڌي ٿو ته ٻهارين جو نانگ جنهن بنگال کي ڏنگي نهوڙي ڏيو، سو پنهنجي ڇڇيءَ مان ڪڍي پاڪستان جي ڪنڌ ۾ وجهان. تنهنڪري هو چوي ٿو ته "ٻهاري بلا پاڪستان

ونڊي، هوڏانهن پارٽ جا ليڊر بہ هميشہ اهڙا وجهہ پيا ڳولين تہ پاڪستان ٽي اهڙيون چٽيون وجهون جو ستدس اڳر ٽگر ناس ٽي وڃي. انهيءَ ڪري هنن پناهگيرن جا ڪڪ هيڏانهن مڙي آماڻيا. جيانگون تہ سڄي هندوستان جا ڏهہ ڪروڙ مسلمان پاڪستان هليا وڃن تہ جيئن هڪڙي ڏڪ سان پاڪستان جو گهر مسيت ٽي وڃي. پر قائد اعظم چيو تہ "هاڻ ورهاڱو ٽي ويو. هاڻ جيڪو جتي هجي، اهو اتي جو وفادار باشندو ٽي رهي." ان ڪري وڏيڪ پناهگيرن جي اڃ ٽي بدش وڏي وئي. هاڻي هندوستان ڪي وري نئون وجهہ مليو اهي. هو پائين تہ بهاري بلائون پاڪستان ڪي ڪائي ناس ڪن، ڦڏا فساد مچائين، منڊين جو جيئڻ حرام ڪن تہ جيئن هڪڙي ڏڪ سان پارٽ جا پر شڪار ٿين، هڪڙي پاسي پاڪستان ڪٽي ختم ٽئي، پي پاسي پاڪستان جا اصل باشندا ننگ ٽي اسان ڏانهن پڇن. تنهنڪري بنگلا ديش ۽ پارٽ جون سرڪارون پٽي گهر ٽيون ڪن تہ بهاري بلائون پاڪستان پاڻ وٽ گهرائي. هوڏانهن پاڪستان سرڪار چوي ٽي تہ اسين پنهنجي پيٽ ۾ جهليا پيا آهيون. اسين انهن کي ڪيڏاتهن ڪندا سين؟ اهي سوڪڙيون اصل پارٽ جون آهن. پوءِ بنگلا ديش جون آهن. بهاري بلائن بابت اهي ۾ گالهيون آهن. هڪڙي بنگلا ديشي ۽ پارٽي گالهہ پي پاڪستاني گالهہ. خوني ڪڪڙ اينڊ ڪمپني پاڪستان

دشمنن جي گالهه ڪٽيو ٻيٺا آهن. پاڪستان جي گالهه جي سر ٿوڙ مخالفت ٿا ڪن. ڇا انهي هوندي به خوني ڪڳي ائنڊ ڪمپني ڪي پاڪستان دشمن، وطن جو غدار ۽ بنگلاديشي ۽ پارٽي ايجنٽ نه سمجهجي ۽ سڏجي؟

خوني ڪڳي پنهنجي جنگ باز اخبار ۾ سرڪار کي بچ ڪئي آهي ته بهارين بابت "تحريڪ" جيڪو پاڪستان دوست ۽ وطن سان وفادار نقطي نظر پيش ڪيو آهي ۽ خوني ڪڳي ائنڊ ڪمپني جي پاڪستان دشمن ۽ غدار سازش کي بي نقاب ڪيو آهي، تنهن جي جرم ۾ تحريڪ کي بند ڪيو وڃي.

اسين خوني ڪڳي کي فقط ايترو چئون ٿا:

"خوني ڪڳا! تنهنجو ڏوهه ڪوٺهي. عادت عضوو آهي. توکي هزار سال کان قرئت، سازش، فني، مڪر، ترڪتال ۽ غنڊه گردي جي عادت جو تجربو آهي. تو هزار سال غاصب، ظالم ۽ عوام دشمن شهنشاهن، نوابن، جاگيردارن جي چمچاگيري ۽ دلالي ڪري عوام جو رت پيتو آهي. تون ازل کان پنهنجي وطن ۽ عوام جو ويري آهين. تون اها پڪري آهين جا جنهن وٽ سان پڌبي آهين تنهن کي کائيندي رهي آهين. تون اهو "نمڪ حلال" آهين جو جنهن ٿانو ۾ توکي کاراٽيو آهي ان ۾ ڪند ڪندو آهين. تنهنجي فطرت روز ازل کان عوام دشمن، غريب دشمن، چاپلوس ۽ چمچاگير آهي. خوني ڪڳا! تاريخ توکي تمام ڀرڪو رسو ڏنو

آهي. پر هاڻ اهو ڪٽڻ تي اڇي ٻيٽو آهي. ۽ ٽي ڏينهن موجون ڪري وڻ! ۽ ٽي ڏينهن پيا ۽ چڪليون هڻي، فنا اڙاري، راڄ ويڙهائي، ماڻهو ماراڻي، گهر پاراڻي، سڙاڻي، قتلام ڪراڻي، پنهنجو انود جهڙي ڪڏ جهڙو پيپ پري وڻ! اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سنڌي تہ ٿهيو، پوءِ پاڪستاني قومون تہ ٿهيو، پر خود مسڪين ۽ پورهيت پناهگير عوام بہ اوهان کي سمجهي ويندا. آخر هو بہ سمجهندا تہ سنڌن اصل دشمن پاڪستاني عوام نہ پر اوهين ٽوروٽولي وارا آهيو، جيڪي سڄي پاڪستان جي ڦر جو اصل مال سيڪرٽي ڪائي ويا آهيو. هتن کي حصي ۽ فقط هڏا سريا. انهن هڏن جي عيوض اوهان کين آلو بنائي سنڌن کلهي تي بندوق رکي پاڪستان جا تيس مار خان ٿي ويا ۽ غريب پناهگيرن کي خواه مخواه ڏڇي ۽ وجهي چڏيو. جڏهن اهو ڏينهن آيو تڏهن هو توکي ۽ تنهنجي ٽوروٽولي کي گٽر مان جهلي توهان کي توهان جي رنگ محل جي درين مان باهر ڦٽو ڪري چڏيندا. خوني ڪڳا! توکي "تحريڪ" جي ان چوٽ تي باهر لڳي آهي تہ بهاري نہ ڪپن. تون ان کي اشتعال ڏيندڙ لفظ سڏين ٿو. پر تون ۽ تنهنجي ٽولي وارا وطن-دشمن جو روز روز صبح شام اهو رينگٽ مچايو ويٺا آهيو تہ "بهاري مظلوم آهن." انهن کي آڏيو ڇا انهن لفظن" کان وڌيڪ بہ ڪا اشتعال

ڏيارينڊ، فتني انگيز ۽ بدمعاشي واري گالهه ٿي سگهي ٿي؟ ڇا انهن اکرن جو سولي سنڊي ۾ اهو مطلب ناهي تہ اوپر بنگال جي ڪلمي گو پاڪستانين جي قاتلن کي انعام طور سنڊ جو والي وارث ڪريو؟ ڇا ان جو اهو مطلب ناهي تہ سنڊين کي زبردستي اقليت ۾ آڻي. بهاري قاتلن جو غلام بنايو، کين پنهنجي گهر ۾ چور ڪريو، سنڊ ۾ بنگال جو خوني ڊرامو ڏهرايو، سنڊ کي به ڇڇريو، ڇيهائيو ۽ رت ۾ پوڙيو، سنڊين کي پنهنجي گهر مان لوڏي ڪيو؟ 'مظلوم يهودين کي فلسطين ۾ وسايو' واري نعري جو مطلب سچي دنيا اڪثين ڏسي چڪي آهي. هي نعرو به ساڳيو آهي. اسين ان نعري جو مطلب سمجهون ٿا. اسان کي خبر آهي تہ ڪوهان 'مظلوم مظلوم' جا نعرا هٽي اسان کي به فلسطين جي عربن وانگر پنهنجي گهر ۾ اول اقليت ۾ آڻي پوءِ لوڏي ڪيڏ گهرو ٿا. اوهان جو اهو ڪار نعرو اسان لاءِ زن دختر گارين کان وڌيڪ جڙ ڏيارينڊ ۽ اشتعال انگيز نعرو آهي. خوني ڪڪا! صاف گالهه ٻڌي ڇڏ ۽ پنهنجي عوام دشمن، وطن دشمن، نمڪ حلال ۽ غدار ٽولي کي ٻڌائي ڇڏ! اهو ڏينهن جلد اچڻ وارو آهي جڏهن پاڪ ڌرتي تي فقط انهن نمڪ حلال، اشراف ۽ حياءَ وارن ماڻهن لاءِ جاءِ رهندي جيڪي ان سان وفادار هوندا، ان جي مسڪينن سان کي مڃيندا. ان جي پورهيت پنوهارن سان پرت رکندا.

سندن پولي ثقافت ۽ ڪي ميڙيندا ۽ قبول ڪندا. انهن جا تاڪائو نہ ٽيندا. باقي هن وطن جي عوام خلاف سازشون سنيندڙ نمڪ حرامن، غدارن، بدمعاشن، غنڊن، ڦورن، ڏاڙيلن ۽ خونين کي سندن ڪم-چا ۾ سچي پاڪستان جي ڏرتي. فقط قبر لاءِ جاءِ ڏئي سگهي ٿي. ٻي نہ

ڪنهن ڏينهن لطيف، بلا شاهه، خوشحال خان خٽڪ ۽ چاڪر خان جي سموري ديس ۾ ڪوٺيا کان وٺي ڪيٽي بندر تائين، خيبر کان وٺي ڪارونجهر تائين هڪڙو ئي نعرو گونجندو "نمڪ حرامي بند ڪريو، نمڪ حرام نہ ڪپن!"

["تحريڪ" پبليڪيشن ـ جون، جولاءِ ١٩٧٣ع]

سنڌ جا ٽي سپوت!

١٦ جولاءِ ١٩٧٣ع واري جنگ ۽ قومي اسيمبلي جي ويهن ميمبرن هڪ ڪڌيل بيان ۾ مطالبو ڪيو آهي تہ بهارين کي فوراً پاڪستان ٽي مڙهيو وڃي. سنڌن بيان جا لفظ هي آهن. "مشرقي پاڪستان جي شڪست کان پوءِ اتي جي محب وطن پاڪستانين (يعني بهاري ناتلن) کي جن خطرن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي سي ڪنهن کان لڪل ناهن. انڪل ادائي لک مائهن يعني (بهاري) پنهنجي جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ پاڪستان (يعني سنڌ) ۾ آباد ٿيڻ جي درخواست ڪئي آهي. ان جي پيٺ ۾ لکين بنگالي اوپر پاڪستان وڃڻ چاهين ٿا. ان ڪري ضروري آهي تہ پاڪستان ۽ پارت جي ڀالهين پوليهين ۾ جيڪي مائهو حصو وٺن ٿا، سي هن انساني مسئلي کي به حل ڪن ۽ انهن محب وطن پاڪستانين جي منتقلي جو فوراً انتظام ڪيو وڃي."

انهيءَ بيان جي تردید ڪانہ ٽي آهي. انهيءَ بيان ٽي سنڌ جي ٽن سپوتن جون به صحيحون آهن. اهي ٽيئي سپوت سنڌ جي زميندار طبقي جي ٽن مختلف ٽولن سان تعلق رکن ٿا. ١- جناب عطا محمد مري سنڌ جي روحانيت توڙي جڙسيءَ جي عظيم سرچشمي جو نمائندو آهي. انگريز سامراج سان هٿيار بند ٽڪر ڪائيندڙ حر مجاهدن

کان وڌيڪ سورهيم سنڌ ۾ ڪير سڏائي؟ هي انهن مجاهدن جي مجاهد اڳواڻ ۽ سنڌڙيءَ جي لڄ جي محافظ حضرت پير سائين پاڳاري جو نمائندو آهي. ۲- مير علي احمد ٽالپر، سنڌ جو چوٽيءَ جو انقلابي ۽ سوشلسٽ آهي. سندس سرڪار سان سمنو ساڻ جون ملڪن ۾ ڏاکون آهن. ۳- عبدالحميد جتوئي، ون يونٽ جي مخالف ميمبرن مان آهي. ڪيس سنڌ جو تمام باوقار، خوددار، غيرتمند ۽ مڙس ماڻهو زميندار مڃيو ويندو آهي.

سنڌ جي هر معمولي سوچ رکندڙ ماڻهو کي چڱي طرح خبر آهي ته بهارين پنهنجي ميزبان ڪلمي گو بنگلي هم وطنن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا ۽ هو جتي رهندا آهن، اتي جي ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا آهن. سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته جيڪي ماڻهو بهارين کي هيڏانهن گهرائڻ لاءِ فتنو ڪڙو ڪري رهيا آهن سي سنڌ جي عوام جا ڪهڙا سچڙ آهن؟ سندن اڳوڻو ڪردار ڪهڙو آهي؟ سندن آئيندي جون نيتون ڪهڙيون آهن؟ بهارين جا ڪڪ هني آڻڻ جو مطلب سواءِ انهي جي ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته سنڌ سان به بنگال واري ڪربلا ڪئي وڃي، سنڌ کي به رت ۾ وهنجاريو وڃي، سنڌ جي ڇڻ ۾ رڙ وڌي وڃي ۽ باقي رهيل پاڪستان جي به تباهي آندي وڃي. در حقيقت انهيءَ ٽولي جو پروگرام سادو ۽ سولو آهي. پهريائين هندوستان

ٻہ ٽکر، پوءِ پاکستان ٻہ ٽکر، هاڻ وري سنڌ ٻہ ٽکر، تنهن کان پوءِ پاکستان چار ٽکر ۽ هي موٽي پنهنجي لکنؤ، دهلي، دکن ۽ الہ آباد جا وارث ٿي وڃي ويهندا.

قومي اسيمبلي جا اهي سنڌي سپوت خدا جي فضل سان عاقل، بالغ ۽ وات وکيل آهن. ڪي معصوم ۽ ڪير پياڪ پار کونهن جو ڪنهن کين برغلائي صحيح واٽ ڇڏي هجي نڪي هو اڻ پڙهيل هاري آهن. جن کي پوليس ۱۰۹ ۾ پڪڙي، ماري، ڪٽي، زوري ڪائڻ بيان ڪرائي ڇڏي. ظاهر آهي تہ هنن ري نشي، ري فريب پنهنجي رضا خوشيءَ ۽ هوش جي سلامتيءَ سان سوچي سمجهي اهو حقيقت افروز بيان ڏنو آهي.

سوال آهي تہ چو هڙن ڏڳ ۽ ڏاهن مڙسن هڙو وطن دشمن ۽ سنڌ سان غداريءَ وارو مطالبو ڪيو؟ هڙو شرمناڪ ۽ ذليل بيان چو ڏنائون؟ ان جو جواب افسوسناڪ برابر آهي پر ڏکيو ڪونهي. هيءَ سنڌ جي ست پيڑهياتي غدار ۽ وطن دشمن طبقي يعني مڙني وڏيرا شاهيءَ جا نمائندا آهن. جنهن جي اصل فطرت ٿي اها يعني غداري، وطن فروشي، عوام دشمني ۽ ڌارين جي دلالي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ضرورت پوڻ تي هي ساڳي وانگر سئو روپ بدلائي سگهن ٿا. ڪڏهن اولها الله جا ٿيندا. ڪڏهن ڪارل مارڪس ۽ لينن جا خليفا بنبا. ڪڏهن منهن ۾ ور ۽ مٿن ۾ وڪڙ وجهي دودي

۽ دريا خان جا ڊراما ڪندا پر هن طبقي جي فطرت نہ بدلبي. هنن سان نہ ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نہ ٿيندو. اهي سنڌي قومي وجود لاءِ سُرو ۽ مرض آهن. سنڌ جي زندگي ۽ جياپي لاءِ زهر قاتل آهن. هي گهر جا نانگ آهن. سنڌ جا جيڪي ماڻهو وڏيرا شاهيءَ جي نمائندن جي هڪ اڌ فضيلت واري بيان يا تقرير تي موهجي، غش کائي، سڀدن ٻهرن ۽ ڪريو پون، تن کي هنن ٽن جوڌن جوان جي ڪارنامي مان سبق وٺڻ کپي. جا هن طبقي جي مٿين مٿين ڀالهين تي موهجي کين قومي جدوجهد جي واڳ سونپي سگهجي ٿي؟ هرگز نہ، ڪنهن به حالت ۾ نہ.

تحريڪ جو نئون دور

تحريڪ کي سالن جي جدوجهد کان پوءِ مس مس ڪاميابي ملي آهي. هاڻي اميد ته تحريڪ جو نئون دور شروع ٿيندو. اسين ڪوشش ڪنداسين ته "تحريڪ" جا نقص گهٽ ٿين ۽ منجهس وڌيڪ باقاعدگي پيدا ٿئي. اسان سان جيڪي انڌران ٿي اندر پاڻرن جون پاڙيون ۽ ڪجهيون ملهون پيون ٿين، تن جو ذڪر نٿا ڪريون. "ڏيرن ڏوهہ نہ جيڏيون، ماءِ مڙيئي مون!" هيستائين مڙيئي پاڻي پوري ڪئي اٽڻون ۽ ڏکيا سکيا رڙهي اچي هيستائين پهتا آهيون.

اسان کي خوش فهمي يا دموا ڪاهي ته اسان سنڌ جي سڀني مرضن جو ڪو اڪسير علاج ڳولي لڌو

آهي. آسان رکو اهو پڌائڻ جي کوشش ڪيا ڪريون ته هراڻن جنترن، منترن ۽ ٽيٽن ڇڻن مان ڪجهه ڪڍي ورتيو. سنڌي قوم کي گڏجي سڏجي پنهنجي نڀڻ ۽ انقلابي قومي راهه کولڻ کپي. آسان جي ذهن ۾ جيڪا ايري سيري سوچ پيدا ٿئي سا "جيڪو حال حبيبان سو پيش پريان" واڱر پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريون ٿا ۽ يارن کي سوچڻ جو سڏ ڏيون ٿا. انهيءَ مان سنڌي قوم کي ڪي به ٽڪا به فائدو ٿئي ته ان کي اسين پنهنجي ٿورڙي پورهٽي جو تمام وڏو ٽل سمجهداسون.

رسالو کهاڙي

ڪن پنجابي اديبن "پنجابي بولي" کي اردوءَ جي غلبي کان بچائڻ ۽ پنجاب جو نڪتي نظر پيش ڪرڻ لاءِ "کهاڙي" نالي رسالو ڪڍيو آهي. ان جي ڪن تازن پرچن جا ڪي مضمون آسان جي نظر مان نڪتا آهن. جن ۾ ڏيکاريل آهي ته "پناهگير ڪامورا- شاهي ڪيڏن پاڪستان جي مرڪزي نوڪرين کي ارڙ ناڪ واڱر ڳڙڪائي ويٺي آهي. هڪ پرچي ۾ بهارين بابت مضمون آهي. جنهن ۾ ثابت ڪيو ويو آهي ته انهن بلائن کي هٿي اچڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. پيا به ڪي ڇڳا مضمون آهن. جن ۾ اردو بازن جي آکڙ جي ٽوڪڻي مان هوا ڪڍي ويئي آهي. ٻئي طرف پنجابي سياست جي چاتل سچائل ڪردار کي

ڪائڻ ۽ ڪهن معصوم بلڪ مظلوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي. اسان جي نظر ۾ اسان کي ان سلسلي ۾ پهنجي قومي نقطي نظر تي سختي سان قائم رهڻ کپي ۽ هر سنڌ دشمن لاڙي جي بااصول مخالفت ڪرڻ گهرجي. ان سان گڏ اسان کي هر ان قدر جي ان حد تائين پٺيراڻي به ڪرڻ گهرجي جيڪا قدر جنهن حد تائين ڪنهن به سنڌ دشمن ٽولي جا پول پٽڻ ڪري ۽ ان جي مخالفت ڪري. ساڳي قدر جيڪڏهن ساڳئي وقت سنڌ جي قومي مفادن جي مخالفت ڪري ته ان حد تائين سندس تردید ۽ مخالفت به ضرور ڪجي. مطلب ته ساڳئي وقت جيتري چڱائي، اوتري پٺيراڻي ۽ جيتري مدائي اوتري مخالفت. انهيءَ اصول جي دائري ۾ اسين رسالي "ڪهاڙي" جي آجيان ڪريون ٿا ۽ پڙهندڙن کي ان سان قومي مفادن جي دائري اندر رهندي، اردو شاهيءَ خلاف بااصول تعاون ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت مٿس جائز ۽ سمجهداريءَ واري تنقيد ڪرڻ جي صلاح ڏيون ٿا.

[ماهوار تحريڪ ـ آگسٽ ۱۹۷۳]

پاڻ تي ياڻيو!

"جيڪي لڳي سو ڪاڻي اک ۽!" سنڌي مسڪين عوام کي تباهه ڪرڻ ۽ وڏيرا شاهيءَ، سنڌ دشمن پرماريت ۽ مهانگائيءَ شايد اڃا بس نه ڪيو آهي. سنڌي عوام جي قوت گذران جو ٿمر ذري گهٽ تباهه ٿي چڪو آهي.

هيڏين اوچتين آفتن مهل ماڻهوءَ کي پنهنجي اڳوڻي ميڙي چونڊيري ڪم ايندي آهي. ۽ سنڌ جي مسڪين ماڻهن گذريل ۲۵ سالن ۽ ڏينءَ ۽ ٽيڪسن جي بلي پنهنجي جيڪا ميڙي چونڊيري قومي خزاني ۽ جمع ڪرائي سا پنجابي - پناهگير زميندارن، سرمائيدارن ۽ وچين طبقي جي سازشي ٽولي ناني گونڙو ڪري هضم ڪري ويٺي. نه رڳو ڪاڏائون ۽ خرمستين ٿي به زيان ڪيائون. "پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي!" رڳو بنگالي مسڪينن جي قتلام ڪرائڻ تي به مسڪين عوام جا ڪروڙين اربين رپيا برباد ڪري ڇڏيائون.

هيڏانهن پوڙ ملڪ پينگ ڪري ڇڏيو ته هوڏانهن خزانو به ذري گهٽ خالي آهي. حد کان زياده فوجي

خرچ جو گهڻو اڃا تائين عوام جي گڇيءَ ۾ ٻڌو پيو آهي. ان سفيد هاٿيءَ کي پالڻ لاءِ به قارون جا خزانا ڪٿن. ڇوٽين پاسي سڄي دنيا ۾ مهانگائيءَ جو ويل آهي. سڀ کان وڏي گهالهه ته دنيا ۾ آن جي زبردست ڪوٽ ٽي ويڻي آهي. سون تي به آن مشڪل ملي. پيو ته ٿهيو پر خود سڄي دنيا جي اناج جو گودام آمريڪا به خالي ٽي ويو آهي ۽ اتي به اناج وڌيڪ آپائيو جي مهم پيٽي هلي. هيل روس ۾ فصل خراب ٿيو آهي. ان کي ڪروڙين ٽن اناج ڪپي. چين کي ڪپي. هندوستان کي ڪپي. انهن سيني جون اکيون آهن آمريڪا، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا ۾. جن وٽ بچت ۾ آن هوندو آهي. ۽ انهن ملڪن به هينئر بان ڪٽي آهي. آمريڪا ۾ ڀريون ڏهو اناج جي ٻاهر روانگيءَ تي بندش وڇهڻ جي گهر پٽي ٿئي.

امداد جا ٽهڙ وڏيرا ۽ ڪاموزا ڪائي ويندا!

سوال آهي ته سنڌي عوام کي هن آفت جٽان مڪمل طور تباهه ٿيڻ کان ڪيئن بچايو وڃي.

ڀرين گهالهه آهي ته امداد جي، يعني ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪاڏي، ڪپڙي ۽ اڇهي ڏيڻ جي. رنڊائي ۽ اخبارن ۾ ڪٽي چا به اچي پر اها امداد اصل ڏتڑيل ماڻهن کي ملي، سو ڪوڙوئي نه ٿو لڳي. "ڪاڻڪ

آهي مٺو جو لٽولٽو ٿو حج وڃي!" وڏيرا، ڪاموراڻ واپاري ۽ سندن چڇا مري ڪونہ ويا آهن جو غير ملڪي امداد عوام تائين پهچي. سڀ پاڻ ۾ ملي ڪائي ويندا. اها سڀني کي خبر آهي. ان ۾ رتيءَ جو بہ فرق ڪونہ پوندو.

قرض ڏيڻ سڪيمن کي ڪونہ ملندو!

پي گالهہ آهي قرض جي. قرض ڪريو تہ سرڪار وٽ قرض ڏيڻ لاءِ پئسو بہ ٿئي. ۽ ڪجهہ مهينا اڳ جهڙي ريت وڏيرا هارين جي نالي ۾ سڀ رقمون وٺي ڪائي ويا، هينئر بہ اڳين ڪونہ ٿيندو. سو وسهڻ ڏکيو آهي. عام مشهور آهي تہ هڪڙي مها وڏيري هڪڙي ڏينهن ۸۰ هزار روپيا هارين لاءِ رکيل قرض جي رقم "گهرائي" ورتا. زرعي بئنڪ جي مئنيجر رڳو ايترو چيو تہ "ڪوڙن سچن هارين کان آڱوٺا هٽائي رکارڊ جي پورائي ڪريان تہ پوءِ پئسا ڏيان." تہ مرڳو نوڪري ٽي ويس. گيسيون ڪري جند ڇڏايائين. تنهنڪري ڪٿي سرڪار، سرڪاري طرح سڄي جهان جا خزانا گڏ ڪري سُندي عوام ۽ ورهائڻ لاءِ ڏي تہ بہ هيءَ وڏيرڪي ۽ ڪاموركي انود جي ڪڏ انهن سڀني کي اڳين ڳڙڪائي ويندي جو پٺو بہ ڪونہ پوندو تہ ڪٽان آيا، ڪٽان ويا.

باهرين امداد مان پورت ڪانڌ پوندي!

پر وڏي ڳالهه آهي ته اول اهو خزانو اڇي ڪٿان؟ ممڪن آهي ته باهرين ڪي ملڪ پنهنجي مطلب لاءِ ڪجهه همدردي ڏيکارين ۽ ڪجهه رقم ڏين. پر ان مان پورت مشڪل پوي. هيڏي مهانگائي، هيڏي ڪوٽ، هيڏي اڻ هوند ۽ هيڏي تباهيءَ لاءِ باهرين امداد سنڌ ۽ ڏڙي برابر ٿيندي.

ڏر جو مال موٽائي هٽ ڪريو!

پس پيش عوام ڪي فقط پنهنجو پورهيو ۽ پنهنجي موڙي ڪم ايندي. ڇا سنڌي عوام وٽ اڃا به ڪا موڙي رهيل آهي؟ ها.

اها موڙي آهي سنڌ جي چوري ۽ غبن ٿيل زمين. ون يونٽ جي اونداهي رات ۾ ڪوڙا ڪليمنٽ، فوجي ڪرنل، جنرل ۽ سول آفيسر سنڌ جي پلي زمين جا لکين ايڪڙ چورائيندي ويا. انهن جي قيمت ڪروڙ نه، ارب نه پر ڪرب رپيا ٿيندي. اها ارب ۽ ڪرب رپين جي چوري ۽ غبن ٿيل ملڪيت اڄ موٽائي وٺجي ته سنڌي عوام ڪي وڏي اوڄ اڇي سگهي ٿي. تنهنڪري هڪدم ڪوڙن ڪليمن جي هنگامي بنيادن تي جاچ ڪرائي، اهي رد ڪري، زمين سنڌي عوام جي ڪم ۾ آندي وڃي. جي ڪنهن ۽ بدمعاشن اها زمين وڪڻي

ڇڏي هجي ته کين گرين سزائون ڏيڻي سندن حرام جي ملکيت ضبط ڪجي. ساڳي طرح ون يونٽي چوڏرين ۽ ايوبي ڪرنلن، جرنلن جي هنيل ڏاڻن جو مال موٽائي هٽ ڪيو وڃي. اهي رٽائرڊ جنرل ڪرنل سڏ ڪان ڪوبہ لهڻو ڪونہ گهرن. لهڻو هوندن ته پنهنجي انگريز مائي باپ تي هوندن، جنهن جي فوج ۽ پرتي ٿيا ۽ جنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ عربستان، انڊونيشيا ۽ ملايا جي مسلمانن کي قتل ڪرڻ کان بہ کين مڙيا ۽ ان جي عيوض پلاٽ، انعام ۽ عهدا هٽ ڪيائون. اڄا بہ ڪو انعام رهيل هجين ته ڇڇجين ته انگريز کي لنڊن درخواستون موڪلين. سڏ جي جان ڇڏين. "سهي يار سان، تيل ميٽ گهري مڙس کان" اهو ڪم نہ ڪن.

فضول خرچي بند ڪريو!

پي ڳالهہ ته فضول خرچي هڪدم بند ڪئي وڃي. پاڪستان جي سموري آمدنيءَ جو ۷۰-۸۰ سيڪڙو فوج تي خرچ ٿيو وڃي. ڪنهن بہ ٻئي ملڪ ۾ شايد ئي فوج تي ايترو سيڪڙو ٻڌسو خرچ ٿيندو هجي. اڳي ته خير ڪيئن بہ هو پر هاڻ پاڻي سر کان چڙهي ويو آهي. هاڻ عوام جي ٻڌي جي هڪ هڪ پائي سوڍي سمجهي خرچ ٿين گهرجي. پاڪستان کي پنهنجي پاليسي اهڙي رکڻ گهرجي جو کيس عوام جي سموري

کمائي هٿيارن ۽ فوج پنهنجي وڌائڻ جي ضرورت نه پوندي. ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن فوج حد کان وڌي ته ملڪ کمزور. فوج ۽ هٿيارن جو ڳائي ڳچو خرچ ملڪ جي چيلهه ڀڃيو ڇڏي. پوءِ هلي ٿي بن ۽ خيرات. اها فوج کي هٿيو ڏارين جو پاڙيڙو بنايو وڃي. اهي کيس لڪ ۾ نوڙي وڃيو پيا هلائيندا آهن. تان جو اهڙي فوج پرائي بين ۽ خيرات تي اهڙي هريو وڃي ۽ مفت جي مال جو اهڙو چسڪو پڄجيو وڃيس جو سورهو پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي دشمن ٿيو ان جي ڳائي تي چڙهيو ويهو رهي. ايشيا، آفريڪا، لئٽن آمريڪا ۾ ان جا سوين مثال موجود آهن. خود پاڪستان جو مثال ئي ڪافي آهي.

بلوچستان تي فوجي چڙهائي بند ڪريو

آخري ڳالهه ته بلوچستان تي فوجي چڙهائيءَ تي روزانو عوام جا لکين روپيا برباد پيا ٿين. اهو ڏنو وائٽو زبردست زيان هڪدم بند ٿيڻ گهرجي. مسئلي کي جمهوري نموني حل ڪيو وڃي. قومي مصلحت لاءِ ڪجهه ڪرڻو پوي ته ڪجي. اڳين سنڌ دشمن فسادن پيري ملڪ جي سربراهه لالوکيت جي غنڊن کان هٽ ڀڏي معافي ورتي هئي. هن دفعي وزيراعليٰ وري به فسادين ۽ بدمعاشن کي هٽ ڀڏا. امان جي خيال ۾ بلوچستان جي عوام جو ڏک لاهڻ لاءِ جيڪڏهن

حڪومت کي نرم ٽيڙو ٻ ٻوي ته اها گهٽتائي ڏ
ڏيندي. ٻيا ته ڏهو ٻر خود بلوچ سردارن تي ٻ سنڌي
عوام جون ڪٿي لک ميارون هجن ٻر بهرحال هو سنڌ
دشمن غدين ۽ فسادين جي هرجي ٻر ته ناهن ۽ ڪنهن
ٻ حالت ٻ گهٽ سلوڪ جا مستحق ته ڪونهن! جي
حڪومت وقت تي فسادين ۽ غدين کان معافي وڻ ٻ
عيب نٿي سمجهي ته بلوچستان جي مظلوم عوام ۽
سندن اڳواڻن اڳيان جهڪڻ ٻ کين ڪهڙو عيب
ٿيڻ گهرجي؟

بهرحال هي مسئلو جلد کان جلد حل ٿيڻ گهرجي
ٽ ته اهو عوام لاءِ وڏيڪ مسئلا، وڏيڪ مجبورين ۽
وڏيڪ مصيبتون پيدا ڪندو.

سنڌي عوام تباهيءَ تي غالب پٽجي ويندا.

سنڌي قوم جي ڏکن سان ازلي ساڻي آهي:
سورن سانڌياس پورن پالي آهيان
سکن جي سيد ڇڻي پڪي ڏ پياس
جيڪس آءٌ هياس گري گوندر ول جي!

جيڏن هزارن سالن کان اگرائين، جنگين، ڦرين لٽين،
ڏکارن، ٻوڏن ۽ ٻين انساني آفتن سان منهن ڏيندي
هتي اچي ٻهتا آهيون، تيڏن هن آفت جو لڪ اميد ته
لنگهي وڃي پار پوندا سين. اسان جون همتون پست ٿ

ڏيندڙن، مصيبت جي منهن ۾ اميد ته اسان جي قومي
ٻڌي وڏيڪ مضبوط ٿيندي. اسان ۾ قومي ۽ طبقاتي
سمجهه ۽ ساجهه وڏيڪ پختي ٿيندي. اسين هڪ بهتر،
وڏيڪ متحد ۽ مضبوط قوم بنجي اڳتي وڌنداسين ۽
پنهنجي ڀرپور حقن حاصل ڪرڻ ۽ بهتر زندگي ماڻڻ
لاءِ جدوجهد وڏيڪ تيز ڪنداسين.

ڇي ڏوڪڙ!

ايڏا سنڌ هلندڙ قهري ٻوڏ جي وڪڙ ۾ آهي ته
خبر پهتي آهي ته ٻهاري قاتلن جي ٻوڏ اچڻ واري
آهي. هن پي ٻوڏ مان هلندڙ قهري ٻوڏ جي جاءِ
ڪانهي. هلندڙ ٻوڏ هزارين ماڻهو در در ڪيا آهن، گهر
ويڑا آهن، مال ۽ فصل تباهه ڪيا آهن. پر نيٺ اهي
گهر اڏجي ويندا، مال ۽ فصل به ٿي پوندا، زخم سينجي
ويندا. پر نئين ٻوڏ سڄي سنڌ کي غرق ڪرڻ ٿي اچي.
هفتي يا مهيني کن لاءِ نه، هميشه هميشم لاءِ. هيءَ ٻاڻي
جي نه، انسانن جي ٻوڏ آهي، هن ٻوڏ ۾ زهر آهي،
هيءَ آدمخور ٻوڏ آهي. هيءَ ٽورڙن ماڻهن، فصلن يا
گهرن کي نه پر ڪڙي سڄي قوم ۽ ان جي هزارين
سالن جي قومي وجود کي لوڙهڻ، پوڙڻ ۽ نيست نابود
ڪرڻ ٿي اچي.

ٻهاري پناهگير ته خاص زهريلي، ڏکني، خطرناڪ

۽ تاريخي خميرِ مان ٿهيو آهي. هندوستان جي ننڍي کنڊ ۾ هزار سالن کان سوڀن هندو ٽوڙي مسلمان قومون آباد آهن. وچ ايشيا جي قومن ۽ ڏاڙيان جا ٽولا هزار سالن کان هڪٻي پويان کات کهاڙا ڪيو. انهن هندو ٽوڙي مسلمان قومن کي ڦريندا ۽ غلام بنائيندا رهيا آهن. هڪ زمزن ٽولي جو سپ ڪان زمزن ۽ بدمعاش اڳوان پنهنجي چمچن کان پان کي غازي، سلطان، شهنشاه وغيره جو لقب ڏيارينڊو رهيو آهي. ان لقب رکائڻ شرط هن ۽ سندس ڏاڙيل ۽ قاتل ٽولي کي جن ڏاڻن ۽ قتل جو پروانو ملي ويو ٿي. جي اسين مسلمان آهيون، هي سلطان سکورو آهي. هي اولياالامر آهي، هن تي خدا جو پاڇو آهي. هي پراون ملڪن ۽ قومن جون جهڳي ۾ قربون، ڏاڙا ۽ قتل ڪرائيندو سي عين اسلام آهن. اسين سڀ هن جا پوئلڳ آهيون. تنهنڪري اسين به جهڳي ڪريون سو شريعت موجب جائز آهي. سچي دنيا الله جي آهي. الله جو وارث هي سلطان سکورو (يعني قاتلن جو اڳوان) آهي. تنهنڪري هو جتي وڃي اتي قبضو ڪري پوءِ قومن جي مسلمانن کي پنهنجو غلام بنائي سگهي ٿو.

هندوستان جا مسلمان هميشه ان ڪٻڻ ۾ ورهايل رهيا آهن. هڪڙا وقت پاڻ وقت پاڻ ايندڙ بدمعاش ٽولا ۽ سندن چاڙڻ، ٻيا ملڪ جا اصلوڪا رهندڙ حق حلال جو پوڙهيو ڪندڙ مسلمان، سنڌي، بلوچ، بنگالي وغيره.

اصلي رهاکو مسلمان قومون هميشہ ڏڻڻ ۽ ڦرجندڙ رهيا آهن.

بهاڙي ۽ بوبي وارا هميشہ ٻورن سان شامل رهيا آهن. هاڻوڪا بهاڙي پاڪستان هزارين سالن کان ڦريون کنڊ ٻورو ٽولن جا تاريخي وارث ۽ جاءِ نشين آهن. هي به ناڻ کي الله جا خاص خليفا اصلي مومن ليکين ٿا. هنن کي جتي وڃي اتي وڃي قبضو ڪن. جو ته هي سڄو جهان الله جو آهي. ٽنهنڪري هن جي هي جي جاگير آهي. ٻيا ڪافر ته ڇهيو ٻر مسلمان به پورا مسلمان نه آهن. ڪهڙ آهن. ٽيڇ آهن. انهن جون ٻوليون، ثقافتون، تمدن، سنڌن تاريخي قومي حق سڀ باطل آهن. بهاڙي ۽ بوبي وارا جنهن به مسلمان قوم جي نڙي تي وڃي لٽ ڏين تنهن جو ڪم آهي ته ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي نه ته ڪافر ٿي ٻوندا. بهاڙي پاڪستاني انهيءَ روايتي جي آڏار تي پهرين پنهنجي هم وطن سان وڙهيا. پوءِ بنگال تي قبضو ڪيائون. شرارتون ۽ سازشون ڪري هنن جو جيئن حرام ڪيائون. پوءِ هميشہ جي دستور موجب شاهي فوج چاڙهائي آئي. غدار ۽ وطن دشمن بجاءِ شاهي فوجي ٽولي سان گڏجي بنگالين کي ڪٽائون. هاڻ وري رخ ڪيو اڻ سنڌ ڏانهن. سنڌ الله جي آهي. هي الله جا خليفا ۽ وارث آهن. ٽنهنڪري هن جو مٿس حق آهي. هي پنهنجو حق نادر شاهه ابدالي، ارغونن ۽ ترخانن وانگر ڇڪين ٿا. وٽن ساڳيو "اسلامي" روايو آهي.

سنڌ جي ماڻهن کي ڪي ڏيئي ويئي تہ جيسين پٽي صاحب جي دم ۾ دم آهي، تيسين سنڌ سان انڊيا نہ ڇيڙ ڏنو ويندو ۽ سنڌ بهاري قاتلن جي حوالي نہ ڪئي ويندي. سنڌ جا ماڻهو پٽي صاحب کي سڀني خطرن خلاف پنهنجو وڏي ۾ وڏو بند سمجهن ٿا. ۽ سنڌ دشمن سازشين، پاڪستان، هندوستان ۽ بنگلا ديش جي حڪمران ٽولن گڏجي سڌجي اهو بچاءَ بند ٽوڙي وڏو آهي. هاڻي سنڌ واڳڻ جي وات ۾ اچي ويئي آهي.

بنگلہ ديش کي سنڌ تي اهي آفتون مڙهڻ لاءِ هڪڙوئي هٿيار هو، يعني ۱۹۵ جنگي ڏوهن جا ملزم. سڄي دنيا کي خبر آهي تہ بنگلہ ديش ۾ جنسي قيام ڪئي ويئي. اها آسمان مان ملائڪن کانہ اچي ڪئي. اهي ماڻهو هٿ. هڪڙا قاتل بهاري پيا غدار ۽ وطن دشمن يحيٰ شاهي فوجي ٽولي جا بچيل فوجي سپاهي. بنگلہ ديش جي ماڻهن لکين قاتلن سان گولي گولي ۽ چونڊي چونڊي ۱۹۵ اهڙن فوجين تي هٿ رکيو جن لاءِ کين خاطري آهي تہ سندن قوم سان ڪيل درندگيءَ ۽ وحشانيت جا هو پين سڀني کان وڌيڪ مجرم آهن. هڪڙي ٽيندي آهي جنگ، پي ٽيندي آهي آدمخوري. جنگ تہ خير جيئن آهي تيئن آهي. ۽ عام انسانن سان آدمخوري بين‌الاقوامي جرم ٺهرايو ويو آهي. هر ملڪ جي قانون ۾ ۽ خود پاڪستان جي قانون ۾ اهڙي آدمخوري

ناجائز ۽ غير قانوني آهي. اوير بنگال ۾ يحيٰ شاهي جي فوجي ٽولي جي بچيل فوج مان مڃي يا ٽورن گهٽن اچڻي آدمخوري واريون حرڪتون ڪيون آهن، ٽنهن کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي. خود وزير اعظم ڀٽي جا ڪر آهن:

"اوير پاڪستان ۾ جي ڀيانڪ واقعا ٿيا ۽ جا قيامت ٿي گذري .... اسين ان جو تصور بہ ڪرڻ نٿا چاهيون .... اسين انهن گالهين تي سوچيون ٿا تہ لنڊ ڦٽيو پوي .... اسين ڪن جهنگلين جي جنبي ۾ اڇي وياسين .... انهن واقعن تي ويچار ڪرڻ سان مٿنجا لڳ ڪانڊارجي ٿا وڃن ...."

(ڪئناڊا براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن کي ڊنسل انٽرويو- تاريخ ۲۳ جنوري ۱۹۷۲)

اهڙن هيبتناڪ ۽ لڳ ڪانڊارينڊ واقعن جو جن ماڻهن تي الزام هجي، تن تي جيڪڏهن مقدمو هلي تہ ڪهڙي اربع خطا ٿي پوي ها. قومي وقار ان ۾ ناهي تہ اسين درندگين جي پرده پوشي ڪريون ۽ انهيءَ ۾ آهي تہ اسين پٿهنجن پائرن جي قاتلن کي جوڪي سيکٹ ڏيون يا ڏيارين تہ جيئن دنيا ڏسي تہ اسان واقعي پنهنجي تاريخ جو نئون ورق ورايو آهي ۽ اگوڻين حڪومتن جي بدمعاشين ۽ جُرمن کان پاسو

ڪهو الٽون. ڪو پوليس وارو ڦيري واري کان ۾ رهيا ٿو وڃي ته ان تي ڪيس هلي ڇهن مهينا سزا ٿي اچي. پاڪستان جي وڏي اڏ کي رت ۾ غرق ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ چند ماڻهن تي مقدمو هليو ته ان تي انسان کي بيهوشي جو وڻ ڪپي.

بهرحال انسانيت خلاف، پاڪستان جي وڏي اڏ جي ماڻهن خلاف، جنگي قانون جي خلاف ڏوهه ڪرڻ جي الزام هيٺ آيل انهن ۱۹۵ جنگي ملزمن کي ڪيس کان بچائڻ لاءِ حڪومت بنگله ديش سرڪار جو اهو شرط قبوليو آهي ته بهاري قائلن کي پاڪستان يعني سنڌ پنهنجي مٽان سوار ڪرڻ قبول ڪري. پاڪستان جي عيوضي مسٽر عزيز احمد پنهنجي پريس بيان ۾ چيو آهي ته "پاڪ هند ناهه جو سپ کان اهم نڪتو اهو آهي ته فوجي ملزمن تي ڪيس نه هلايو ويندو." ان نڪتي وارو مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ بهارين جي آفت سنڌ تي مڙهڻ منظور ڪيو ويئي آهي. تنهن جي معنيٰ ٿي ته سموري پاڪ هند ناهه جي مرڪزي نڪتي جي چٽي سنڌ تي وڏي ويئي آهي. همٻئه جي دستور موجب يحيٰ شاهي فوجي ٽولي ۽ بهارين جي ڪڏن ڪرتوتن جي سزا سنڌ کي ڏني ويئي آهي. هن ناهه مان انسان کي رت جي ڏپ ٿي اچي. "ان رت جي جيڪو اهي البدر ۽ الشمس جا تربيت يافتہ غنڊا ۽ قاتل هٿي اچي وهائيندا.

هنن قاتلن اڌ پاکستان اڳئي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. باقي اڌ جو خير آسان کي هاڻ ته نظر لٿو اچي.

آزاد ڪريو!

جي ايم سيد جي ظاهر ڪيل قومي مقصدن سان بنيادي طرح سڀ سنڌي وطن دوست متفق آهن. انهن مقصدن کي حاصل ڪيڻ لڳهن بابت مختلف راءِ آهن. اسان کي به سيد صاحب سان قومي راهه عمل بابت بنيادي اختلاف آهن پر اسان اها گالهه مڃڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيون ته سيد صاحب کي پاکستان لاءِ خطرو آهي. سيد صاحب ته پاڻ پاکستان کي خطري ۾ وجهندڙن ۾ اڌ پاکستان ناس ڪرائيندڙن جي ظلمن جو شڪار ٿيو رهيو آهي. سنڌ ياران حق جو ڪلمو پڙهڻ جي ڏوهه ۾ ستن ورهين جا سال ڪيس آزاديءَ کان محروم رکيو ويو آهي. هن وقت ۽ هن دور ۾ جڏهن مودوديءَ جهڙا قاتل جن جا هٿ لکين اوير پاکستانين جي رت سان رڱيل آهن سي آزاد هجن، نواب مظفر تان سڀ ڪيس واپس ورتا ويا هجن، "اردو ڪا جنازه هي ذرا دهوم سي نڪلي" جو قاتل سڳنل ڏيڻي پوليءَ وارا فساد شروع ڪرائيندڙ "جنگ" اخبار جو فسادي شاعر رئيس امروهوي

[۱۰]

تاج- تجمل سان ويا کاڻ ڏيندو رهندو هجي. تڏهن جي ايم سيد جو قيد رهڻ سنڌ سان سراسر زيادتي آهي ۽ سنڌي عوام جي قومي توهين آهي. سنڌي قوم جو مطالبو آهي ته جناب جي ايم سيد توڙي ٻين سڀني سنڌي قومي ڪارڪنن جهڙو ع.غ سنڌي ۽ ٻين شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. مٿن جاري ڪيل وارنٽ واپس ورتا وڃن.

[ماهوار "تحريڪ" سيپٽمبر، ۱۹۷۳]

اڄو ته سوچيون

اڄ ٿو لڳي جڏ اسين چؤ طرف گهيري ۾ اچي ويا آهيون. اسان جي قومي جدوجهد جا قافلا پنهنجي منزل جو ڏس وڃائي رڻ واهي ٿي ويا آهن. اسين رڄن پويان دوڙي دوڙي، اوجهڙن ۾ ٽاپا کائي کائي ٽڪجي ساڻا ٿي ڪري پيا آهيون. اڄ پيو لڳي جڏ گذريل پنج سال اڳتي نه پر پوئتي ڌڪيا رهيا آهيون.

اسان سموري ٿمر ڪتائي چڏيو آهي، اسان جي هڙ ۾ هوڻ ٿي نه سياسي سمجهه هٿي نه پڏي، نه طاقت هٿي نه ڏاهپ. اسان وٽ فقط ڪجهه ڪمزور ارادا هٿا، نهرا هٿا، مٺاچرو ويساه هو. اسان جيٿي سنڌ جا نهرا هنيا. پر اسان کي اها خبر ڪانه هٿي ته سنڌ ڪيٿن جيٿندي ۽ ان کي ڪير جيٿاريندو. اسان هڪ ٻئي کي سڏ ڪيا "سنڌيو! بيدار ٿيو، ميدان ۾ نڪري اچو." بيداري ڪيٿن اينديِ، ميدان ۾ گڏ ڪيٿن ٿيو ۽ ميدان ۾ گڏ ٿيڻ کان پوءِ چا ڪيو؟ انهن سوالن جا جواب اسان وٽ ڪونه هٿا. اسان انهن جوابن جي ضرورت ٿي ڪانه سمجهي. تنهنڪري اسان اهي سوال پڇيائي ڪونه. ڪنهن اتفاق سان اهي سوال اڌاريا ٿي ته اسان ڪاوڙجي ٿي بياسين. اسان پنهنجي هزارين سال پراڻي

قومي بيماريءَ جو علاج ڪولن بدران، پرهيز ۽ ڪيري ڪرڻ بدران، حڪيمن ۽ ڊاهن ڪان ڏس پڇن ڪان سواءِ، ٻوٽن ۽ ٽيڙن، وردن ۽ وظيفن ذريعي ڪرڻ گهرو ٿي. اسان جدوجهد بدران سياسي پيرن جون باسون باسيون ۽ پڙ چاڙهيا. اسان سياسي جنائن ۽ پوپن ۽ گيان ڏمالون ڪيون. ڪوڏي مان پٽ چڙڻ گهريو ٿي. اسان ترڻ ٿي بهشت جا خواهشمند هٿاسون.

اسان ميرن وانگر موالين. ڪي ملهه وڙهائڻ چاهي ٿي. اسان جي مرضي هئي تہ اسين پيا سڀ گهر ويٺا هجون، فقط اسان جا ڪجهه شاگرد، اديب، شاعر ۽ تقرير باز آکاڀيون، شعر ۽ ڪتاب لکي، تقريرون، جلسا ۽ مظاهرا ڪري دشمن ڪي ديڇاري پڇاڙي ڏين. اسين فقط تاڙيون وڄايون، نعرا هڻون، تقريبي خط لکون، قصيدا پڙهون. اسان ڪولا، مظالمي ۽ تحقيق بدران پنڪيون لڏيون ۽ خواب ڏٺا. اسان پگهر وهائڻ بدران وات جا ٽڪاءَ هنيا. اسان هڪ منظم ۽ متحد قوم ٿيڻ بدران، ڏيڍ ڏيڍ چانور جون منو ڪروڙ الڳ ڏيگڙيون چاڙهيون. اسان تاريخ سان لڳي ۽ فراڊ ڪرڻ چاهيو ٿي. موٽ ۾ اسين تاريخ جي وڏي چٽر جو نشانو ٿي ويندا آهيون.

اڄ اسان جي قومي قيادت "انڊو هاٿي لشڪر جو زبان" اسان جا شاگرد ۽ اديب "پورس جا هاٿي" اسان جي قومي فهم و فراست "چاڪيءَ اٽ وچاءِ

گهمي ڳهاڻي ڏاري" اسان جي قومي سياست
ڏکڻ ڏيڪي جو ماڻ ٻين سان ويڙهه" اسان هيٺرن سالن جي
جدوجهد کان پوءِ پنهنجا ڳريل مال ۽ ملڪيتون ته
موڪلي ڪونه ورتا، پنهنجا حق ته ڪونه حاصل ڪيا،
پاڻ ۾ ڪي بهتر ۽ نيون لياقتون ته ڪونه پيدا ڪيون
ڀر اٽلو نوان نقصان سڻا اٽيون، نوان مرض پرايا اٽيون.
اسان ۾ پيا هزارين قومي عيب هٻا ڀر اسين هڪ ٻئاڪي
قوم ته هئاسون. اسان وٽ اڃايو وات هڻڻ هميشه عيب
ٻڌي رهيو آهي. اسان وٽ مڙسن جا گفتا وڏي مقصد
۽ مان وارا ٽيندا آهن. ڀر هيٺر سنڌ دشمنن جو نقل
ڪري اسين هڪ ٻئاڪي ۽ جاڙي باز قوم بنجي ويا آهيون.
اسان جو ادب، اسان جي شاعري، اسان جي اسٽيج
سڪيٽين لفاظي ۽ ڪوکلي نعري بازيءَ جون علامتون ٿي
ويون آهن. اسان سنڌي لفظن کان سندن مان ۽
وقار کسي وڃي آهي. اسين هڪ وڏلجندڙ قوم بنجي
ويا آهيون.

ڏسجي ٿو ته اسين سڀ ڪجهه وڃائي چڪا آهيون.
اسان وٽ جي رائڊ هارائي ويٺا آهيون. اسان جون
سڀ ڪوششون اجايون ويون. اسان جي قومي قسمت
بدلجڻ جا امڪان ختم ٿي ويا. تاريخ شايد اسان جي
مقدر ۾ ڪي اهو لکي ڇڏيو آهي ته اسين پنهنجي وطن
۾ ٻي وطن ۽ پنهنجي گهر ۾ هڪ خسيس اقليت وانگر
گولپ ۽ غلامي واري حوالي ڪڏاريون.

ڏسڻ ۾ واڪي اڇين اڇي ٿو. انهيءَ ۾ ڪجهه حقيقت ۽ صداقت به آهي. ۾ سموري حقيقت ۽ صداقت اها ناهي. اهو فقط هڪڙو امڪان آهي. اهو حقيقت جو فقط هڪڙو رخ ۽ هڪڙو ڏيک آهي. حقيقت جو ٻيو ۽ وڏيڪ اهم رخ ۽ پاسو هي آهي ته اسين صحيح معنيٰ ۾ "اسين" نه آهيون. اسين قومي راند هارائڻ وارا ضرور آهيون ۾ سموري سنڌي قوم نه آهيون. اسان جهڪي ٻاڻ ڪي سنڌي قوم سڏايون ٿا سي عظيم سنڌي قوم جي فقط هڪڙي ننڍڙي طبقي يعني وڇين طبقي جو به هڪڙو ننڍڙو حصو آهيون. سڄي سنڌي قوم جدوجهد ۾ شامل ٿي ڪانه ٿي آهي. اسان ان کي شامل ڪري نه سگهيا آهيون. سڄي ڳالهه ته اسان ان کي شامل ٿيڻ ٿي نه ڏنو آهي. جڏهن اها شامل ٿيندي، جڏهن اسين ان کي شامل ٿيڻ ڏينداسين يا اهڙا اپاءَ ولنداسين جو سڄي قوم شريڪ ٿي سگهي ته پوءِ ڳالهه يقيناً ٻي ٿي ويندي. ان حقيقت ۾ تر جيتري شڪ جي به گنجائش ڪانهي.

اڇو ته اسين وڇين طبقي وارا سورما پنهنجي ڪردار تي تنقيدي نظر وجهون. پنهنجي حرڪتن تي پشيمان ٿيون، جاڙي بازي ۽ سڪڻي نهري بازي بند ڪري، نڙٽ، لهاڻي ۽ سنجيدگيءَ سان پنهنجي قومي جدوجهد جي مسئلن جي تحقيق شروع ڪريون. اڇو ته سنڌي قوم ۽ سنڌ دشمن قوتن جي چنبي جاڻ ڪريون. اڇو

ته سڄي پاڪستان ۽ دنيا اندر پنهنجي سائنس ۽ دشمنن جي سڃاڻپ ڪريون. اڄو ته قومن جي قسمت بدلائڻ جي سائنس ۽ هنر جي باقائدي پروڙ حاصل ڪريون. پوءِ اهو علم ۽ هنر هڪڙي کي ۽ عوام کي سيکاريون. موٽ ۾ عوام کان سکون ۽ پنهنجي ۽ هنن جي علم ۽ هنر کي ملائي هڪ ڪريون. اڄو ته لکين سنڌي عوام کي سڃاڻپ ۽ متحد ڪري هڪ منظم انقلابي وطن دوست تنظيم ٺاهيون ۽ ان جي قيادت هيٺ هڪ منظم ۽ متحد، سوچيل سمجهيل ۽ رڌيل انقلابي وطن دوست جدوجهد هلايون. اڄو ته هر قسم جي سنڌ دشمن ارهم زورائيءَ ۽ حملي خلاف بچاءَ جو علم ۽ هنر پرايون. اڄو ته سنجيدا، چاٽو، ٺهنا، سچار، سرويچ ۽ سمجهو انقلابي قومي نوڪر، ڪارڪن ۽ سپاهي ٿي، صحيح سائنسي نموني سڀ طرفي قومي جدوجهد هلايون. پوءِ ڏسون ته ڪير ٿو اسان جي حق پرست جدوجهد جي راهه روڪي سگهي.

جبل ماري جڪ، جو آڏو عجبن کي
ٽوڻي لڪن لک، سي لنگهنديس نڪ سان.

چليءَ جو سبق!

غلام ۽ اڌ غلام قومون پنهنجي قسمت ڪيئن ٿيون بدلائي سگهن؟ انقلابي سائنس جا چاڙو چون ٿا ته ان لاءِ چار ڳالهيون گهرجن: هڪڙو انقلابي نظريو ۽

انقلابي پروگرام تيار ڪرڻ. ٻيو انقلابي پارٽي. ٽيو انقلابي پارٽيءَ جي اڳواڻي هيٺ انقلابي قومي بڊي قائم ڪرڻ، يعني انقلابي قومي گڏيل محاذ قائم ڪرڻ. چوٿون صحيح ڊنگ جي جدوجهد هلائڻ. پهرين ٽن ڳالهين تي سڀ متفق آهن. چوٿين ڳالهه تي اختلاف آهي. هڪڙا چون ٿا "صحيح ڊنگ جي جدوجهد اها آهي ته صلح سانت سان جمهوري جدوجهد هلائي قوم جا گهٽا ماٺهو پٿنجي پاسي ڪري اليڪشن ڪٽي، اقتدار وٺجي ۽ پوءِ آهستي آهستي اقتصادي ۽ سياسي انقلاب آڻجي." ٻيا چون ٿا "نه. سڪٽي اليڪشن ڪٽي ته به اقتدار عوام کان کسجي ويندو. قومي دشمن جي دلال زميندارن ۽ سرمائيدارن جي فوج چونڊيل حڪومت کي سگهو ساهه ڪٿ ڏيندي. اها يا ته ان کي پولرو ڪري نچائيندي يا وجهه ڏسي ان کي ڏنڊي سان ختم ڪري ڇڏيندي. تنهنڪري انقلابي نظريي ۽ پروگرام موجب انقلابي پارٽي ٺاهي، انقلابي قومي بڊي قائم ڪري، اليڪشني نه پر هٿياربند انقلابي جدوجهد ڪجي. پوءِ ان ۾ ويهه يا ٽيهه سال لڳي وڃن. پر پس پيش اهائي جدوجهد ڪاميابي ڏيندي ۽ قائم رهندي. باقي سڪٽي اليڪشني جدوجهد ڪٽي ڪاميابي به ڏني ته به ان جو ڪٽيو عوام دشمن ڦري ڪٽي ويندا."

لاطيني آمريڪا ۾ ٻئي ڳالهوون آزمايون ويون آهن.

هڪڙو مثال ڪيوبا جو آهي. اتي چيءَ جو آهي، ڪيوبا وارن انقلابي وطن دوستن هٿيار بند عوامي جنگ، ذريعي سامراجي دلال زميندارن ۽ سرمائيدارن جو تختو اونڌو ڪيو. چيءَ وارن چونڊن ذريعي زميندارن قوم دشمن راج جو انت آندو. ڪيوبا ۾ آمريڪا حملا ڪيا. اندريون بغاوتون ڪيون. ناڪ بندي ڪئي سندن ان ڪائي بند ڪيو ويو. پر همراهه اڳي کان به اڳرا آهن. چيءَ وارن ويڇارن صلح سانت سان وڏي مٽاڪٽ ڪري جمهوري جدوجهد هلائي اخبارون ڪڍيون، هڙتالون ڪرايون، عوامي مظاهرا ۽ جلسا ڪرايا. نوٽ اليڪشن ڪنيائون، سچي دنيا ۾ ڪمرون مبارڪون هلي ويون تہ ڏسو چيءَ وارن سواءَ ڪنهن هڊ جو ڪي جي انقلاب آڻي ڏيکاريو. پر تازو سامراجين جي دلال زميندارن ۽ سرمائيدارن جي فوج اوچتو حملو ڪري چيءَ جي انقلابي صدر صاحب کي شهيد ڪري ڇڏيو. انقلابين کي گولي گولي ماري ڇڏيائون. هن وقت سچو چيءَ رت ۾ وهنجي پيو آهي. جنهن زتو پاڻ کان چيءَ وارا انقلابي ويڇارا ٻيڪا ٿي سا سامهون آيا. شايد جيڪڏهن اول مرسي ڪري ڏنڊو ڪٽن ها تہ هيئڙ دشمن کين مردار ڪري ماري ڪونہ سگهي ها.

انقلابي ڏاها سچا هٿا. حڪومت جي معنيٰ آهي هڪڙن طبقن جو ٻين طبقن مٿان ڏنڊي جو راج. هر حڪومت ڪنهن نہ ڪنهن طبقي جي [illegible]

ڊڪٽيٽرشپ آهي. پوءِ پلي ڪٽي ان ڪي جمهوريت جو بخملي غلاف چڙهيل هجي، زهر جو علاج زهر آهي. ڏنڊي ڪي ڏنڊو پڇندو. فقط ووٽن جي ڪاغذي ٽڪڙن وسيلي اڌيل حڪومت ڪاغذ جو گهر آهي. اهو ڏنڊي جي سٽ جهلي ڪونہ سگهندو. انقلاب معنيٰ سب کان پهرين دشمن جي حڪومتي مشينري يعني فوج، پوليس ۽ ڪامورا شاهيءَ کي ڪچلي ختم ڪري، پنهنجي فوج، پنهنجي پوليس، پنهنجي انتظامي مشينري ٽائم ڪرڻ. ان کان سواءِ قومن جي تقدير بدلجي سو ناممڪن آهي. چاڻ جي قوم دشمن ۽ سامراج پرست انقلاب هڪڙو پيرو وري دنيا جي انقلابي وطن دوستن کي اهو بنيادي سبق ياد ڏياريو آهي.

پنو ۽ اشتهار ڪٿان ملندا؟

پني ۽ اشتهار لاءِ پڪاريندي سال ڪي ويو آهي پر اڄا کو داد فرياد ڪونهي. اردوءَ جا فحاشي، تعصب ۽ نفرت ڦهلائيندڙ رسالا ۽ پريس پاڪستان جي اپوجهه عوام جا ڪروڙين اربين روپيا ڪاڻي چٽ ڪري انهن جي خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. پناهگير قلم فروش ڪاڻي ڪائي هاڻ ڏم ڏاڻن ڏا. سنڌي اخبارن ۽ رسالن کي لک جي هڪڙي پتي نہ ٿي ملي ۽ سموري جو سمورو پنو، سمورا سرڪاري ۽ خانگي اشتهار اردو وارن

کي ملن ٿا. اسين هڪ پيرو وري مطالبو ٿا ڪريون
تہ سيني سنڌي رسالن کي ڊڪليئريشن ڏنا وڃن، ٻئو
ڏنو وڃي، اشتهار ڏنا وڃن، اهو اسان جو حق آهي.
سنڌي قوم جو حق آهي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ آڪٽوبر ۱۹۷۳]

"سنڌو ديش" اڪر خلاف واويلا جي آڙ ۾ نندڙو پارت ڏاهڻ بند ڪريو.

جنگ ۾ حملو ڪندڙ فوجون ايڪ لاءِ دولهين جا گولا استعمال ڪنديون آهن. جن جي ڪري اڳئين کي سماڻ ٿي ڪونہ پوندو تہ سندس خلاف ڪهڙو گهات ٻيو گهڙجي. پارت کان آڳ يا اتان کان موڪليل سازشي ٽولو "سنڌو ديش" خلاف واويلا مچائي ان جي آڙ ۾ چپ چاپ هڪڙو نندڙو "ناهگير پرديش" ٻيو ٺاهي. اهو پرديش اصل ۾ هڪڙو نندڙو پارت هوندو. سڀ کان رٽيل آهي ۽ ڏاکي ۾ ڏاکي ٻيو ٽئين. ٻهرين ٻن ڏاکا. ٻن ٻاڻ ۾ ملهل ٽولا هڪڙا چون "ڪراچي صوبو ڪپي." ٻيا شريف ٿيو چون تہ "نہ، اسان کي فقط ڪراچي شهر لاءِ شهري سهوليت مهيا ڪرڻ لاءِ الدروڻي اختياريون ڏيو." ٻيو ڏاکو آهي "ڪراچيءَ کي ڪليل بندرگاهہ ٿهرايو" چوڻون ڏاکو آهي تہ "ڪراچي ۾ دست الدازي نہ ڪريو" پنجون آهي تہ "پلا اسين آزاد ٿا ٿيون." روس ۽ پارت سان سنڌ جو ڪارو ٻاڻي سڌو ڪري ڏيڻ جي بندوبست جون گالهيون ٿي وينون اٿن. روس، آمريڪا ۽ پارت کي چون "توهان جو صوبو ٿيندا سون. پاڪستان ختم ڪري

ڏيندا سون." روس کي چون ٿا "نهيل نڪيل بندر ٿا ڏيون." آمريڪا کي چون ٿا ته "توهان جا ٻڌا ٻانها ٿي رهندا سون." بلوچ سردارن کي اڳ ئي انجام ڏنو اٿن ته "ڪراچي بلوچستان جي حوالي ٿا ڪريون." وٽن گالهيون هلائڻ وارن جي ڪوٽ ڪاڏهي. ساڳئي گهر جو هڪڙو پاٽي ڏهلي ۾ "مها پارتي" ٿيو ويٺو آهي. ته ٻيو لنڊن ۾ "انڪريز" ٿو ويٺو آهي. ٽيون واشنگٽن ۾ آمريڪا جا گٽ ٻيو ڀائي ته چوٽون ماسکو ۾ "مها انقلابي" ٿيو ويٺو آهي. پنجون پيڪنگ ۾ "ثقافتي انقلاب" جو قصيدو ٻيو پڙهي. سرڪار کي "سنڌو ديش" وارن کي ڪاٽ ۾ وڃڻ، بلوچن جو ڪوس ڪرڻ جو ڪم سونپي ڪيس اوڏانهن منهن ڏيئي هي پنهنجي ڪم کي لڳا پيا آهن. سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته هاڻي "سنڌو ديش" جي اکر کي ڪافي استعمال ڪيو ويو آهي. هاڻ ٽين پارٽي صوبي "ناهڪ پرديش" ناهن وارن جي به ڪجهه خبر وٺو. ته قصو ڪٽي ڇڏيو اٿن.

اڄو ته ڀاڻ ۾ سوچيون!

اسان سنڌين ۾ به اخلاقي جرات هئڻ کپي ته پنهنجي ڪم جي ڏنگ تي ٻهر غور ڪريون. سڪيون سڪيءَ ۾ ٽهيون ته هٽون. اهو چوڻ ڪافي ناهي ته اسان سنڌ تي ساهه ٿا ڇڏيون. ساهه به ڪنهن حساب

ڪتاب، ڪنهن رمز، ڪنهن ڏاهپ، ڪنهن رستي سان ڏيو ته سنڌ کي فائدو رسندو. تہ ته نادان دوست کان داناء دشمن پلو. عام قانون جو اصول آهي "جوڳي خبرداريءَ ۾ احتياط کان سواءَ ڪيل ڪم ليڪ نهتيءَ وارو ڪم نہ ليکبو." سنڌي وڏڙا ٻہ چئي ويا آهن تہ "ليکو ٻڌي ٻوءَ لٽ هٽجي" ـ "اهو سون ٿي گهوريو جو ڪن ڇني."

اسان کي گهڻي غور ڪرڻ کان ٻوءَ ٻہ سمجهہ ۾ لڏو اڇي تہ سنڌ جي سنڌي نالي ۽ ڪوڙي خرابي آهي جو ان کي هروڀرو مٽائي هندي نالو ڏيڻي "سنڌو ديش" ڪريون. ڇا سنڌي عوام کي سنڌ بدران "سنڌو ديش" جو نالو وٺندو؟ اسين پاڻيون ٿا تہ آخر سنڌي ٽيڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي جو نالو مٽائي "سنڌو ديشي" ٽيون. خاص ڪري سنڌ ۽ محترم جي ايم سيد ۽ سندس نمائندو جناب ظفر علي شاهہ ٻڌي لکت ۾ چئي چڪا آهن تہ "سنڌو ديش جو مطلب ساڳيو سنڌ آهي، ٻيو ڪجهہ ٻہ نہ." نئين ڀارن کي هڪدم وڏو ٽيڻ جو شوق هوندو آهي. اهو شوق پورو ڪرڻ لاءِ هو وڏن جا سانگ رچائيندا آهن. ڪوڙ ڇاڻيءَ ۾ پيءَ، ماڻ ٽيندا آهن، ڪڏيون پرڻائيندا آهن. چور، پوليس وارا ۽ بادشاهہ ٽيندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ڪمزور طبقن يا قومن جا ماڻهو ٻہ اهي سانگ ڪندا آهن ۽ ڪوڙ ڇاڻيءَ جا وڏا ۽

شالدار کارناما کندا آهن. پارن کي ڏسي ته هر کو
ٻيو کلندو آهي. ٻر قومن کي اهو سانگ اکثر ڪچي ۽
ٻڌجي ويندو آهي.

بنگالي پاکستان ۾ اکثريت ۾ هئا. پنجابي پٺاڻ جاگيردار، سرمائيدار سامراجين ۽ سندن فوج کان هزار
ميل ٽريل هئا. وچ ۾ سمنڊ ۽ پارت هئا. کين ظلم
خلاف منظم قومي جدوجهد جو تاريخي تجربو هو.
مڙس ماڻهو وڃون طبقو هو. منظم ۽ مجاهد قومي
جماعتون ۽ تنظيمون هيون. وطن سان وفادار دانشور ۽
ملازم طبقو هو. پنهنجي فوج هئين ته به پچاڙيءَ تائين
ڇپائون پئي ته "اسان کي خودمختياري ڪپي. اسان
کي الڳ ملڪ ڏاڍو ڪونهي." مجيب آخري دفعي
قيد ٿيڻ تائين به "بنگلہ ديش" جي ٻڙڪ ٻاهر ڪاڍ
ڪيي. آن کان پوءِ به کين لکين ماڻهو قربان ڪرڻا
پيا. رت ۾ وهنجڻو پيو. پارت نتو مهينا گهوڙا گهوڙا
ڪئي ۽ تياري ڪئي. تنهن کان پوءِ به وڏو جنگ ٿيو. راج ڪڏ ٿيا. آمريڪي ۽ روسي بحري ٻيڙا حرڪت
۾ آيا. ذري گهٽ جنگ عظيم ٿيڻ واري هئي. تڏهن
مس مس وڃي "بنگلہ ديش" ٺهيو، ۽ بنگالين جي لئي
ٿي ويئي.

اسان جي ۽ بنگالين جي جاگرافيائي، تاريخي،
سماجي ۽ سياسي حالتن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. اسين

جيڪڏهن چاهيون تہ پر هنن حالتن ۾ في‌الحال بنگلہ ديش وارن سان ٽڪر هٽي نٿا سگهون ۽ اسان جي اڃي دل ٿي تہ اسان جي پر هڪدم بنگالين جهڙي لٿي ٿئي. وڌيڪ نہ تہ پر اسين ڪوڙ پچائيءَ ۾ ساڻن ٽڪر هٽي وڃون. تنهنڪري اسان هڪدم "سنڌوديش" جو اعلان ڪري ڇڏيو. ۽ بنگالين ڏير ڪئي. سمورو ڪم تيار ڪري پوءِ نهرو هنيائون. اسين انهن کان گوءِ ڪٽي وياسون. اسان تياري پياريءَ جي کاڻ کاڻ ڪري ۽ هڪدم چوٽ ۾ پنهنجو نهرو هٽي ڇڏيوسين. واهہ! واهہ! ٿي ويٽي. اخبارن ۾ بيان آيا. فوٽا ڇپيا. نهرا لڳا. اسين ڪوڙ ڪوڙ ۾ هڪڙي عظيم قوم جا "عظيم مجاهد سورما" ٿي وياسين. هو 'بنگلہ ديشي بهادر' تہ اسين 'سنڌو ديشي سورما'.

مطلب تہ اسان پنهنجو نالو دنيا جي سوڀ، ۽ سرفروش قومن جي لسٽ ۾ لکائي ڇڏيو 'ري ڪٽي، ري وڍي، پاڻ سيڃڙي بسي'! اهڙيءَ ريت اسان جو ڪم ٿي ويو. اسين پنهنجا نهرا هٽي، ڪم لاهي هاڻ ڪٽي ڇڏي اڃي گهر سکي ٽيا آهيون. اسان جو ڪم ٽيو. پر دشمن جو بہ ڪم ٿي ويو. سنڌ دشمن کي ڇڳيءَ طرح خبر آهي تہ همراه في الحال رڳو وات جي لست ٻيا وڌن. هو چاڻن ٿا تہ جن کي اهڙا خطرناڪ ۽ ڪٽن ڪم ڪرڻا هوندا آهن سي پريس بيان ذريعي جهان ۾ پڙها ڪونہ ڏيمائيندا آهن ۽ دشمن کي اگهوٽ

خبردار ڪري ڪيس مڪمل تياريءَ جو موقعو ڪونہ ڏيندا آهن. ڳائڻ وارا اها سستي نڙ ۾ ڳائيندا آهن:

آيل آن نہ وسهان هنجون جي هارين،
آڏيو آب اکين ۾ ڏيہ ڪي ڏيکاريسن،
سجڻ جي سارين سي نہ ڪي رون نہ چون ڪي.

۽ دشمن کي تہ پنهنجي قرات ۽ ڏاڻن تي ٻردو وجهڻ لاءِ ڀل ڪيندا هئا. هنن هڪدم رڙ ڪري ڪئي سچي سنڌي قوم کي ڏڙيءَ ۾ هٿ وڌو آهي. جي "خبردار! اب ڪهاں بچ ڪر جاسگدين هو!" "سنڌو-ديش" جي اکر کي گهيڙ ۾ گوڙهي وانگر وجهي ڪئي ڦيرايو اٿن. هنن اڳئي سنڌين جو پوٺ بند ڪرائڻ لاءِ وهڻ ٻڌي ولوڙيا. ڪڏهن ڏاهر ۽ محمد بن قاسم کي قبر مان ٻڌي آڌارائون، تہ ڪڏهن پارتي سازشون ٻڌي ايجاد ڪيائون. انڊو گهري الله کان هڪڙي اک، هنن کي ٻڌي ملي ويون. هاڻ وڌين سي ڏاڙا هٽن، وڌين سو ملڪ پينگ ڪن، وڌين سي غلام ڪرائين، مجال جو اسين ڪڇي سگهون! جيڪو ڪڇي سو "سنڌو ديشي" ڏي اخبار ۾، هن ڪاٽ ۾! سياسي ميٽنگون، جلسا جلوس تہ پري رهيا رڳو لطيف جو ڏينهن، به ٽنا ملهائي سگهون. جلسو ٿيو ناهي تہ پناهگير نقلي ترڪي پسندن جا پاڙهيل ۽ چار سورما اچي ٽڪاءُ ڪندا. "نهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌو ديش". سرڪار نامدار کي بهانو ملي، همراه پيا

ڪاڻ ۾ لطيف جو جلسو ٿيو ختم!

هاڻ تہ چار سنڌي پاڻ ۾ ڪڏ ويهي چاڻن جو ڪوپ بہ ہي نڙا سگهون نہ تہ پڻي ڏينهن ورس ۽ ايندو تہ "سنڌو ديشي" هاءِ ڪمان ڪا چار روزه اجلاس- ختم .... پارٽي نمائندن کي شرڪت .... بغاوت کي تاريخ مقرر هوگئي .... عنقريب مهاجرن پنجابين کا قتل عام شروع ڪيا جائي گا ...." ٿين ڏينهن اچي سرڪاري وارنٽ ٽڪاءِ ڪندو ۽ راج سچو ڪاڻ ۽ هوندو. ظاهر آهي تہ اسان جي اها نيت ڪانہ هئي. ۽ عملي طرح "سنڌو ديش" جو اڪر في‌الحال ڪم ٿي سنڌين جو گلو گهٽڻ جو ٿو ڏئي. پنجابي پڻاڪير سازشين جو سپ ڪان سازشي دماغ يہ سنڌين جي مُرلي بند ڪرائڻ لاءِ هن ڪان وڌيڪ يڪ ٽڪ نسخو مشڪل ايجاد ڪري سگهي ها. درحقيقت جي سچ پچ "سنڌو ديش" قائم ٿيڻ جو ڪنهن کي انديشو هجي ها تہ "سنڌو ديش" جي امڪان کي ڪچيءَ ۽ ٿي ختم ڪرڻ جو هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪامياب طريقو ڪهڙو آهي جو ان بابت ڪچيءَ ۽ ٿي ووءِ ووءِ ڪري دنيا جهان ۽ ان جون ٻڪارون وجهي ان گاڏهه کي روڪڻ ۽ ڪچيءَ ۽ ٿي ڪُچلازائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏجي. جو تہ دشمن کي بُل ڏيڻ کان سواءِ "جيئي سنڌ" جي مچيل ۽ گڏيل قومي پليٽ فارم تي سچي سنڌ کي وري متحد ڪجي، جو نہ پهنجي جائز

هن ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد کي نئين سر تيز ڪجي، جو نه نئين سر قومي صف بندي ڪجي ۽ ڏاهپ ۽ دانائيءَ سان اڳتي وڌجي؟ جو نه هڪڙي نديڙي پاراڻي ٽولي بدران سڄي قوم کي پاڻ سان وٺي هلجي. پس پيش به ته ڪم اهو ئي ڪامياب ٿيندو، جنهن ۾ سڄي قوم شامل هوندي. پس پيش جيڪا گاله سڄي قوم گهرندي ان کي ڪير روڪي سگهندو؟ اها گاله ته هونئن به صاف پيٽي آهي ته دنيا ۾ ڪوبه قانون، ڪوبه دستور، ڪابه فوج هن دور ۾ قومن کي زبردستيءَ حرامپائي سان ڪنهن پٽي جو غلام رکي نٿي سگهي. قومون فقط انصاف ۽ سچي برادريءَ جي بنياد تي ئي گڏ رهي سگهن ٿيون. زور جي مائٽي وارا زمانا ويا ۽ وري نه ايندا. اها گاله صاف پيٽي آهي جيڪو اها نٿو سمجهي سو يا ته بدمعاش آهي يا احمق. ان حالت ۾ پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهي، اجايو پاڻ کي ڏڪو ڪرڻ ۽ خواهخواه دشمن کي ٻڌ ڏيڻ جو ڪهڙو ضرور؟ اڇو ته وري به سوچجون.

اشوڪ سنڈي گم، مظفر پارٽي موجون!

اشوڪ سنڈي گم آهي، پوليس چوي ٿي "بي ايس پي جي آفيس مان رات جو پڇي پارٽ هليو ويو آهي." پوليس کي ٻڌايون ته ڪشف ٿيو هوندو، ٻيو يا ڪيس هٽ سان پارٽ جو باربر ٽپايو هوندڙن يا ٿيو پارٽ سرڪار

کان پڇا ڪرائي، هوندا‌ؤن ته "برابر بهتو" چوڻون. يا وري اڃي وڃي ڪيس جيڏو ڏسي آيا هوندا. پنجين ڳالهه ٿي سگهي. جيستائين پوليس انهن جڏن ڳالهين سان هڪڙي ڳالهه ٿي هٽ رکي، تيستائين ماڻهو چوندا رهندا ته "اشوڪ سنڈي کي پوليس عذاب ڏيئي، چيچلائي ماري سندس لاش گم ڪري ڇڏيو آهي. پئي پاسي پارٽ کان آيل نواب مظفر جنهن کي پڏوسين ته سرڪار نامدار ريجهائي ريجهائي، سندس وات مٺو ڪرائي، ماڻ ڪرائي آهي سو هاڻ کائي پي، اوگرائي ڏئي، وري شروع ٿي ويو آهي.

اشوڪ سنڈي پنج هزار سالن کان سنڌ ۽ پاڪستان وطن جو رهندڙ هو. ان کي پاڪستان ڇڏي پارت پڃي وڃڻ لاءِ ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟ پارت جي آکير ته نواب مظفر کي لڳڻ ڪيي ها جو پارت کان آيل آهي. جي پارٽي شهرن پويان لکنوي، دهلي، رامپوري سڏائڻ ۽ جرج ڪونهي ته انهن حضرات کي ڪڏي سڏي هڪڙي اکر ۽ پارٽي سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ حساب سان اشوڪ سنڈيءَ بدران مظفر پارٽي پارت پڃي وڃي ها ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ها. اشوڪ سنڈيءَ جو پارت پڃڻ سمجهه ۾ نٿو اچي. سنڌ دشمن ٽولو سنڌ کي "پاڪستان پرديش" بنائڻ لاءِ ڪٿين اسڪيمون هلائي رهيو آهي. هڪڙي اسڪيم آهي سنڌين جي آبادي گهٽائڻ ۽ غير سنڌين جي آبادي وڌائڻ جي. سنڌ ۽

رهندڙ پنجابين ۽ پٺاڻن جا به پاڻ وارث ٿيا آهن. بلوچن کي چون ٿا ته "اوهان سنڌي ناهيو" باقي رهيا غير بلوچ سنڌي. انهن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ وٺ وٺان ۾ لڳا پيا آهن ته "هندو سنڌ مان ڪيو." پي طرف "پارٽي ۽ بنگلا ديشي بهاري سنڌ تي مڙهيو." مطلب سنڌي ڪيو. پناهگير آڻيو. پوليس ۾ سنڌي آهن. تن کي ماڻهو مارڻ ۽ رشوتن وٺڻ کان واندڪائي ڪانهي جو سوچين ته دشمن جي چال چا آهي. پيا آهن پيا. جني ته اهڙا وجهه پيا ڳولين ته مفت ۾ غازي به ٿيون ۽ سنڌين جو به گهر مسيت ڪريون.

هي سوال اشوڪ جي غائب ٿيڻ جو ڪونهي. سنڌين جي غائب ٿيڻ جو آهي. اڄ اشوڪ سنڌي غائب آهي. سياڻي پيا سنڌي غائب ڪيا ويندا. ڪن جو ڏس پارت طرف ڏيندا ته ڪن جو روس، چين ۽ افغانستان ڏانهن، واڻيا پڄائي پوءِ مُسلا پڄائيندا. تان جو ڪنهن ڏينهن پوليس اعلان ڪندي ته "جي ايم سيد جيل ٽوڙي درياه ٽپي دهليءَ اڏامي ويو، رسول بخش پليجو چين يا روس ويو. پٽر سنڌي آمريڪا ويو، ايياز جو انگلنڊ ۾ ڏس آهي." هيءَ معمولي ڳالهه ڪانهي. سنڌ جي وجود جو سوال آهي. جيستائين پيو قطعي ثبوت نڏو پيش ڪيو وڃي، تيستائين هي واقعو پڇ جو نه ٻر وحشيانه قتل جو واقعو سمجهڻو پوندو. واسطيدار عملدارن کي گرفتاري ڪري مٿن قتل جو مقدمو هلائڻو

پوندو. اشوڪ کي واڌيو. چئي. پارٽ موڪلي. سنڌي قوم جي اکين ۾ ڌوڙ نٿي وجهي سگهجي. اشوڪ سنڌي جي سچي سنڌي قوم وارث آهي. قومون پنهنجن ڇڻ بابت اهڙا واهيات بيان ڏئي لاءِ تيار نه ٿيندیون آهن. هن قوم کي سولي ۽ معقول سمجهاڻي ڪهڙجي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ نومبر ۱۹۷۳]

نئون قانون

ڪجهه وقت اڳ عوام سان انجام ڪيو ويو هو
ته "اڳوڻي پراڻي پاڪستان جي جاءِ تي هڪ نئون
پاڪستان بنايو ويندو؟ "اهو نئون پاڪستان ڪڙو هوندو؟
ڪنهن بابت عوام کي ڪهڙين ڪهڙين اميدون ۽ اندیشا
هئا. گهٽ کني اميد هئي ته عوام دشمن قوتن، اسلام
۽ نظريه پاڪستان جي آڙ ۾ ۲۶ سالن کان پاڪستان
تي جيڪو "قرلٽ، مڪر ۽ بدمعاشيءَ جو نظريو مڙهيو
هو، جنهن کان: بيزار ٿي ڪروڙين بنگالي مسلمان
دانهون ڪري، پاڪستان کان پڇي ويا سو ختم ڪيو
ويندو. باقي رهيل "پاڪستان جون "قريل ۽ "قرجندڙ ڏريون
به بنگالين وانگر دانهون ڪري پڇڙ جون واهون نه
ڳولين، الهيءَ لاءِ ساڻن وهنوار ڪيو ويندو ۽ سندن
گهر جي ٽهڙن تي سندن حق تسليم ڪيو ويندو. اهو
فقط ڏڌهن ممڪن هو، جڏهن پاڪستان جي نالي ۾ ڏاڙن
هٽندڙن جي گس بند ڪرڻ لاءِ سنورين ڏرين جي قومي
وجود کي تسليم ڪري، کين پنهنجي گهر جو ڏڻي
ڪري، قبول ڪيو وڃي. گهٽ سمجهيو ٿي ته بنگال جي
دردناڪ واقعي مان سبق سکي، اهڙي صحيح ۽ سمجهداريءَ

وارو گس ورتو ويندو. شروع شروع ۽ صوبائي خودمختاري ملڻ بابت، جيڪي گالهيون ڪيون ويون، تن مان ائين ڏسي نظر آيو، جو ٿون پاڪستان آهستي آهستي انهيءَ صحيح رخ ۽ طرف ڏانهن وڌي رهيو آهي. هر ست ڏسي آهي اميدون ناڪام ٿيندڙ نظر آيون: پهريائين ٿين دستور ۽ قومي تضادن کي تسليم ڪرڻ جي گالهه، ٻئي ڏڻي ويئي. هاڻ هڪ آزاد مسلم رياست پاڪستان اندر ڏار ڏار قومن جي وجود کي تسليم ڪرڻ کي باقاعدي هڪ قانوني ڏوهه ٺهرائي ڇڏيو ويو آهي. اها بندش ٻن اکرن ۽ وڌي ويئي آهي. هر ان جا خراب نتيجا ٻن اکرن ۽ بيان ڏي نه سگهندا. اسان سنڌي اها دعويٰ ڪندا رهيا آهيون ته سنڌ جون زمينون، درياهه، گذر جا وسيلا، مال ملڪيتون، ٻولي، ثقافت، ۽ ٻيون سڀ پياريون ۽ قيمتي شيون ۽ گالهيون اسان جي ملڪيت آهن. انهن ڏي اسان جو ڏي حق آهي. اهو اسان جو اباڏو ورثو آهي. ٻئي ڪنهن کي ان سان حق ڪونهي، جو اسان کي انهن کان محروم ڪري. اها دعويٰ اسين انهيءَ ڪري ڪندا آيا آهيون ۽ انهيءَ ڪري، ڪري سگهيا آهيون، جو اسان جو اهو ويساهه ۽ اسان جي اها دعويٰ ٻڌي رهي آهي ته اسين هڪ تاريخي قوم آهيون. هاڻ قانون جي هن ٻن سٽن ۽ اسان جي انهيءَ دعويٰ کي غلط، باطل ۽ خلاف قانون ٺهرايو ويو آهي.

اوهين آهيو ڪير؟

موجوده صورتحال هيءَ آهي تہ هاڻ جيڪڏهن اسين چئون ٿا تہ اسان جون فلاڻيون زميون، فلاڻا گذر جا وسيلا ۽ فلاڻا حق اسان کي سونائي ڏيو، تہ اڳلو هڪدم اسان کان سوال پڇندو تہ "اوهين آهيو ڪير؟" جي چئون ٿا تہ "اسين سنڌي قوم آهيون" تہ داد فرياد بجاءِ خود، سڏا ڪاٽ ۽ هنيا ويندا سين. نتيجو اهو نڪرندو، جو اسين پنهنجي ڪنهن بہ ٽپڙ ڏرڻءَ لاءِ کا دعويٰ ڪري يا ڪو حق چڪائي نہ سگهنداسون. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڏرتيءَ ۽ ان جي سموريءَ نعمتن ۽ ملڪيتن تان اسان جا حق واسطا ۽ حجتون رد ۽ باطل ٺهرايون ويون آهن. اسان جو سنڌ ڏرتيءَ بابت تاريخي رڪاڊ ۽ پيل ڪاتو، قلم جي هڪڙيءَ ليک سان ختم ڪيو ويو آهي. اسان جي ڏرتيءَ ۽ اسان جي گهر جي ٽپڙن تي جيڪي بہ ناجائز قبضا، جدخليون، ڦريون ۽ ڏاڙا هيستائين لڳي چڪا آهن، سي هن قانون سبب سپ جائز ۽ قانوني صورت اختيار ڪري ويا آهن. جو تہ هاڻ آٽهن ڏوهن بابت اسين کابہ ڏاهن کوڪ ڪرڻ کان خارج ٺهرائجي چڪا آهيون.

قانوني مال غنيمت!

هن قانون موجب سنڌ جو مال ۽ سندس ٽپڙ سڄي جڳ لاءِ مال غنيمت ٺهرايا ويا آهن. تہ رڳو هتي پاڪستان ۽ رهاڙ ڪوبہ ماڻهو پاڻ کي پاڪستاني

سڏي، آن مان جيڪي ڦٻائي سگهي، سو ڦٻائي سگهي ٿو. پر ڪو لنڊن، ڪئناڊا، آفريڪا يا پارت ۾ رهندڙ مائٿو ۽ ٻهارين وانگر پاڻ کي مسلمان ۽ پاڪستاني سڏائي، پاڪستان تي پنهنجو حق ڇڪائي، سنڌ جي ڪنهن ٻر زمين ۽ گذر جي ڪنهن ٻ وسيلي تي قبضو ڪري سگهي ٿو. جيڪو ٻ اعتراض ڪندو تنهن کي هن آرڊيننس موجب ڦيرائي گهيرائي، وٺ سٽ ڏيئي مجرم ثابت ڪري سگهجي ٿو.

مطلب ته هزارين سالن کان وٺي اڄ تائين، اسين دودي، هوشو، هيمون مائي بختاور ۽ لطيف جي نقش قدم تي هلندي، پنهنجي ايائي ورڻي بچائڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪندا رهيا آهيون، سا پاڪستان جي هن چوڏهين سال ۾ قانوني طرح ناجائز ۽ خلاف قانون ٺهرائي ويئي آهي.

هيءَ آرڊيننس، خاص ڪري آن جو قوميتن کي غير قانوني ٺهرائڻ وارو حصو، پاڪستان لاءِ هرگز هرگز فائديمند ثابت نه ٿيندو. هيءَ آرڊيننس پاڪستان جي قومي مسئلي جو نه رڳو صحيح حل ناهي، پر بلڪل غلط ۽ قطعي نقصانڪار حل آهي. اهو رواجي عقل، تاريخي ۽ جاگرافياڻي حقيقتن جي ٻ سراسر خلاف آهي. مثال طور هن قانون موجب هتان کان هزارين ميل پري هندستان جي هڪ ڇيڙي وارو ٻهاري يا پارني مسلمان ڪلوڙ سيائي جيڪڏهن ڪٽان گهٽ ڏيئي، باربر ٽپي، اوچتو

هتي آڇي ٽڪري تہ هني قدم رکڻ شرط اهو ڪلوو ۽ منڇر ڏيڻ تي صدين کان بکن ڏکن ۾ رهندڙ ڪانگل مهاڻو ٽي ويا پاڻ ۾ هڪ قوم! باقي ڪانگل ۽ سندن صدين جا پاڙيسري مهاڻا، ڪوسا، خاصخيلي، رند، سڀ سي پاڻ ۾ ڳجهه به ڪونہ ٿيا! ڳهڻو ڳهڻو ٽپ ڏنائون تہ ٿيا پاڪستاني!

سوال آهي تہ قومن کي بچائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ قومپتن جي وجودن کي ختم ڪرڻ فائدي وارو ۽ ضروري آهي يا پاڻ انهن کي تسليم ڪري هڪ کي پٽهنجو جائز حق ڏيارڻ فائدي وارو ۽ ضروري آهي؟ دنيا جي پن عظيم ۽ مضبوط ملڪن روس ۽ چين جو مثال ونو! روس ۾ سرڪاري طرح سڀ کان مٿي قومتين جي وجود کي تسليم ڪيو ويو آهي. کين قانوني ۽ دستوري حق ڏنو ويو آهي تہ ڇڏهن ڇاهين، ڏڏهن ڪڏيل سوويت سرڪار کان الڳ ٿي وڃن!' کي ايڏيون تہ نديڙيون قومپتون به تسليم ٿيل آهن، جو انهن جي آبادي اسان جي تعلقي يا ضلعي جيتري به مس ٿيندي! انهن کي به انهي جدا علائقي جو وارث تسليم ڪيو ويو آهي. چين ۾ غير چيني قومپتون نالي ماتر ۽ اڻي ۾ لوڻ برابر آهن. اهي اڪثر جبلن جي جهڏن ۾ رهندڙ قبائلي آهن. ڪن تہ جبلن ۽ ٻيلن کان ٻاهر واري ڏنهن ڏڻي تہ چا ٻڌي به ڪانهي. ۽ چيني سرڪار انهن کي جبلن، ٻيلن ۽ ٻيٽن مان ڳولي

ڪولي هٿ ڪري پنهنجا خودمختار صوبا، علائقا ۽ ضلا
ڏئي ٿي. ڪئي ڪئي ته خودمختار تعلقا يا ڏنا ويا آهن
مائوزي تونگ جو سرڪاري لقب آهي "چين جي سڀني
قومين جو اڳوان" هو چين جي عظمت جو هڪڙو ڪارڻ
اهو ٿو پڌائي ته "چين جي سموريين قومين جي وچ
اتحاد مضبوط آهي." روس ۽ چين اهڙي قومين کي
به قومي خودمختاري ڏني آهي، جن وٽ پنهنجو
الف-ب به ڪانه هئي. انهن کي الف-ب ڏيئي پڙهائي
ماڻهو ڪري، کين پڌايو ويو آهي ته "اوهين هڪ
الڳ قوميت آهيو. هي اوهان جو الڳ قومي علائقو
آهي. ان تي ٻهريائين اوهان جو حق آهي!"

چا ان ڪري روس ۽ چين ڪمزور ٿيا آهن؟ کين
بگهڙ کائي ويا آهن؟ هو دنيا جي ڪنڊ ڪان ڪنڊ
آفتن ۽ عذابن مان لنگهيا آهن ۽ سندن وار به ونگو
نه ٿيو آهي. ڇو؟ جو ته هنن تاريخي حقيقتون، تسليم
ڪيون. انهن کان پڳا ڪونه. هنن بي ايماني نه ڪئي،
سچائيءَ کان ڪم ورتائون. اڄ ان سچائيءَ جو بدلو
کين ملي پيو.

پئي طرف انگريز، فرينچ، ڊچ ۽ ٻين سامراجين
ايشيا، آفريڪا جي عظيم قومن تي نالا ميساري، کين
"ديسي" سڏيو. کن ته مورڳو آفريڪا ۽ ايشيائي
قومن کي چيو ته "اوهين فرينچ آهيو. پورچوگيز آهيو.
اوهان آفريڪي، ايشيائي ناهيو." ڇو؟ تاريخ چا ڪيو؟

ڇا اهي هيڪ ذات ۽ ڪوڙ جا ڪوٽ ڪٽي آهن؟ اڄ عظيم قومون زوري ۽ دنيا ۾ اوچو ڳالهه ڪريو ٿيون هلن ۽ سامراجي ڪوڙن جي منهن ۾ ڏوڙ ڦڪجي ويئي آهي ۽ هو لاچار منڇ کي تسليم ڪريو ٿيون پولين پيا پولين. تاريخي سچائين جي منڇ کي ترڻ ۽ هيڻان لڪائڻ جي ڪوشش هميشه اجائي ثابت ٿي آهي. عقل جي گاله اها آهي ته پاڪستان ۾ تاريخي سچائين کان گوهيون ڏيڻ ۽ قانوني قدرن جي واريءَ ۽ شتر مرغ وانگر ميسي لڪائڻ جي پاليسي ترڪ ڪئي وڃي. انهن انڪلن سنڪلن مان چوڌري غلام محمد، چوڌري محمد علي، اسڪندر مرزا، ايوب، يحيٰي، مودودي۽ کي ڪهڙو هڙ حاصل ٿيو، جو هاڻي حاصل ٿيندو؟ اهي سڀ ڪلهيار ۽ ڪوڪون ثابت ٿيون. جيڪا گاله، جيڪا ڳئي، تيڪا وڃي ٻيئي، ساڳيءَ طرح هاڻ به هن قسم جي قانوني حرڪتن وسيلي عوام ۽ جان چالاڪي يا گدي ڪرڻ جي پاليسي به بس پيش آمن ناڪام ٿيندي.

جلد يا سوڀ عوام هن آرڊيننس ۽ جيڪا رجعت پرست ۽ غير جمهوري ذهنيت سمايل آهي، تنهن کي ڇڪيءَ طرح سمجهي ويندا ۽ آهستي آهستي ان جي خلاف منظم ۽ بااصول جدوجهد هلائيندا. ان کي ناڪام بنائيندا. الهيءَ ڪري اسين پوري خلوص ۽ خيرخواهي سان مطالبو ٿا ڪريون ته هن بنيادي مسئلي تي ايوب خان

۽ مودودي۽ جي پٽ وٽ جي پاليسي ترڪ ڪري
پاڪستان جي مظلوم ۽ ستايل عوام سان پوري ليکي
۽ وهنوار ڪرڻ واري پاليسي اختيار ڪئي وڃي. انهيء
ر ئي سيني جي عزت آهي. اها ئي پاڪستاني عوام
جي پڏي۽ مضبوطي۽ ۽ پلائي۽ جي وات آهي. پي
وات فقط تفرقي، ڏڪير ۽ فاشزم ڏانهن وڻي ويندي
سيني کي تباهه ڪندي. اسان جي صلاح آهي
ته هن آرڊيننس جي قومن واري فقري تي پهر ويچا
ڪيو وڃي ۽ قومي اسيمبلي ان ر ڪهربل ترميدو
ڪري، قوميتن جي وجود تسليم ڪرڻ تان بندش
ڪڍي ڦٽي ڪري.

ڇڏڪ!

پئي طرف اسين پنهنجي سنڌي عوام کي ڪج
چوڻ چاهيون ٿا: اسان کان قوم سڏائڻ جو حق قانون
طرح کسيو وڃي، سا ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي. ا
ڪنهن سبب کان سواءِ ئي نه ٿي سگهي. اسان ک
سبب اهو نظر اچي ٿو ته اسان باوجود ڇڪي۽ موچاري
شروعات ڪرڻ جي، هڪ قوم ٿي ليکجڻ بابت پنهنج
دعويٰ عملي طرح ثابت ڪري ڪونه سگهيا آهيون
اسان کي تاريخ طرفان جيڪي گهڙيون عقل ۽ ڏاه
کان ڪم وٺي، ڪٽن محنت ڪري، پڏي۽ ۽ تنظ
ٺاهڻ لاءِ مليون هيون، سي اسان پاڻ پڏائڻ، هڪ

جي گلائن کرڻ، خسيس ذاتي فائدن وٺڻ، نندڻ ٽوڻن ٽاهڻ ۽ عوام تي آکڙ کرڻ ۾ زيان ڪري ڇڏيون. اڄ اسان وٽ چوطرف فقط ليڊر ئي ليڊر آهن. هاري ليڊر، شاگرد ليڊر، قومي ليڊر، ادبي ليڊر وغيره وغيره! پر پٽيان ڪجهه به ڪونهي. نه نظريو، نه پڌي ۽ نه تنظيم.

هي غير جمهوري آرڊيننس اسان جي لاءِ هڪڙو چهبڪ آهي. جيڪڏهن اهو چهبڪ ڪائي، اسان سڄاڳ ٿياسين ۽ پنهنجا فرائض پورا ڪياسون، ته چٽبو ته اسان ڪٽيو، هاريو ڪونه.

قومن جي زندگيءَ ۾ لاهيون چاڑهيون ايندیون رهنديون آهن. هن عارضي شڪست سبب اسان کي هرگز مايوسي ٽيڻ نه کپي ۽ هٿيار ڦٽا ڪري، قوم کي گاريون ڏيئي، وري پنهنجي پيٽ پوڄا جي ڏنڊي ۾ لڳي وڃڻ نه کپي. نڪي زالڻ وانگر سڪي سيڪ سيڪ ڪري پنهنجي محنت جو ماتم ڪرڻ کپي. اسان جيڪڏهن مڙس ماڻهو ٿي، حالتن جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجا فرض ادا ڪيا ته پوءِ هي عارضي مشڪلاتون يقيناً ختم ٿي ويندیون ۽ وقت جي واڳ وري اسان جي هٿ ۾ اچي ويندي.

ڏونگر ڏکوئن تي تپي ڪندين ڪهه،
تون جي ڦٽ پٻ جو ته لڳ به منهنجا لوهه.

مذهب جي آڙ ۾ سنڌين ۾ ويڇا نه وجهو!

پاڪستان جي دستور ۾ روءِ زمين جي انساني حقن جي تسليم ٿيل دستور موجب، هر سرڪار جي سڀني باشندن کي هڪجهڙيون ذميواريون ۽ هڪجهڙا حق حاصل هُئن. البت هيٺ ڪمزور ٿولن سان اها رعايت ڪري سگهجي ٿي ته کين سندن قائدي لاءِ ڪي رعايتون ڏنيون وڃن جهڙوڪ: الیکشن ۾ تعليمي سهوليتن ۾ نوڪرين وغيره ۾ خاص ڪوٽا وغيره.

پاڪستان جا ازلي دشمن سنڌين جي زور پڄن ۽ کين پنهنجي گهر ۾ بي گهر بنائڻ لاءِ ڪٿين گهات گهڙيندا رهيا آهن. هندو سنڌي انهن سازشين جي سازش جو خاص ۽ دلچسپ نشانو پڻي رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو انهيءَ سازش کي ناڪام بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهن. تازو ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ڪوٽائون مقرر ڪيون ويون آهن. ان ۾ هندو سنڌين لاءِ ڪوٽا مقرر ڪيون ويون آهن. ظاهري طرح اها سنڌن حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مٿن مهرباني ڪئي ويئي آهي. پر ان مهرباني جي آڙ ۾ حقيقت ۾ هڪ ٻي ڳالهه ڏي ٻي انصافي لڪل آهي. هندو سنڌين ڪڏهن به الڳ ڪوٽا جي گهر نه ڪئي آهي. الڳ ڪوٽا ساڻن مهرباني نه پر مٿن چڻي آهي. اها چڻي انهن تي انهي ڪري وڌل نظر اچي ٿي، جو هو هندو آهن. مذهب

جي بنياد تي ڪنهن بہ پاڪستانيءَ کي سندن جائز حق کان ڪهڙ حق ڏيڻ، پاڪستان جي دستور موجب ڏوهہ آهي. اها ڏوهہ جهڙي ڪاروائي فوراً بند ڪئي وڃي. هندو سنڌين ۽ مسلمان سنڌين جي وچ ۾ زوري پيدا ڪيل فرق ختم ڪيو وڃي، ۽ هندو سنڌيءَ کي مسلمان سنڌيءَ جهڙا جيترا حق ڏيارڻا آهن، اها زور جي مرڪيل مهرباني موٽائي وڃي.

[ماهوار "تحريڪ" - ڊسمبر ۱۹۷۳ع]

نئون سال

اسان جي البيلي ۽ مستاني ڌرتيءَ خلاءَ ۾ ترندي، نچندي، ڦيرون پائيندي، لمندي لمندي پنهنجي سج کي هڪڙو ڀيو ڦيرو ڏيئي ورتو.

انهيءَ هڪڙي سال ۾ ڌرتيءَ تي الائي ڇا ڇا نه ٿيو! الائي ڪيترين ڌرتيون پنهنجن سڄن جي گولا ۾ ڦيرون پائيندي رهجي ويون! الائي ڪيترين ڌرتين جا سج هميشہ لاءِ لهي ويا ۽ ڪائنات سندن البيلا ۽ مستانا ڦيرا هميشہ هميشہ لاءِ وسري ويا! انساني دلين جي جهان ۾ الائي ڇا ڇا ٿي گذريو هن هڪڙي سال ۾، هن ڌرتيءَ تي!

هونئن هي سال به اڳئين وانگر گذريو. هن سال به سج پنهنجي ڌرتيءَ کي روشني، طاقت ۽ گرميءَ جا اٽاهم خزانا سوڪڙيون ڪري ڏيندو رهيو. هن سال به ڌرتيءَ ۽ ان جي حلالي ڇڻ گرمين، سردين، پوسائن، واڇوڙن، بارشن ۽ طوفان ۾ پورهيا ڪري دولتن جا انبار پيدا ڪيا. گهر، محل ۽ ماڙيون اڏيا. علم، ڄاڻ، سونهن، ٻيڪي ۽ پيار جا خزانا خلقيا. هن سال به ڌرتيءَ جي حلالي ڇڻ کي تنگيون، ڪون، فاقا، گندگيون، بيماريون، بدصورتيون، نفرتون، بي‌عزتيون،

غلاميون، قيد، قاميون، گوليون، بم ۽ راڪيٽ پلٽ
پيا. هن سال به ڏرتي جي ڌاڙيلن جاوا ڪيا. آڳاڙيون
۽ خرمستيون، بدمعاشيون، دنگا فساد ۽ جنگيون ڪيون.
مطلب ته هن سال به اهو ئي ٿيو، جيڪو لکن سالن کان
ٿيندو اچي. ۽ هن سال رڳو اهو نه ٿيو. ڪجهه ٻيو
به ٿيو. هن سال سڄي دنيا جي حرام‌خورن ۽ بدمعاشن
جي لٽ سردارن جي گهر ۾ گهوٽالو وڌيو. سندن
ڇڄيءَ ۾ عوام جي غصي ۽ انتقام جو ڦندو وڌي
سوڙهو ٿيندو. سنڌ ۾ به ٻيو نه ته به، سنڌي عوام قيمتي
سبق پرايا. ڪچا گهڙا پُري پڄي پيا. هاڻ پڪن
جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. هاڻي فقط رت ڏيڻ وارن،
اوڇ، سمجهو ۽ دانا مڃن جو ڪم رهيو آهي؛ نه
ڪٽي ڪائڻ وارن يا نادان، احمق، نمائشي ۽ ڇاڙي باز
مڃن جو.

ٽئون سال پڪ سان نوان رنگ لاٿيندو. نيون آسون،
نيون آزمائشون، نيون ڪاميابيون، نوان چئلينج آڻيندو.
عوام ضرور فاتح ٿيندو.

۾ اڪياڻي بند ڪريو

ٽئين وزير اعليٰ اعلان ڪيو آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ
سيڪي سنڌي آهن، ڪراچيءَ ۾ بار بار باهيون ملهيون،
ماڻهو ماريا ويا، گوليون هليون، دڪان سڙيا، ٻڌڪون
لٽيون، عليٰ اعلان هٿياربند ٻاوت ڪڍي ويڙهه، سيني

باغين ۽ ڦريون لٽيون ڪندڙن ڏانءَ هٿندڙن ۽ باهيون ڏيندڙن ڪي بار بار جلد وري ڇڪ ڇڏيو ويو. تارو ٽيو. دفعو ساڻن علاڻقي ۾ بغاوت ٿي آهي ۽ ٽيو دفعو باغين ۽ مجرمن کي آزاد ڪيو ويو آهي. ان حالت ۾ سنڌ جي ماڻهن کي خبيس ۽ ڪوڙن الزامن ۾ ڦاسائڻ ۽ سزائون ڏيارڻ ۽ گهرن ۾ نظربند رکڻ سنڌ جي مختلف ماڻهن ۾ فرق ڪرڻ ناهي ته ٻيو ڇاهي؟ سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته سنڌي شاگردن هارين، قومي ڪارڪنن ۽ ٻين مظلومن کي آزاد ڪيو وڃي. محترم جي ايم سيد تان پابنديون ختم ڪيون وڃن. سنڌي رسالن تان بندشون لاٿيون وڃن. سنڌ جي سمورن ماڻهن کي هڪ اک سان ڏسو وڃي. ۽ اڪيلائي بند ڪئي وڃي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ جنوري ۱۹۴۳ع]

اهو ڏينهن به ايندو!

"تحريڪ" پنهنجي عقل ۽ سمجهه آهر سنڌي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجي اکيان رهنمائي ڪندڙ اصول رکيا آهن. اها پنهنجي پهچ آهر انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.

انهن مان پهريون اصول هي آهي ته قومي رسالي کي سچ پچ قومي امانت ڪري ليکجي. ان کي ذاتي دوستيءَ يا دشمنيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ قومي جرم آهي. ته پوءِ ايترو ٻڌڻ جيڪا مخالفت حقيقت ۾ ذاتي ڪن سبب نه پر قومي عقيدن، نظرين، ۽ ڪن سبب هجي، اها مخالفت به جيڪڏهن ظاهري طرح "تحريڪ" سان واسطو رکندڙ ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي نالي ٿئي ته ان باري ۾ به اکر نه لکيو وڃي. ان ڪري "تحريڪ" سان واسطو رکندڙ ڪارڪنن کي سنڌن عقيدن، نظرين ۽ ڪن جي سزا ڏيڻ لاءِ ۽ ڪنهن بليڪ ميل ڪري، ڪين سنڌي عوام جي خدمت جي راهه تان هٽي وڃڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ، سنڌن خلاف طرحين طرحين جون بيسپسيون ڪون ويون، بهتان مڙهيا ويا، افسانا گهڙيا ويا، ناڪ ڪيڏيا ويا، ڪارون ڏنيون ويون، مگر "تحريڪ" کي جيڪو چپ جو امر هو، هوءَ ان

ٿي قائم رهي.

ڏکي فقيرن، موڙئون ٻني ماڻ جي!
مرجان ڇاليهه، ڇڻي، سڳا سپرين جي!

اسان کي خوشي آهي جو اسان جي پڙهندڙن انهيءَ پاليسيءَ کي درست سمجهيو ۽ پسند ڪيو.

تازو اخبارن ۾ معلوم ٿو ٿئي ته ٿڻي ضلعي جي هڪڙي وڏيري، وزير اعظم پاڪستان اڳيان "تحريڪ" تي الزام هنيو آهي ته "اها هارين کي زميندارن خلاف پڙڪائي ٿي."

الزام، بهتان ۽ ملامتون "تحريڪ" ۽ تحريڪ وارن لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪينهن. اهي ڪين وڙئي ۽ ملها آهن.

سورن اسان ساڻ نديئي ڏينهن ڪيو!
سر جي تان سور، ساماڻي تان سک ويا.
اهي ٻئي ٻ-ور نماڻيءَ نصيب ٿيا!

تحريڪ وارا شروعات کان ئي مدائين ڪنهن نه ڪنهن ماڻي ۾ مبتلا رهيا آهن. اهو ڏينهن خالي، ڪونهي جڏهن سندن کي نه کي عيب لڳا نڪرن. ڪڏهن ولي پائي کان لڪ رهيا وٽيو، پڻمغليت ٿا لکن. ڪڏهن گورمالي کان ٻ- لک وٺو "سزائڪي

ڏينهن" پيا ملهائين. ڪڏهن ڪنهن خوبصورت انقلابي ڪارڪن کي برغلايو نعمپ جي ڪامريڊن جي آندل انقلاب جو عين ٽائيم تي تختو اونڌو ڪريو ڇڏين. ڪڏهن جي ايم سيد جي اشاري تي پوليءَ جا فساد ٿا ڪرائين. ڪڏهن لنڊن وڃيو سورمن جي سپاهه جو انت لهيو اڇيو پي - پي سرڪار کان لونگيون ڪلهي ۾ وجهائين. سندن باري ۾ چيني ڪامريڈ فرمائين تہ "روسيون ڪي اڙ ميں آگئے هيں. سوشل سامراج ڪي ايجنٽ هيں." روس جي گاديءَ جا خليفا ڪامريڈ فرمائين تہ "مائوسٹ هين، آمريڪي ايجنٽ هين." وري ٻنهي پلارن انقلابي فرقن جا مفتي سگورا متفق ٿي فتوا ڏين تہ "شاونسٹ ڪٹر قوم پرست هين، بڊيرون ڪي ايجنٽ هين." پاڪستان جي استحڪام، سالميت ۽ اتحاد جي نئين عشق ۾ گرفتار ٽيل وڏيرا چون تہ "سنڌو ديشي آهن، بغاوت ڪرائي ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪرائيندا." جنگ وارو رئيس امروهوي فرمائي ٿو تہ "تحريڪ فتنے ڪي جڑ هے، اسے کيون نهين بند کيا جاتا؟" هاڻي هي انڪشاف ٿيو آهي تہ "هارين ڪي پڙڪايون ٿا. مطلب تہ شڪر آهي، وسريل ڪونہ آهيون. سڃڻن کي هردم ياد آهيون. دلچسپ ڳالهہ اها به آهي تہ چيني ۽ روسي خليفن ۾ هونڊن هزارين اختلاف هوندا، پر انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ "تحريڪ وارا بدمعاش آهن." وري ڪوڙن ڪامريڈ حضرات.

جماعت اسلامي ۽ پنجين قوميت واري پاڻهاڳير پرڏيهين
ڀر ۾ رهڻا اختلاف هوندا، پر "تحريڪ" جي مخالفت
ڀر متفق آهن. هوڏانهن نقلي قوم پرست وڏيرن ۽ نقلي
سوشلسٽ وڏيرن ۽ سنڌن پوئلڳن ۾ بيحد رهڻا اختلاف
هوندا پر "تحريڪ" بابت هڪي متفق آهن ڇاڪاڻ
خراب ماڻهو آهن. مطلب ته سموري سنڌ دشمن ٽولن
جي نظر ۾ اسين بڇڙا ۽ بدڪار آهيون. اسان کي انهيءَ
جو ارمان ڪونهي، خوشي آهي. اسين انهيءَ ڳالهه
کي پنهنجي معمولي ۽ ايرين ميرين وطن سان وفادارين
جو سرٽيفڪيٽ سمجهون ٿا. اسين سنڌي هارين کي
نٿا پڙڪائون. نڪي پڙڪائيندا سين. پڙڪائڻ معمول
ڪوڙو وڏائڪ ڪرڻ، ڳالهه مان ڳالهوڙو ٻاڻڻ، ٽيليءَ
مان ٽنب ٽاهڻ، لاڻي لڳائي ڪرڻ. اسين انهيءَ قسم
جي ڳالهين جي خلاف آهيون.

پر جي سنڌي هارين خلاف جيڪي ظلم ۽ ڪلور
سچ پچ ٽين پياڻ تن جي سچي ڳالهه ڪرڻ کي "پڙڪائڻ"
آهي، ته پوءِ ان ڳالهه ۾ اسين پنهنجي ان ڄاڻائيءَ
بي پهچيءَ ۽ بندشن سبب مجبوراً هوڻتي پيل آهيون.
اسين پنهنجي انهي ڪوتاهيءَ ۽ بي پهچيءَ تي شرمسار
آهيون. اسين قبول ٿا ڪريون ته پيا اسان کان ان ۾
اڻڄاڻي آهن. اسان کي ناراض ٿيندڙ مهربان جناب فقير محمد
عيسيٰ خوجي جهڙن ڄاڻو ۽ هوشيار ماڻهن کي ته
ڇڏيو پر سنڌ جي ننڍڙن ٻارن کي خبر آهي ته اهي

ڪير آهن؟

ڪيتري ڪي خبر آهي ته اڄوڪي ڪڏريل ڇوڪرن
۽ هارين ڪي "پڙڪائي" جناب فقير محمد عيسيٰ جهڙن
نام ڪمائن ۽ زبردست زلفي وڏيرن جي ٻولن جي خاندائي
آبرو "ڪين جهڙن" هارين هٿان خاڪ ۾ ملائي ڇڏي.
اهي ئي چون ٿا ته "انسان زرعي سڌارا آندا آهن،
زميندارن جا ظلم بند ڪنداسون." اهي ئي چون پيا
ته "وڏيرن کي غريبن جو رت چوسڻ جي اجازت نه
ڏني ويندي." جيڪڏهن ائين چون "ڏوهه" آهي ۽
هارين کي "پڙڪائڻ" آهي ته ان ڏوهه جو وڏي ۾
وڏو "ڏوهاري" آهو آهي، جنهن کي دانهن ڏني ويئي
آهي. يعني ذوالفقار علي ٻٽو، وزير اعظم پاڪستان ۽
سندس سائين جهڙوڪ ممتاز علي ٻٽو، غلام مصطفيٰ
جتوئي وغيره. مهربان فقير محمد عيسيٰ کي ڪهڙي
ته اصلي "ڏوهاري" ٻولي هٿ ڪري "تحريڪ"
مسڪين جي ڇڇيڙ مان هٿ ڪڍي.

ڏٺهن ڪان سواءِ ڪوڙهي ڄاڻ ڪجي ته خبر پوندي
ته اصل ڏوهاري اڄا به ڪي ٻيا آهن. امان جي سمجهه
۾ هارين کي "پڙڪائڻ" جا اصل ڏوهاري آهي آهن،
جن جناب فقير محمد عيسيٰ صاحب کواجي وانگر سندي
هارين جون حياتيون زهر ڪري سندن نسل نسل ۾
وڏيرڪي ظلم خلاف زهر ٻري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن
فقير صاحب جهڙا ماڻهو پنهنجي زندگي جو پل پل

سنڌ جي اپوجهه، مسڪين ۽ گگدام ماروڙن خلاف سازشن سڙ لاءِ وقف نه ڪري ڇڏين ها، سندن لڇڻ نه لٽارائين ها، ڪوڙون ٽپارائي سندن وهڪ جون جايون نه ڏنپارائين ها، کين گونهن ۽ مٽ نه پيارين ها، کين انڌارين ڪوڙين ۽ پوليس جي خونخوار بگهڙن هٿان نه ڏاڙهائين ها، جيڪڏهن سندن چلهيون نه اجهارائين ها، سندن عمريون ڪوڙن ڪيسن ۽ نه گهارائين ها، کين جيڙي ٽي ري ڪفن چرندڙ پرندڙ لاش نه بڻائين ها، سندن ڇپن کان مرڪ، اکين کان روڙ ۽ زبان کان پڙڪ ٻاهر ڪيڻ جي طاقت کسي نه وڻن ها، جيڪڏهن سندن دلين کي پرندڙ ڪورا نه بڻائين ها، نه هڪڙو پڙو نه ٺهيو پر لک پٽا ٻه کين فقير صاحب جهڙن بزرگن خلاف اڄي ڪڙو ٽيڙ لاءِ تيار ڪري نه سگهن ها.

فقير صاحب محترم، افسوس جو اسين نجومي ناهيون. اسان کي خبر ناهي ته اهو ڏينهن ڪڏهن آيندو، ۽ اسان کي پڪ آهي ته اهو ڏينهن ضرور ايندو ۽ توهان جي، اسان جي خواب خيال کان به اڳ ايندو، جڏهن دنيا جي هن حصي ۾ ٻه هارين کي "پڙڪائڻ" جي "ڏوهه" جا اصل "ڏوهاري" پڏرا ٽيندا، جڏهن عوام عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهندو، جڏهن حساب ڪتاب ٽيندو، جڏهن سبيل ڇپن جا ٽاڪا ڪندا، جڏهن دلين جي ڪورن تان ڏک لهندا، اجهالل اکيون وري پرنديون ۽ کين کي ڪولي ڏسنديون، جڏهن ٽاڻن ۽ جيلن جون

اونداهيون ڪوڙيون ۽ انهن ۾ وهايل رت ۽ دهيل دانهون،
ڪوڪون ۽ ٻاڪارون شاهد ٿي بيهندا، جڏهن بي موت
ماريلن جون قبرون ڳالهائيندیون، جڏهن برباد ٿيل
جوانيون ۽ لٽيل لڇون پنهنجي قاتلن جي سڃاڻپ ڪنديون،
جڏهن اڻ ڳڻيل گمنام ڏوهن جا فرياد رسيءَ ٿيندا،
جڏهن حيرت جهڙيون سڃاڻپون ۽ ٻهرا-پيٽيون ۽ انوکيون
جانچون ٿينديون ۽ اڻ وسهڻ جوکا چالان ٿيندا، جڏهن
حيران ڪندڙ ڪيس هلندا ۽ آڏيون پڇاڻون ٿينديون،
جڏهن اهڙو انصاف ٿيندو ۽ اهڙيون ججمينٽون ملنديون،
اهڙيون سزائون ايندیون، جن جو ۽ توهان فقير صاحب،
توڙي اسان هيٺئر تصور به نٿا ڪري سگهون. فقير صاحب
توهان هيٺئر اسان مسڪينن تي آجوڪي وزير اعظم
پاڪستان اڳيان فرياد چاڙهيو آهي. توهان جهڙن بزرگن
جي سنڌ جي ماڻهن گهٽو اڇ، ان کان به وڏي هستيءَ
وٽ فرياد داخل ڪرائي ڇڏيو آهي. اها هستي آهي
سڀاڻي جي تاريخ جو قاضي، يعني سنڌ جو انقلابي عوام.
اسان کي يقين آهي ته آهو قاضي، حقي فيصلو ڪندو.
اسان ته رڳو "تحريڪ" رسالي جي زندگي، ۽ سموري
عوامي تحريڪ، پنهنجي حياتي، پنهنجين اميدن، پنهنجي
ايمان، پنهنجي آبروءَ کي ان فيصلي جي داؤ تي لڳائي
ڇڏيو آهي. انهيءَ وچ ۾ "تحريڪ" يا تحريڪ وارن
سان جيڪي به ٿيو آهي يا ٿيندو، سو صبر ۽ همت سان
پوڳهن جو اسان اصل کان وٺي فيصلو ڪري ڇڏيو

آهي. اميد ته اوهان اسان کي ثابت قدم ڏسندا.

فقير صاحب "تحريڪ" کي ذاتي طرح ٽوهان سان ڪو واسطو نٿا ڏسجي. ڪانهي. اهو ئي سبب آهي جو ٽوهان جي ظرفان تبر جي سنڌي عوام سان ڪيل "پلان" جو ذڪر ڪرڻ کان اسان پرهيز ٿا ڪريون. ۽ ته ٽوهان کي خبر آهي ته ٽوهان جي "خدمتن" بابت هڪڙو پڻ نه پر درجن ڪتاب لکجن ته به اهو خير جو ذڪر پورو نه ٿيندو. تنهن ڪري اسان جو ذاتيات سان واسطو ڪونهي. اسين ذاتي طرح نه ٽوهان جا بدخواهه آهيون. نه ڪنهن به پڻي زميندار جا. اسين فقط ظالم ۽ وطن دشمن وڏيرڪي سماجي نظام جا مخالف آهيون. اسين فقط سنڌي عوام جي دشمنن، ظالمن ۽ غدارن جا دشمن آهيون. اسان جي دعا آهي ته شال خدا ٽوهان جهڙن بزرگن کي عوام دوستيءَ ۽ وطن سان وفاداري جي راهه ڏي. موٽن جي هدايت ۽ توفيق عطا فرمائي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ فيبروري ۱۹۵۴]

چوٽين مارچ

چوٽين مارچ سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد کي هڪ نئين منزل تي پهچايو.

اڳي اها سنڌ دشمن سامراجين جي مقرر ڪيل قانوني دائرن اندر، گهر جي ڪنڊن، اوطاقن، جلسي- گاهن ۽ اسيمبلين تائين محدود هئي. هاڻ اها گهٽين ۽ ڳوٺ آئي. اڳي اها فقط وات ۽ قلم جي جنگ هئي، هاڻ اها ڏنڊي جي لڙائي بنجي ويئي. اڳي سنڌ لاءِ قرباني جو جذبو گلائون سهڻو، نوڪري يا وزارت نه ولڻ ۽ جيل ڀوڳڻ هوندو هو. چوٽين مارچ سنڌ لاءِ هڏ پڇائڻ جو رواج وڌو. اڳي اسان ۾ آزاديءَ لاءِ لڙندڙ قومن جي پيٽ ۾ جڙ ڪوڙ پچائيءَ جي لڙائي پئي ڪئي. چوٽين مارچ سچي پچيءَ لڙائي جي هڪڙي تمام هلڪي جهلڪ ڏيکاري. چوٽين مارچ پوڙهي، پراڻي، اوطاقي، اليڪشني ۽ اسيمبلي واري قومي سياست جي پيٽ ۾ عوامي ۽ انقلابي سياست جي برتري ثابت ڪئي. ان ڏيءَ ۽ قرباني جون ڪرامتون ڏيکاريون. ان سنڌي عوام ۾ اعتماد پيدا ڪيو. پوليس ۽ جيل جو ڀئو ڀڳو. سامراجي دهشت کي ٽوڙيو. نوجوانن ۾ حوصلو پيدا ڪيو. ان ڪري سنڌ جا ماڻهو چوٽين مارچ ۽ چوٽين

مارچ وارن کي سلام ٿا ڪن.

ڀر اڄ چوٽين مارچ وارن جي رڳو ڳالهه رهجي ويئي آهي. اهو جذبو ۽ اهي مڙس مرڪلائي وڃا آهن. شاگرد تحريڪ جي اڇوڪي حالت چوٽين مارچ تان ڇڻ ڇڻرون ٻڌي ڪري. هرڪو حيران آهي ته اڻين ڇو ٿيو؟

سنڌ جي ساري تاريخ ۾ قومي قرباني۽ جي جذبي جي ايڏي ڪوٽ هئي ۽ غداري۽ جو لاڙو ايڏو عام ۽ زور هو جو سنڌ جي ماڻهن کي چوٽين مارچ وارو واقعو تمام وڏو واقعو نظر آيو. حالانڪ ان ڏينهن شاگرد فقط بي گناهه، اوچتو ۽ بزدل حملي جو شڪار ٿيا هئا. هن هلي ملهي کو جنگاڻ ڪوٽ ڪيو هو. نڪو ڪنهن سنڌ دشمن طاقت تي جساني حملو ڪيو هو. سندن سوڀ اها هئي جو هو هڪڙي ڪڏهل مسئلي تي ڪجهه وقت ڪڏ ٿيا هئا ۽ ڪڏ رهيا هئا. سنڌي وڏيرڪي دستور موجب ڀڄ پائي پڳا ڪونه هئا. بس.

ان کان پوءِ به سالن جا سال سنڌي شاگرد فقط بي گناهه حملن جا شڪار رهيا آهن. (مثال طور، عبدالرزاق سومري ۽ ٽنڊي چام جي شاگردن جي شهادت وغيره) ڀر اڄا به وڏي ڳالهه سمجهي ويئي ۽ اديبن، شاعرن ۽ وڃين طبقي جي ماڻهن ڪڏجي، انهن زخمين ۽ شهيدن کي بي گناهه زخمي ۽ شهيد ٿيڻ تي سورمو ۽ سورهيه ڪري ڳايو وڃايو. ظاهر آهي ته اها خاص رعايت فقط

سنڌ جي خاص حالتن سبب هئي. نہ تہ دنيا ۽ قومي قرباني‌۽ ۽ سورهيائي جا عام معيار بلڪل بيا آهن. پر شاگرد طبقو ان همت افزائي ۽ تعريف ڪري سخت خوشفهمي ۾ پئجي ويو. دنيا جهان جي خبر نہ هئن ڪري ۽ وڏيرڪي طبقي جي روايتي بزدلي‌۽ سان ساڻ پيٽيندي، هو پاڻ کي سچ ڇ وڏا هيرا ۽ سورما سمجهڻ لڳي ويا. منجهائڻ نهٽائي، خلوص، پنهنجن لاءِ قرب ۽ خود قرباني‌۽ جو جوهر آهستي آهستي نڪري ويو.

ٻيو تہ چوڻين مارچ سماجي واڌرڻن جي تحريڪ هئي. شاگرد رمتو جوگي آهي. ٻہ ٽي ڏينهن رهيو، پڙهيو ۽ امتحان پاس ڪري وڃي سامراجي ۽ عوام دشمن طبقن جي سرڪار جو نوڪر ٿيو يا عوام دشمن طبقن ۾ داخل ٿيو. الله الله خير صلاح. اهو اڪثر عوام دشمن طبقن مان پرتي ٽئي ٿو. جي منجهائڻن کو اتفاق سان ڪٿي مارو ماڻهن سان بہ اچي ٿو تہ ماروڙن جي مارَن جي صفن ۾ گهڙڻ جي آسري تي. اتي قبول ٻيو تہ ڇڻ ڇڻ ڪٽيائين. انهن سان انهن جهڙو مارَ ٿي ويندو، پاڻ وڌيڪ. ان ڪري شاگرد طبقي جو جوش و خروش اڪثر پاڻليءَ وارو جوش ٽئي ٿو. ان ۾ اونهائي، سچي سگهه ۽ جڏهن ڪونهي. تنهنڪري هو ڪامورا شاهي، ۽ پناهگير شاهيءَ جي افلاطون آڙي ڪاپن جي چالاڪين، عيارين، مڪرن، فريبن، لالچن ۽ رشوتن جي سٽ سهي نہ سگهيا.

ٹيو ته سنڌي شاگرد تحريڪ اڳيان ڪو منظم انقلابي وطن دوست نظريو موجود ڪونہ هو. ڪين سنڌي پورهيت عوام جي انقلابي تنظيم جي رهنمائي حاصل ڪانہ هئي. ڪيس سنڌي عوام جي پرپور تائيد حاصل ڪانہ هئي ڇو ته سندس مفاد عوام سان ظاهري طرح ته هڪ هئا. پر حقيقت ۾ انهن ۾ وڏو تضاد ۽ فرق هو. هنن جو ڪم اسڪالرشپن، داخلائن ۽ نوڪرين سان ٿي ويو. پر عوام کي سموري وڏيرڪي ۽ سامراجي غلاميءَ جي نظام کي ڀاڻ کان سواءَ ڪوبہ فائدو نٿي پهتو. شاگرد طبقو عوام جو نالو استعمال ڪرڻ لاءَ آتو هو، پر ان سان سچي جنگاڻ ۾ ساڻي مداميٰ ٿي بيهڻ، سائس هڪ ٿيڻ ۽ سندس پٺ وٺڻ لاءَ تيار ڪونہ هو. عوام بدران هن کي وڏيرڪي نقلي قوم پرستيءَ ۽ پناهگير نقلي ترقي پسنديءَ جي پٺ وٺڻ ۾ فائدو نظر آيو. عوام پويان هلڻ ۾ رڳو سور هئا. هٿي مهتبري، نالو ۽ فائدا هئا. تنهنڪري پنهنجا ننڍڙا ڪم ٽپائڻ لاءَ هڪڙا هڪڙن سياسي ٻيرن جا مريد ٿي وبا، ٻيا ٻين جا. ايئن ذاتي ۽ طبقاتي لالچن، انڌي پوڄا، سياسي جهالت ۽ هوس مڙسن جا سڏڻ سڪائي ڇڏيا. جيڪي قوم جا طبيب بنجي آيا هٿا سي خود جڏا ۽ بيمار ٿي ٻيا. اڄ شاگرد تحريڪ سڪرات ۾ آهي. نڪا ٿي مري، نڪو ٿي منجو ڇڏيَ.

ڪجهہ وقت اڳ ڪن عام سنڌي ماڻهن ۾ شاگردن

جي جوش، جذبي ۽ ڪاميابين کي ڏسي اهو خيال اڃي پيدا ٿيو ته عوام دشمن حاڪم طبقي سان پراڻي ٽيل شاگرد طبقو سچي قوم جي نمائندگي ۽ اڳواڻي ڪري سگهي ٿو ۽ ٿورڙا پڑهيل مڙس ماڻهو انڊي، ڪونگي، ٻوڙي عوام ياران وڙهي سوب ڪٽي سگهن ٿا.

سموري دنيا جي تاريخ ۽ سنڌ جي ويجهڑائي واري تاريخ انهن غلط فهمين کي دور ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ هر سمجهو سنڌيءَ کي خير پٽجي ويئي آهي ته سنڌ جي منو ڪروڙ عيسن، موسن، ڪرڻن ۽ ڪاذبرن کي پنهنجي درد جي دوا پاڻ ڪرڻي پوندي.

تڏهن ڇا شاگرد سچ پچ محب وطن ۽ قوم پرست اصل نٿا ٿي سگهن؟ ٿي سگهن ٿا. پر فقط اهي جيڪي پاڻ کي عارضي ۽ زباني طرح نه پر سچيءَ زندگيءَ لاءِ دل جان ۽ عملي طرح عيسن، موسن، ڪرڻن ۽ ڪنڊن سان ملائي هڪ ڪندا ۽ سنڌن فائدي واري انقلابي وطن دوست نظريي، عمل جي وات، تنظيمي وات ۽ عملي جدوجهد کي مڪمل طرح پنهنجو سمجهندا.

هر محب وطن سنڌي شاگرد کي سوچڻو آهي ته هو ڪهڙي وات ويندو؟ ذاتي ۽ طبقاتي لالچ واري، عوام دشمن وات يا پورهيت سنڌي عوام جي سچي پچي سنڌي انقلابي ۽ عوامي وات؟

سنڌ جي تاريخ ان سوال کي اڄ جي ايجنڊا تي رکي ڇڏيو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻو آهي.

[ماهوار "تحريڪ" مارچ ۱۹۷۴]

ڏاڏگن وري ٻرن مان منهن ٻاهر ڪڍيو آهي!

نقلي ترقي پسند سنڌ دشمن ڏاڏگن وري ٻرن مان منهن ٻاهر ڪڍيو آهي! وري ڪٿين سنڌ دشمن ڪپر، پر - منهيون، ڪوراڙيون، ٻيٽيون ۽ هڙ - ڪٽيون ۽ سندن زهريلا "سنڌي" ٻچا ٻڌن ۽ سرندا نظر اچن ٻيا! وري به ڇيون مرڪائي "سنڌ" - "انقلاب" - "جمهوريت" - "ضوبائي خودمختاري" - "عوامي اتحاد" ۽ "پاڻي پاڻي" جا ٻڌا ٻول ٻولي، سنڌي عوام کي نوان قهري ڏنگ هڻڻ جون تياريون ڪي رهيون آهن! وري به رهزن رهبر بنيا آهن! وري به قاتل منصف ٿيا آهن! وري به هٿ سان زهر ٻيارينڊ، ويج ۽ حڪيم ڪي اچي ويٺا آهن! وري به سنڌ جي بدنصيب تاريخ جي دوکي، دولاب ۽ دغا جا ورق ڌوراڻجڻ لڳا آهن!

اهي جن ٻنهنجي قوم پاڻي ڪوڙن ڪاميٽن ۽ ناجائز قبضيدارن جي هٿيل ڏاڙن جي مال بچائڻ ۽ سنڌي هاري پاڻين جي مخالفت کي ڪچيءَ ۾ ٿي اسڙڻ کان روڪڻ لاءِ، هاري ڪميٽي جي آڙ ۾، سنڌ جي هاري عوام جي جدوجهد تي ناجائز قبضو ڪري، ڪين برغلائي، ٻڌلائي، روهڙ ۾ رلائي، ٻاڻ ۾ ويڙهائي، ڪڏهن به صحيح معنيٰ ۾ گڏ ڏين ۽ ٻنهنجي حقن لاءِ

وڙهن نہ ڏنو، اهي جن تعصب جي تالي ۾، ۽ ون يونٽ
جي مخالفت جي آڙ ۾، ڪڏهن به ون يونٽ جي
مخالف عوام کي آسرو، آپرڻ ۽ متحد ٿي لڙڻ نہ ڏنو،
جن محب وطن اديبن ٿي پنهنجا پاڙيتو شڪاري بچي
سنڌي "ادبي تحريڪ" کي لولو لنگڑو بنائي ڇڏيو، جن
پروچ سردارن ۽ پٺاڻ خانن کي چوري سرحد مان سنڌين
خلاف ڪوڙيون انڪوائريون هلارائي، خون ٽيل سنڌي
عوام کي انلو مخوني ۽ ڏاڙيل ڪري بدنام ڪيو ۽
بلوچستان مان عين وقت تي اردو مڙهائڻ جا اعلان
ڪرائي سنڌيءَ جي ڪوس کي ڏک هٽايا، جن سنڌ
۾ فسادن لاءِ ميدان تيار ڪرايا، "پناهگير پرديش" جا
فتنا کڙا ڪيا، سنڌي عوام جي مجرمن ۽ خونين کي
"جيالي اور بهادر عوام" جا خطاب ۽ هشيون ڏيئي
مظلوم سنڌين جا ڪوس ڪرايا، جن مت جي موڙهن،
پرمترين ٻوڙهن سنڌين کي چوري، سبز باغ ڏيکاري،
ٻيون ٻڌي، وڏا لکتوي لقب ڏيئي، مت مان ڪيائي،
سنڌي عوام جي جدوجهد کي ٻڌي چوڙ ڪري، کهڙن
جي حوالي ڪرائي، سنڌي اتحاد جا تختا ڪيائي
ڇڏيا، جن سنڌين کي تعريف ۽ خوشامد جو ڏاتورو
ڪارائي سونت مان ڪيي، سندن واتان بيوقوفيءَ وارا
ڪمهلا، وات جا ٽڪاءَ ۽ سڪٽيون ڏاڙون هٽائي، "جيئي سنڌ"
جي تحريڪ کي ڪچلارائي، مارائي سندس جنازو رلائي
ڇڏيو، جن سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ پنهنجو تربيت ورتل

"نفت کالم" جڏي سندس صفون درهم برهم ڪرائي، ان کي ڪٽڻ ۽ ڪانگن جو ڪاج ڪرائي ڇڏيو. سي وري به "سنڌ" لاءِ اوچڻگارون ڏيندا اچي نڪتا آهن.

جيڪي نقاب پوش عادتي مجرم سنڌي عوام خلاف سنگين ترين ڏوهه ڪري ۽ ڪرائي، ڪجهه ڏينهن لاءِ عوام کان روپوش ٿي ويا هئا، سي وري آهستي آهستي عوام آڏو ٻيا اچن. هن وري پنهنجا اڳوڻا ظاهر ظهور اڏا سنڀاليا آهن. وري به هڪڙا سڄي پاڪستان جا غوث ۽ قطب ٿيا آهن. ٻيا مختلف صوبن جا ولي بنيا آهن. نواب شاهه جو بدنام ۽ ڪٽر سنڌ دشمن وڪيل رشيد رات وچ ۾ سنڌي هارين جو امام مقرر ٿي ويو آهي. "عوامي ادبي انجمن" واري سازش جا باني حسن حميدي ۽ حسان، سنڌي ترقي پسند ۽ قوم پرست ادبين جا مخفي مرشد مقرر ٿيا آهن. ٻيا منافق ۽ ڪريل بدمعاش ۽ دليءَ جا لڳ سنڌي شاگرد تحريڪ جا روحاني پيشوا ۽ رهبر بنيا آهن. وري به سُس پُس جي مشهوري ٽاپ گيئر ۾ وڌي ويئي آهي. وري به مصنوعي "سنڌي شاگرد ليڊر"، مصنوعي "سنڌي هاري ورڪر" ۽ مصنوعي "سنڌي قومي اديب" تيار ڪندڙ سنڌ دشمن فئڪٽريءَ ٻيل شفٽ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي. وري به، پالپٽ کان پرتي کيل ۽ غداريءَ جي سُٽيءَ تي سانديل، تپايل، ۽ پالپل ڪوڙا "ڪامريڊي ڪئپسول" چڙهيل، "سنڌي شاگرد ليڊر" - "سنڌي

هاري ورڪر" ۔ "سنڌي ترقي پسند قومي اديب" ڏيوٽين سان لڳي ويا آهن ۽ ٻوڙن ۾ آهن.

وري به "ترقي پسند عوامي قوتن جي اتحاد" جو ڪوڙو ڏونگ ۽ مٿزادو نائڪ رچائي صحيح ۽ باصول ترقي پسند عوامي اتحاد جي راهه ۾ زبردست رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون پيون وڃن. وري به ميهي جب ڏيڪاري پئي وڃي. وري به عوام جي غم ۾ واڪوءَ وارا لڙڪ هاريا پيا وڃن. وري به ترقي پسندي ۽ انقلاب جون راهبراريون، روايتون، ستندون، لقب، خلعتون، انعام اڪرام ورهائجڻ لڳا آهن. وري به رڻ ٻرڇايا پيا وڃن. وري به ترقيءَ پسنديءَ جي درگاهه جي تڙيل "مرتدن" ۽ "منڪرن" کي پناهگير ترقي پسندي ۽ قومي غداريءَ جي راهه تي آڻڻ لاءِ معافين ۽ ٽين نوازشن جا دلاسا ڏنا پيا وڃن. وري به ڪاغذي جماعتن جا عهدا، ليڊريون، جلسن جون صدارتون ۽ اخباري بيان جي زور تي "عظيم ليڊر" مشهور ٿيڻ جون بشارتون ٻيون ورهائجن. ڪسيل عظيم لقب مونائي ڏيارڻ جا انجام ڪيا پيا وڃن. وري به سنڌي عوام جي رامجيءَ کي لڳي ڪانشس سنڊس قومي جدوجهد جو ٻڪر ڪنڊ لاءِ ٿي نه ٻر ٿي هزار ٽڪ سلڪ ۾ پکڙي پيا آهن.

وري به هٽ سان ڳنڍو ڏيئي مارئل هاري ڪاميٽيءَ جو لاش تاريخي قبر مان ڪڍي، ٽيڪ ڏيئي اسٽيج تي سينگاري ويهاريو ويو آهي. ڪجهه وقت اڳ ان سياسي

مڙدي جي نالي ۾ ٻن ٽن "هاري ورڪر" چاڙڻ هٽان لڪ ڇپ ۾ ٺهراڻ پاس ڪرايو ويو ته "سنڌ جي هارين ۽ سنڌن جماعت جو فرض آهي ته پناهگير نعمپ (سنڌ ۾ نعمپ معني پناهگير نعمپ) جي فرمانبرداري ڪن. تازو سکرنڊ ۾ ساڳين هٿ ٽوڪين ۽ غدار "هاري ورڪرن" هٽان گهر جي ڪنڊ ۾ لڪي هاري ڪميٽيءَ جي نالي ۾ سنڌي هارين کي حڪم ڪرايو ويو آهي ته "جيڪو غاصب سنڌ جي زمين رکيو هڪ سال کان قبضو ڪريو ويٺو هجي تنهن کي به سنڌ جي ڌرتيءَ جو جائز مالڪ تسليم ڪيو وڃي ۽ ان جي خلاف ڪير اکر به نه ڪڍي."

هيترا سال سنڌي اديبن کي ويڙهائي، خوار خراب ۽ ذليل ڪري سنڌي ادبي سنگت جو جنازو رلائي، هاڻ وري سنڌي اديبن ۽ سنڌي ادبي سنگت کي سنڌي اديبن ۽ سنڌي عوام خلاف استعمال ڪرڻ جي سٽ سٽي ويٺي آهي.

پناهگير "ريفگ ماشٽرن" پنهنجي سنڌي ادب پالڪن کي "انيشن" ٽيڻ جو ڪاشن ڏئو آهي. انهن پالڪن کي اڳي حڪم مليل هئا ته "هڪڙن کي آڙ ٻنايو، ٻن کي وارو ڪريو. جي ايم سيد جون مدحون ۽ قصيدا پڙهي ڪيس زمين تان کڻي ستين آسمان تي چاڙهي، ولي ۽ پيغمبر بنائي، سنڌ جي ٻين محب وطنن کان ڪاٽي، الڳ ۽ اڪيلو ڪري پوري طرح پنهنجي

قبضي ۾ آڻيو. ڏونگ ڪري سنڌو ديش جو منتر وڏي سڏ ڇپيو. اهڙي طرح سنڌي سورمن ۽ جي ايم سيد جي زهر پياڪ عاشقن جنو ويس اوڍي، "نافرمان" سنڌي اديبن ۽ قومي ڪارڪنن کي ذليل ۽ خوار ڪري سنڌي ادبي اتحاد جا تختا ڪيو ۽ سنڌ جو قومي ادبي سورچو ڀاهي ڇڏيو." جي ايم سيد ۽ اياز سنڌيٺ جا پيل-پايا ليکيا وڃن ٿا. ٻئي هميشہ ٻاڻ ۾ متحد رهيا آهن. اها گاله خراب هئي. سو جي ايم سيد جي عشق جي آڙ ۾ اياز کي نشانو بنايو ويو. اشاري جي ڏير هئي. رات وچ ۾ اياز کان قومي شاعر جو لقب کسجي ويو. اهو لقب ماڻڻ جو پروانو نياز کي ملي ويو. هن ٻاڻ کي حقدار تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪاروائي شروع ڪري ڇڏي. اياز شاه کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ نياز مقابلي لاءِ وري ان کي جنڪي "وات مني ڪياڙي گو" ٽائيپ جي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. فتوا جي صاحبن فتوا ڏني تہ ايازجو ترجمو بيڪار. نياز جو ترجمو عاليشان. اياز جا وڏا فوٽا ڇپيا هئا. ان جي مقابلي ۾ نياز جا اڃان بہ وڏا فوٽا ڇپيا ويا. پناهگير "رينگ ماشڙن" جي حڪم سان اياز "سنڌ جو آواز" "قومي شاعر" جي گاديءَ تان لهي "پ-پ جو پٽو" - "پنڊيءَ جو پانڊيئڙو" ۽ "غدار" ٿي ويو. ٻين اديبن ۽ قومي ڪارڪنن ۾ پاڪر ڪنو وڌو ويو. "موسو مکڻ جو، جڏوري جيڏ جي." ظاهر اهو تہ

"جيڪي راڻي ۽ بدعتي جي ايم سيد جي پيغمبريءَ ۽ ڪرامت ۾ شڪ ٿا ڪن، تن کي في سبيل سنڌ جهنم واصل ٿا ڪريون،" اصل مطلب اهو ته جن کي پناهگير لقب پنهنجي ڪک جو ڪاڻ ٿا سمجهن، تن سان ساري سور ڪيجن، ڪي غدار، ڪي بزدل ته ڪي بد اخلاق، ڪو ڪونہ رهيو، هر ڪنهن سان ڪو نہ ڪو نالو ٺاهي ٿو ويو، سڀ ڏوهي، سڀ واجب القتل، فقط پناهگيرن جا مسند ملميل پهروپيا چارٽا وڃي اسٽيج تي ڇڏيا ۽ سان ۾ پاڻ والنگر ٽانڊيون ڏيڻ لڳا، وچ ۾ ٿوري گرمي ٿي ته مڙس ڪڪ ٻن ٿي ويا، ۽ ٿي ڏينهن ميسٽا ۽ ويچارا ٽيو پٽي گهميا، هاڻ وري "اڻيشن" ٿيڻ جو حڪم مليو آهن، هاڻ وري ٻيو ٿيءَ تي چڙهيا آهن،

هاڻ وري نئون ڊراميو ٽيار ٿيو آهي، سڏيا "سنڌي ائڪٽر" ساڳين "پناهگير ڊائريڪٽرن" جي هدايتن موجب ڪو نئون پهروپ، ڪو نئون ناٽڪ ڪرڻ وارا آهن، ڪهڙو؟ سا اڃان خبر ڪانهي؟، في الحال فقط اها خبر آهي، ته هاري ڪميٽيءَ وانگر سنڌي ادبي سنگت کي به هٿيار بنائي سنڌ خلاف استعمال ڪرڻ جا حڪم پهتل آهن، وري به چاٽل سڃاتل پناهگير چارٽا اديب جن هونئن ته سڄي عمر "سنڌ سنڌ" ڪئي آهي، پر جن هر فيصلي جي گهڙيءَ ۾ گوهي ڏيئي وڃي سنڌ دشمنن جو ساٿ ڏنو آهي سي وري ڪجهہ دير سنڌيت جو سانگ

رچائيندڙ محب وطن بنيا ۽ پروڙ عين وقت تي، عين فيصلي جي گهڙيءَ تي، سنڌي سفادن کي خنجر هڻي، پاڻ ڪوٺي ٿي وڃي پهتجا ساڳ پوسائيندا.

پنهنجو نقلي ترقي پسندو! مڪارو! منافقو! بي رحمو، ظالمو! عوام کان روپوش ٿيل نقاب پوش، عوام دشمنو!

اوهان گذريل ۲۷ سال سچي پاڪستان جي عوام کي آگرين تي ڇاڙيو آهي. سنڌ جا يا اوهين وارث، بلوچستان جا يا اوهين وارث ته سرحد جا يا اوهين وارث ٿيا ويٺا رهيا آهيو! اوهان نه بنگال جي عوام کي پاڻ پر ٺهڻ ۽ متحد ٿيڻ ڏنو، نه بلوچستان جي عوام کي، نه سرحد جي عوام کي. اوهان نقلي سنڌي، نقلي بلوچ، نقلي پٺاڻ، نقلي بنگالي بنجي، سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بنگالين مان پنهنجا ايجنٽ پرتي ڪري، انهن جي قومي تحريڪن جا ٽڪرا ڪيا ڇڏيا. اوهان پنهنجي مفادن جي جهري خاطر پاڪستاني عوام جون پڪريون ڪهي ڇڏيون. اوهان کين متحد ٿيڻ نه ڇڏيو ۽ کين اندران ڪمزور ڪري ايوب، يحيٰ ۽ مودودي جو آسان شڪار بنائي ڇڏيو. اوهان جا هٿ بنگال جي خون سان رڱيل آهن. جيڪي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد سان ٿيو يا ٿي ٻيو تنهن جو جرم اوهان جي ٻي گردن تي آهي. هاڻ بس ڪريو! صدين جي ستايا، سنڌي

عوام کي وڏيڪ سهڻ بند ڪريو! غليظ عوام دشمن، ذاتي، طبقاتي ۽ ٽوليبازيءَ جي مٿادن لاءِ انقلاب ۽ ترقي پسنديءَ کي خوار ڪرڻ بند ڪريو! سچي بااصول عوامي اتحاد جي راهه روڪڻ لاءِ اتحاد جا ڪوڙا ڊونگ رچائڻ بند ڪريو. پنهنجي ڪيل گناهن لاءِ سنڌي عوام کان معافي ونو، پڇتايو. وڏيڪ هٽ-ناٽ، سانگ، ڪرميٽ، منافقيون، مڪر، ڊراما ۽ ڪيل رچائڻ کان باز اچو. سنڌي جدوجهد جي ٺيڪيداري ختم ڪريو. ورنه سنڌي عوام اوهان کي هرگز هرگز وڏيڪ وقت بدمعاشيون ڪرڻ نه ڏيندو ۽ اوهان کي پنهنجي تاريخي جرمن جو سنگين ڪيتو لوڙهو پوندو.

نقلي ترقي پسندن جا سنڌي چاڙڻو! هاڻ ته ڪجهه شرم ڪريو! هاڻ ته دشمن جي اشارن تي ناچ بند ڪريو!

سنڌ سان گذريل ۲۷ سال جيڪي ڪجهه ٿيو آهي ان ۾ وڏيرا شاهيءَ کان سواءِ اوهين به ڪجهڙا بلڪ انهن کان به وڏيڪ جوابدار آهيو. کهڙو وزارت لاءِ غدار ٿيو. اوهان وڏيڪ نيچ آهيو. اوهان ته پن چٹن سون رپين، جلسه جي صدارتن، اخباري بيانن، چاپلوسين ۽ ٽلهي خوشامد تي سنڌ جا مفاد وڪڻندا ۽ غدارين ڪندا رهيا آهيو؛ اوهين رهبر جي ويس ۾ رهزن ٿيا ويٺا آهيو. اوهين ته علاج جي بهاني زهر ويٺا پياريو. اوهان سنڌ کي اندران جڏون، لولو ۽ لنگڙو ڪيو آهي. اوهان هر فيصلي جي گهڙيءَ تي سنڌ کي پٺ ۾

خنجر هنيو آهي. اوهان "سنڌي هاري ورڪر" ۽ "سنڌي شاگرد ليڊر" ۽ "سنڌي قومي اديب" جي پهروپ ۾ سنڌي عوام سان ويساهگهاتي ڪئي آهي. اوهان پنهنجو سڀ عقل، ذهن، طاقت ۽ لياقت عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ استعمال ڪئي آهي. اوهان جي ئي معرفت دشمن سنڌ جي اتحاد کي تباهه ڪيو آهي. اوهان ئي سنڌ جي بيوسيءَ ۽ هيڻائي جا فوري ڪارڻ آهيو. اوهين ئي بلوچ، عبدالرزاق ۽ ٻين شهيدن جا اصلي قاتل آهيو.

پنهنجي آقائن جي کيري تي نه ڪڏوا انهن جون پاڙون برابر پاتال ۾ آهن. هو برابر پاڪستان جي حاڪم ٽولي جا نمائندا آهن، هنن وٽ انڪلون، چالاکيون، دولت، عوام دشمن علم، ڏاهپون، هلندیون پچنديون، اخبارون، رسالا ۽ ٻيا وسيلا آهن. هو اوهان کي هر طرح لڪائي ڇپائي، ۽ عوام کي ڀيلائي سگهن ٿا. هو اوهان مان هڪڙن دلالن هٿان ٻين دلالن جي تعريف ڪرائي، بيان ڏيارڻي، صدارتون ڪرائي، ڪجهه وقت عوام کي آلو بنائي سگهن ٿا. اوهين بس هينئر پاڻ تي ڪفن پوش چاڙهيو پيا هلو. تنهنڪري اوهان جي هڪدم صحيح سڃاڻ برابر ڏکيو آهي. هينئر ٻلي ڪيترو بس پنهنجي قلم ۽ زبان کان بهشو ڪرائي، ڪوڙ ڪريو، گلاڙون ڪريو، وات مان ڪڦون ڪاڍيو، تال مڙ ڪريو، ٿهراڻ پاس ڪريو. ڪوڙيون ڪاغذي

تنظيمون ۽ جماعتون ٿاهيو، هڪٻي کي لقب القاب ڏيو، صدارتون ۽ عهدا ماڻيو، پاڻ کي عظيم سورما سڏائي اسٽيج تي سان پاڙي واڪر ٿاڏيون ڏيو، سنڌ جي خوب جا سانگ رچايو، جيڪي ڪيو سو ڪريو، پر ان ڏينهن کي نه وساريجو جڏهن سنڌي عوام اوهان کي سچائي ونڊيو.

ياد رکو! اهو ڏينهن ايترو پري ناهي، جيترو اوهان سمجهو ٿا. نقلي ترقي پسند بناهگير ۽ انهن جا دلالو! وڏيڪ بدمعاشيون بند ڪريو! سنڌ جي جان ڇڏيو!

سنڌ جا ادیبو! شاگردو، هاريو، مزدورو! هاڻ ۽ متحد ٿيو، سنڌي ادبي سنگت توڙي بين مڙاي ٽومي مورچن کي مضبوط ڪريو ۽ وڌايو، اتان سنڌ دشمن ۽ سندن دلالن کي بي ذخل ڪريو. نقلي ترقي پسنديءَ خلاف جدوجهد هلايو ۽ انقلابي وطن دوستيءَ جي جهنڊي کي اوچو ڪريو. جيئي سنڌ!

[ماهوار "تحريڪ" = اپريل ۱۹۴۳ع]

پورهيتن کي سلام!

هي مئي جو مهينو آهي. مئي جي پهرين تاريخ وڏو ڏينهن آهي. اهو انساني تاريخ جو الوکو ۽ نرالو ڏينهن آهي. عام وڏا ڏينهن کنهن خاص ملڪ، قوم يا مذهب جا وڏا ڏينهن هوندا آهن. هي دنيا جي سڀني کنڊن جي سڀني ملڪن، سڀني قومن، سڀني مذهبن، سڀني رنگن، سڀني نسلن جي ماڻهن جو وڏو ڏينهن آهي. بازن جو پورهيو کندڙ سموري انسان ذات جا گهٽي ۾ گهٽا ماڻهو هميشه پورهيت هٿا ۽ آهن. پهرين مئي سڄي دنيا جي پورهيتن جو وڏو ڏينهن آهي. هي ان حساب سان روءِ زمين جو، سموري انساني تاريخ جو، وڏي ۾ وڏو ڏينهن آهي.

دنيا جي ٽي ٻيءَ ۾ جتي پورهيتن جون حڪومتون قائم ٿي چڪيون آهن، آتي ان ڏينهن عيدون ملهايون ويندڙيون. دنيا جي عظيم پورهيت تخت گاهن پيڪنگ، ماسڪو، برلن، هنوئي، وارسا، هوانا، پراگ، بيلگريڊ، بوڊاپيسٽ، الان باتور، پيانگ يانگ، تراانا، عدن، بخاريسٽ ۽ سوفيا وغيره ۾ ڪروڙين پورهيت عوام ۽ سندن هٿياربند فوجي دستا ڏام ڏوم سان پريڈون ۽ مارچون

ڪندا ۽ سڄي دنيا جي پورهئي جي ڏاڍين، سرمائيدارن، وڏيرن ۽ جاگيردارن جي دلين ۽ ڪنڀيون وڄهندا.

اڄ سڄي دنيا ۽ جڏهن ۾ پورهيت متحد ۽ منظم آهن اتي شاندار جلوس نڪرندا، جلسا ٿيندا ۽ پورهيت عوام هڪ ڏهو وري اهو پڪو پڪ وڙجائيندا تہ سڄي دنيا جي ڀاڙي ڀاڙيءَ کي ڏرتيءَ جي حرام کائو ٽوڙو ڏاڍين کان آزاد ڪرائي اتي ڏرتيءَ جي پورهيو ڪندڙ خلاڻي پٽن ۽ ڏيئن جو راج قائم ڪنداسون.

پاڪستان ۽ پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ مزور ۽ اهو ڏينهن وڏي ٽٽ سان ملهائيندا. ۽ سنڌي پورهيت اهو ڏينهن پنهنجي مڙسيءَ سان پنهنجي ليکي ملهائي نہ سگهندا، هو ٻين جي پويان ويچارا ٽيو ٻوين صفن ۾ بيٺا هوندا. جو تہ سنڌ دشمن بلوچ، پنجابي نقلي، ڏڪي پسند سنڌ جي پورهيت تحريڪ تي چانيل آهن. انهن جي چاڙڻ ڏيڻ ٻولين وڏيرن ۽ چوڏرين سنڌي پورهيتن لاءِ سنڌ جي ڪارخانن جا گيٽ بند ڪري ڇڏيا آهن. سنڌي پورهيت پنهنجي گهر ۾ چور آهن. سنڌ پگهر جي پورهئي مان جيڪو اناج ۽ ڪپهہ پيدا ٿئي ٿو، جيڪو غلہ ملکي ڀاڻو ملي ٿو، ڏين ۽ ٽيڪسن جي صورت ۾ سنڌن جيڪو خزانو سرڪار ۾ جمع ٿئي ٿو، ان مان جيڪي ڪارخانا پون ٿا، اهي سڀ سنڌ دشمن لاءِ وقف آهن. سنڌي پورهيت، وڏيرن کي منڊن ۽ گيسون ڪري ڪنهن ڪارخاني ۾

کا هک اڏ جاءِ وٺڻ ۾ ڪاميابِ ٿين ٿا تہ ان تان
به نقلين جا ٻوٽ ڦريو وڃن. "محنت ڪشون ڪي حقوق"
۽ "انقلاب" خطري ۾ پئجيو وڃن ۽ هو پنهنجي ٽريڊ-
يونين جي چارٽن جي معرفت سرمائيدارن کي: ڇو
سنڌين کي ڪڍيو ڇڏين ٿا يا وري وڌيڪ کي ڏيو
سنڌين کي انهن وٽان ٽي جواب ڏياريو ڇڏين.

سنڌ جو آن ٻاڻي ڪائي سنڌي پورهيت کي ڏڪا
ڏيئي ڪيدڙ اهي ڏهصبي ۽ نمڪحرام پورهيت- دشمن
نقلي ۽ سندن چارڻا، ٻهرين ٻڻي ٽي وڏي بي حياڻي
۽ بي شرمائيءَ سان پورهيت اتحاد جون گالهيون ڪندا،
پنهنجي پورهيت دوستيءَ جون لبارون هڻندا، پورهيتن
سان همدرديءَ جا لڙڪ ڳاڙيندا ۽ پنهنجي پورهيت-
دشمن ڏوهن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندا. ۽
سنڌي پورهيت ڪين سڃاڻن ٿا تہ اهي منافق سنڌ جي
پورهيت عوام جا ازلي ويري ۽ جاني دشمن آهن. ڪين
خبر آهي تہ وطن جي وارث پورهيتن کي پنهنجي
وطن ۾ چور ڪندڙ بدمعاش هرگز پورهيت دوست ٽي-
نڏو سگهي.

عجيب گالهہ!

سنڌ جي پنهنجي ڌرتي هجي، سنڌ ۾ سنڌين جي
پنهنجي حڪومت قائم ٿيل هجي، سنڌ تان ڏهہ ڏهہ

سر گهورڻ وارا سنڌي سپوت سنڌ جا حاڪم هجن، وزير اعظم سنڌي هجي، سو به معمولي ماڻهو نه، پر قائد عوام فخر ايشيا جهڙو نر مڙس، جنهن جي هشمت ۽ هيبت جون واشنگٽن ڪان وٺي ماسڪو تائين رڙيوڻ ۽ ڪوڪريا هجن، جنهن جي سڏ تي سڏ ڏيڻ ۽ ڏاڍا جا صدر، سلطان ۽ بادشاه به فخر سمجهندا هجن. جيڪو پاڪستان جي ماڻهن سان ايڏو پيار ڪندو هجي جو سنگين ڏوهن جي الزام ۾ جهليل پاڪستاني ملزمن کي ڪيس مان ڇڏائڻ لاءِ پاڻ استعيفا ڏيڻ لاءِ تيار هجي، جنهن وٽ بهادر ۽ جري فوج هجي جيڪو پنهنجي ۽ تي اچي ته ان فوج کي خود پاڪستانين ڏي ڇڏڻ ۾ به نه ڪيبائي، جنهن وٽ وزير، گورنر، ڪمانڊر انچيف ۽ صدر ڪاڪ ۾ پيا هجن، جيڪو "تعزمن تشاء و تزل من تشاء" (جنهن کي وڏيائي ڏنهن کي عزت ڏين، جنهن کي وڏيائي ڏنهن کي ذلت ڏين) وارا جلوا ڏيکارينڏو هجي، آئي ذوالفقار علي ڀٽي کي قائد عوام بنائڻ وارو سنڌي پورهيت رڳو مزوري ۽ ڪان به تڙيل هجي ۽ در در ڏڪا پيو کائيندو هجي سا ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي.

ائين ته نه آهي ته هندستان، روس يا آمريڪا سان منهن ڏيڻ سولو آهي. پر پناهگير - پنجابي زمينداڻن، سرمائيدارن ۽ سندن جوڙيوالن کان مظلوم سنڌين ۽ بلوچن کي پنهنجا حق وٺي ڏيڻ ڏکيو آهي؟ ائين ته نه آهي ته لکين

سنڌين ۽ بلوچن کي گهوٽ ڏيڻ سولو آهي. ۽ هڪڙي
۽ پناهگير- پنجابي زميندار سرمائيدار يا سندس جوڙيوال
جو معمولي نڱرو ۽ ڪٽ ۽ خطري جهڙو ڪم آهي؟
ائين ته نه آهي ته اسين پي دليا اڳيان ۽ سنڌي
عوام اڳيان سچا پچا شينهن آهيون ۽ سنڌي عوام جي
دشمنن اڳيان ڪاغذي شينهن آهيون؟ ائين ته نه آهي
ته سنڌي عوام جي نفعي ۽ نقصان جي ڪمن ۽ اسان
جي مڙسي آذاري مڙسي آهي، فقط ڏسي دل خوش
ڪرڻ جي مڙسي آهي؟ جي ائين نه آهي، جي "اڇي
پگ ۽ پس اندر مڙيئي اڳڙيون" ۽ "نانڪ بڙا ڏيهه
پيران" وارو قصو ٿاهي ته ٻوءِ سنڌي پورهيت عوام
کي پنهنجا ڪيئل حق ملڻ گهرجن، سنڌ اندر هڪڙو
به ڪارخانو اهڙو نه هڻڻ گهرجي جنهن ۽ سنڌي ماڻهن
جي اڪثريت هجي، ٻيستائين هڪڙو به اهڙو ڪارخانو
قائم ٿي ڏيڻ نه ڏجي جيستائين ڪارخانيي هڻڻ وارو
اڪي نه ڏي ته سنڌي پورهيتن سان ۽ اڪيائي نه
ڪندس، منهنجو ڪان اول ڪين پنهنجا پورا حق ڏيندس."

اهم قومي مسئلو

هي مسئلو سنڌ جو قومي مسئلو آهي، سنڌي
پورهيت جي طاقت ۽ نه هجڻ ڪري سنڌ جي عوامي
جدوجهد جي ڏاڙهي وڏيرن ۽ پناهگير نقلي ترقي پسندن
جي هٿن ۽ آهي، جي ان کي ڪٽ پٽي ڪريو ته

نچائين. سنڌ جي جياپي جي چاپي سنڌي پورهيت آهي. ان کري سنڌي پورهيتن، هارين، شاگردن، ادبين ۽ قومي کارکنن ۽ ٻئي سموري وطن دوست عوام کي هي مسئلو پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ گهرجي ۽ ملڪ جي مالکن تي زور آڻڻ گهرجي ته هن مسئلي کي لنوائڻ جي پاليسي ترڪ کن. جتي به آسان جا کڇهرين جا کوڙيا ۽ مجلسن جا مور حاکم تکليفون ولي پنهن جي تقريـر دلپذير پڌائڻ اچن ۽ پنهنجي حيرت انگيز عوامي کارنامن جـو وٽندڙ داستان شروع کن، آتي کائن سوال پڇي کين موقعو ڏيڻ گهرجي ته هو اهو پڌائين ته هنن سنڌي پورهيت عوام خلاف هن سازش کي روکائڻ لاءِ کڙا کڙا قدم کنيا آهن ۽ انهن مان هيستائين کوبه کڙ ٽهل چو کونه نڪتو آهي؟ کائن خاص کري اهو به معلوم کجي ته سنڌ جي کارخانن ۾ کم کندڙ کل مزور کٽا آهن؟ انهن ۾ سنڌي هولي گهالهائيندڙ پورهيتن جو تعداد ۽ في سيڪڙو کيترو آهي؟ ٿي سگهي ته کنهن محب وطن اسيمبلي ميمبر کان اسيمبلي ۾ اهڙا سوال پڇائي اهي انگ اکر معلوم کجن.

متحد ٿيو!

ٻي طرف سنڌي پورهيتن کي گهرجي ته هو سنڌ دشمن پناهگير ترڪي پسندن ۽ سندن چاڙتن ٽـربي يونين

وڏارن جي چڪر سان نڪرن ۽ سنڌن سنڌ دشمن بدصورت چهري کي اگهاڙو ڪن. پاڻ ٿي ۽ سنڌي عوام ٿي پاڙين. محنت ڪري ۽ تڪليف وٺي پورهيت جاڻ ۽ سمجهه پرائين. پاڻ کي سنڌي عوام جو ڏاهو سمجهو. اڻوٽ ۽ اوڇ مهڙ وارو اڳوان دستو ثابت ڪن. سنڌي هارين سان اتحاد ڪن. سنڌ جي سورن محب. وطن طبقن کي پاڻ سان ملائين ۽ پنهنجي اڳواني هيٺ سنڌي عوام جو عظيم اتحاد قائم ڪري. وڙن. وڪڙن ۽ لاهين چاڑهين واري اڻانگي ۽ ڏکهي جدوجهد هلائي سنڌ تان وڏيرا شاهي ۽ سنڌ دشمن سامراجين جي غلاميءَ جو ڳٽ لاهين ۽ سنڌ ۾ پورهيت عوامي راج قائم ڪن. ان لاءِ ضروري آهي ته هو رڳو خسيس ۽ عارضي فائدن ۽ لالچن لاءِ جدوجهد نه ڪن پر پنهنجي سڄي جدوجهد ۾ سنڌ جي گڏيل مفادن ۽ آخري مقصدن جو خيال رکن. سنڌ جا وارث ٿي سوچين. سڪڻي اقتصاديت پرستيءَ جي ڏبڻ مان نڪري اقتصادي ۽ سياسي جدوجهد کي ملائي هڪ ڪن. طبقاتي ۽ قومي جدوجهد کي ملائي هڪ ڪن. هڪجهڙائي ۽ انصاف جي بنيادن تي. سنڌ جي گڏر جي وسيلن تي پهريون حق سنڌي پورهيتن جو آهي. انهيءَ قدرتي اصول جي بنيادن تي. ۽ فقط انهن بنيادن تي. پاڪستان جي ٻين انصاف پسند. حق پرست پورهيت پاڙين سان اتحاد قائم ڪن ۽ ان کي مضبوط ڪن. سڄي دنيا

جي پورهيتن جي جدوجهد سمجهن. سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا جي انقلاب کي پنهنجو مقصد بنائين. فتح سنڌي پورهيت ۽ سنڌي پورهيت عوام جي ٿيندي. سنڌي پورهيت جيئي! سنڌي پورهيتن جي پڌي جيئي! دنيا جي سڀني ملڪن جي پورهيتن جي پڌي جيئي! دنيا جي مظلوم پورهيتن ۽ مظلوم قومن جي پڌي جيئي! جيئي سنڌ!!

هاڻ ڏين کي نه وارو ڏي!

سنڌ جي پوتار سوا سؤ سال عوام جا چپ سڀي، هاڻ گهالهايو آهي. سنڌي عوام سوا سؤ سال سڪو آهي.

هن وڏيرو، پوتار، زميندار، سردار ڏي گهالهايو آهي. هن پوليس جو مشير، سرڪاري شاهد ۽ آنريري ماجسٽريٽ بنجي گهالهايو آهي. هن سٽينري ڪميٽيءَ، اسڪول، بورڊ، ميونسپلٽيءَ، لوڪلبورڊ، اسيمبليءَ ۽ پارليامينٽ جو ميمبر بنجي گهالهايو آهي. هن پهرين انگريز پرست امن ڪميٽيءَ وارو بنجي، پوءِ ڪانگريسي ۽ ليگي بنجي، پوءِ ريپبليڪن، پوءِ ڪنوينشن ليگي، ڪائونسل ليگي ۽ قيوم ليگي بنجي گهالهايو آهي. هاڻ هو پيپلز پارٽي ٽيو آهي ۽ اڳي ڪان به گهٽو ٽو گهالهائي. هن پوليس جمعدار، ٻيدار، داروغي جو حمايتي بنجي گهالهايو آهي. هن ڪماني، ڪليڪٽر، ڪمشنر، گورنر ۽ وائسراءِ جو وفادار ڏي گهالهايو آهي. هن قائد اعظم، قائد ملت،

چوڌري محمد علي ، غلام محمد ، اسڪندر مرزا ، جنرل ايوب ، جنرل يحيىٰ خان جو پروانو ٿي ڳالهايو آهي. هاڻ هو عوامي ٽيو آهي ۽ قائد عوام جو فدائي بڻجي ڳالهائي پيو ۽ ڏاڍو ٿو ڳالهائي! هو سڄو وقت پيو ڳالهائي!

سنڌي پوتار هر وقت، هر زماني ۾ سنڌ جي سموري تاريخ جي هر دور ۾، هميشه ڳالهائيندو رهيو آهي. سنڌي عوام سڄو وقت ۽ هميشه، پڌندا ۽ سهندا رهيا آهن. هاڻ هو پڌي پڌي رت ٿي پيا آهن. سنڌن ڪن ٻڌي پيا آهن. هو هاڻ پاڻ ڳالهائڻ ڪهرن ٿا. ۽ پوتار چوي ٿو "رڳو آ ڳالهايان، اوهين رڳو ٻڌو!" جنهن ڪان وات مان ڪو اکر نڪري ٿو، تنهن کي ڪاٻ ۽ وڇهيو ڇڏي. هاري ڪاٻ ۾ آهن. شاگرد ڪاٻ ۾ آهن. اديب ڪاٻ ۾ آهن. پين تي کيس چالان ڏيا آهن. ڪهٽن تي وارنٽ آهن، اهي سپاڻي ڪاٻ ۾ پوندا. پوتار ڪنهن کي به ڳالهائڻ نٿو ڏئي.

پوتار! هاڻ تہ پين کي به وارو ڏي! خدا کي مڃ! ڪهڙي ڪن تہ جان ڇڏ! ڪجهہ تہ عوام کي به وات کولڻ ڏي. عوام کي رڳو ايترو تہ محسوس ڪرڻ ڏي تہ ڪين به وات آهي. عوام جي نالي ۾ عوام جا چپ سڀي ڇڏ ۽ رڳو پاڻ ڳالهائڻ ڪٽي جي شرافت آهي!

ڳالهائڻ ڏيو! هارين کي، مزورن کي، اديبن کي،

مسڪين ڪي، مجبورن ڪي، ماريلن ڪي! ائين نہ ٿئي جو ماڻهو سهي سهي، ڪنهن ڏينهن ڳڏجي، اهڙي هيبتناڪ هڪل ڪن جو اوهان جا "عوامي" محل ۽ ماڙيون ڏهي اچي پٽ پون. ڏاها ٿيو! ڪجهہ هوش ڏاريو! سنڌي عوام وڏيڪ پوٽ سبيل رهڻ لاءِ تيار ناهي، سنڌي عوام ڪي پنهنجا جمهوري حق ڪپن. اهي هو هر حالت ۾ حاصل ڪندا.

هارين، مزورن، شاگردن، اديبن ڪي چپ چورڻ جي ڏوهہ ۾ قيد ڪرڻ بند ڪريو! قيد ٿيل هاري، مزور، شاگرد ۽ اديب آزاد ڪريو. جي ايم سيد کي سن ڪان ٻاهر هلڻ ڇڏ ۽ گالهائڻ ڏيو. پليجي، عالم شاهين، پٽ، عطا محمد پنهور ۽ غلام عباس پنهور، ٽان ڪيس واپس ونو. ابراهيم منشي، طارق اشرف ۽ ٻين کي آزاد ڪريو.

[ماهوار "تحريڪ" ـ مئي ۱۹۷۴]

سنڌي هاري عوام کي بي دخل ڪندڙن کي بي دخل ڪريو!

سنڌي هارين طرفان ڪرسيءَ تي ويهاريل سرڪار نامدار کي سالن کان ٻوءِ نيٺ سنڌي هاري ياد پڄي ويا آهن. ملڪ جي حاڪمن کي ڪنهن ٻڌايو آهي ته هاري بي دخل ٿيا ٿين، هنن اعلان ڪيو آهي ته بي دخلين بند ڪرايون ويندين. ڪن صاحبن گهر ڪئي آهي ته بي دخل ڪندڙ زمينداڻن جون لسٽون ناهي مٿن قدم کنيو وڃي.

سرڪار نامدار جي مخالفن جو الزام آهي ته اها سب ايندڙ چونڊن لاءِ تياري آهي. سنڌ جي ٻوڙهيت عوام کي هيترا ڏينهن ڏنب ڏيڻي، ماري، لتاڙي، چيڀاٽي هاڻ وري کين منهن تان هٽ ٻوٽائي، مائراڻي ڪاٽ جو ٻيو وات ۾ ڏيڻي کين اليڪشن سرڪس ۾ اڻاڻن تي نچائڻ، ٽپائڻ لاءِ تيار ڪيو ٻيو وڃي. ته جيئن عوامي جمهوريت جي رکاڌ جي پوراڻي ڪري وري ٻه ٻيا پنج سال بنا کٽکي حڪومت جون لسٽون وٺجن. هنن جي دعوىٰ آهي ته زرعي سڌارن ۾ وڏن

زمينداڻ حقيقت ۾ هڪڙي پاڙي ۾ زمين ڪاڻ ڇڏي آهي. هڪڙو سير ۾ پڇ جو ڪونہ ڏنو آهي. هڪڙي ڏينهن ۾ بي دخلي بند ڪاڻ ٿي آهي. ڪا ڇپ آڻي آهي ٿ فقط نندڙي ڪاتيدار کي. وڏا زميندار نندن ڪاتيدارن ۽ هارين کي ٻاڻ ۾ ويڙهائي ٻاڻ وڌا ڏسن. وڏن زميندارن جي هارين سان ڪرلٽ، ظلم ۽ دهشت وڌيا آهن، گهٽيا ناهن. حاڪماڻا زرعي سڌارا ۽ سندن هارين سان همدردي، اها گالهہ هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو مذاق، چٽر ۽ ڏوڪ آهي. پروپيگنڈا وسيلي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ ۽ سندن زخمن تي لوڻ ڇڪڻ جو انهيءَ کان وڏو مثال دنيا ۾ ڪونہ ملندو وغيرہ وغيرہ. اصل گالهہ ڇا آهي، تنهن جي خبر هڪڙي هاري عوام کي هوندي ٻي حاڪمن کي. حاڪم گالهائين ٻياء عوام خاموش آهن. انهيءَ کي عوامي حڪومت ڪوڙان ڪڍڻ پنهنجي ليکي ٻاڻ گالهائڻ جي موڪل ملندي يا هو ٻاڻ پنهنجي مرضيءَ سان اهو حق حاصل ڪندا. تڏهن ٻيئي طرف پيش ٿي سگهندا ۽ صحيح حقيقتون معلوم ٿي سگهنديون. هن حاڪماڻي گفتار ۽ عوامي ساٿ جي دور ۾ في الحال فقط ڏکا هٿي سگهجن ٿا. اسين ڏکا هٿ نٿا چاهيون.

انگريز غلام بنائيندڙن سنڌي پورهيت عوام کي بغاوت ڪري آزاد ٿيڻ کان هميشہ لاءِ روڪڻ ۽ سندن ميس مارڻ لاءِ سندن گدر جو آڏو يعني سنڌ

جي ڏرڻي کانئن کسي ، پنهنجي دلالن جي حوالي
ڪئي . محب وطن کي ڦاهيون ۽ جاسوسن ، دلالن ۽
غدارن کي عوام جون زمينون ڏيون ويون . اهڙيءَ
طرح سنڌي پورهيت عوام جي ڀائي ٿي سنڌ دشمن
وڏيرا شاهي سوار ڪي وئي . مٿان وري ڪوڙا ڪليمينٽ
۽ سيٽلر نازل ڪيا ويا . تان جو سنڌي پورهيت عوام
پنهنجي ڌرتيءَ جي ڀاڙي ڀاڙي تأن تارڪ ٿي ويو .
اڄ ٨٥ سيڪڙو سنڌي عوام هاري آهي . پنهنجيءَ
چوري ، برائي وس ، هيٺو ، نڏڪو ، هيسيل ، ڪريل ۽ مايل .

سنڌي هاري زمين مان جيڪو اپائي ٿو ، تنهن مان
شاه شاهوڪاريءَ واري ، باقاعدہ ڪر کان سواءِ وڏيري
جي اوطاق ، گهوڙي ، سريت ، مرشد ، ملان وغيره ويهن
بلائن جي ٻڌي ٿي نڪري . چالهه ٻيون سنهيون ٽلهيون
چورون زت ٽيون چوسين . جيڪي بچي اهو ڪور ، ليکي
۽ اکهن جي گهوبين ۽ ٻهوڏن جهڙن وڏرڪن وياجن
۽ غرق ٿئي . ٻوءِ به سالن جا سال ليکو ڪونه ٿئي .
سنڌي هاڙي عوام سڌائين قرضي . ابا ڏاڏا قرضي ، ٻار
قرضي ، ٻويان قرضي ، نسلن جا نسل قرضي ، ڏوهاري
غلام . مٿان وري بي دخليءَ جو ڏڪو . وڏيرو جڏهن
ڪاوڙجي تڏهن چئي "نڪر منهنجي زمين مان باهر!"
بيگر ته ڏئي ته بي دخل ، ليکو کهڙي ته بي دخل . لکن
سنڌين مٿان روزي بي دخليءَ جي اها تلوار لٽڪي ٿي .
وڏيرا شاهيءَ جي غلبن ۽ دلالن جون لوتيون ، سڏڻ

راڇوڻي فيصلن جا گهاڻا، سندن پوليس ٽاڻا، روينيو آفيسون، عدالتون پنهنجو ڪم ڪندیون رهن ٿيون. چورنيون، زوريون، ڦرون، ڏاڙا، لڇا لٽون جاري آهن. ڪوڙيون فرسٽ رپورٽون لکجن پيون. فلم ۱۰۹ ۽ ۱۱۰ جون ڪاريون ڪوراڙيون پنهنجا وات ڦاڙيو روز نئين سنڌي پورهيت شڪار جي تلاش ۾ ويٺيون آهن. وڏيرا شاهيءَ جي دلال پوليس جي ڪوس گهرن ۽ ڪاسائي پنهنجي ڪاروبار ۾ رڌل آهن. ستر لک سنڌي هاري سپوٽن جي ميس مارڻ ۽ حشمت وٽن لاءِ سنڌ جي هر پوليس چوڪيءَ ۽ ٽاڻي آي ڪائٽر ۽ بزدل وردي پوش لغورن ۽ عادتي مجرمن جا ٽولا سنڌ جي مهل ڪرڻ جهڙن مڙسن، ڪوپن ۽ ڪونڊرن کي الو لٽڪائي، کين مرچ ۽ برفون پيا وجهن. سندن مائن ۽ پيٽرن جون سندن کي اکيان ٻي جرمتيون پيا ڪن، سندن هڏ ڪڏ ٻڌي، سندن بدن کي ڏنب ڏيئي، سندن چوڙيون لاهي، کين جسماني ۽ روحاني طرح اڌ ڪري، لولو، لنگڙو ۽ اپاهج پيا ڪائين. انهن پوليس جي پيڙيل ۽ اڌ مئل لاش کي ٻوري وڏيرڪي "قانون" ۽ "انصاف" جي جانڊيه ۾ ٻيڙو ٻيو وڃي. هڪڙي هڪڙي ڏڪي ۽ مائن جا سال پوليس "حفاظت" ۾ رسالا پيا ملن. ضامنن جون درخواستون رد ۽ منظور پيون ٿين. شنوائين مٿان شنوائيون پيون ملن. وڪيل صاحبان آڏيون پڇائون، بحث ۽ دليل بازيون پيا ڪن، قانون جي جوئن مان ٻنا پيا

نه ڪن، تخت سليماني تي ويٺل سوني قلم وارا صاحب سالن جا سال انصاف جا ملهائيا تر پيا ٿورهن، فتوائون ڏيون ملن. اپيلون ٽپيلون ڏيون ٿين. عدالتي "حفاظت" ۽ جيل جي "حفاظت" ۽ ڏنڊا پيڙيون، انڌاريون، ڪانجهيون، ڦاڦا، ذلتون ۽ عذاب ڏيا ملن. ڏويان ڪيا اگهاڙا ڇڏا دربدر ڏيا ٻڏڪن.

ڏڏو اڪثر هڪڙو، ۽ هڪڙي هنڌ نه هوندو آهي. اڪثر وڏيرا دوست وڏيرن هٿان هڪڙي هڪڙي هاري تي ٻن ٽن ضلعن ۽ پري پري ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيندا آهن. ٻوءِ ته جيڏري ڏي موت اڪبن اگهيان اڇو وڃي. جوان هاري اڇي ڏاڙهيءَ وارو اڇيو ٿي تنهن ڪيس نٿا نيڪال ٿين. ڪٿون سنڌي ماڻهو هلندي هلندي، گهلجندي گهلجندي ٻيهاه پورا ڪريو وڃن. انهيءَ وڏيرڪي ڏاڍ، دهشت ۽ عذاب جي خوف کان ليکين سنڌي هاري ويچارا جيڪي جت آهن، اهي اتي ساهه ڪايو وڏيرا شاهيءَ اگهيان ڪنڊ نمايو هٽ ٻڏيو ويٺا ٻڙهجن، ڦرجن، مارجن ۽ ٻکون، ذلتون ۽ عذاب سهن، ٻاهر ٻڙڪ نٿا ڪڍن.

تڏهن ٻه وڏيرا شاهي خوش ناهي. ڪشور ڪان ڪيئي بندر تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۽ هر ضلعي، هر تعلقي، هر ٽپي، هر ديهه ۽ روز ڪنهن نه ڪنهن سنڌي هاري ڪتب ڪي پنهنجي سانديل، ٽپايل ڏرتي جي ٽڪرڙي تان لوڏي ڪيو وڃي ٿو. سوين ميائل

۽ ڏهڪايل سنڌي هاري ماڻهو مارن، ٻوڙڻ، ڪيسن، ڦڙن، چورين ڏاڙن کان مجبور ٿي، لڏا ملڻ تي، ٻچا وات ۾ ابائا ٻڌ ڇڏي، ديس ۽ پرديسي ٿيڻي، منهن واه ڪري ڪيي، اڃهي ۽ سلامتي جي ڳولا ۾ نڪريو پون ٿا.

بي دخليون بند ڪرائڻ جا زوردار اعلان جاري آهن. پئي طرف ستر لک سنڌي سپوتن کي وري جيٽارڻ جي جدوجهد ۾ زور شور سان جاري آهي. سنڌي هاري قوم جا قوم پرست ليڊر پوتار پنهنجي "قوم" جي نجات ۽ چونڪاري لاءِ سر ڏڙ جي بازي لڳائي رهيا آهن. البته هو "قوم" جو مطلب پوتارن جي "قوم" وٺن ٿا. سنڌي هاري جو نالو فقط پوتارن جي قوم جو تعداد وڌو ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. هنن لاءِ هاري "قوم" ناهن. انهن جي بي دخلي سڌن "قوم" جو مسئلو ناهي. ليڊين پوتارن جي "قوم" جا "قومي مسئلا" ٻيا آهن. انهن مسئلن بابت ليڊين پوتارن جي قومي جدوجهد جاري آهي. ٻئي طرف سنڌي پورهيت جدوجهد جا ليڊيدار پنجابي - پناهگير ڪامريڊ حضرات پنهنجي ڪامريڈي ڪاروبار ۾ جتبيل آهن. اخباري بيان چپڻ ٻيا. پريس ڪانفرنسون ٿين پيون. ڪاغذي هاري ڪميٽيون ٺهن پيون. پناهگير - پنجابي ڪامريڈ حضرات سنڌي هارين ياران ماسڪو، پيڪنگ، لنڊن، ڪابل ۽ بغداد ۾ مهمانيون ڪائين ٻيام هڪڙي پاسي اهي

"عوامي" ـ "قومي" ۽ "ڪامريڊي" جدوجهدون زور شور سان جاري آهن تہ ٻئي طرف سنڌ جي هاري عوام جون بي دخليون ماڻ ملهه ۾ جاري آهن . اهو قصو هميشہ ائين هلندو رهي ٿو . سنڌ جا هاري عوام ان کي هميشہ ائين هلندو ڏسندا. هو هن مسئلي کي پس پوش پاڻ ئي حل ڪندا. ڪير خبر آهي تہ پس پيش هن مسئلي جو هڪڙو ئي مڪمل ۽ صحيح حل آهي. اهو هي آهي تہ سنڌي هاري عوام کي پنهنجي ڏرتيءَ تان بي دخل ڪندڙن کي سنڌي ڏرتيءَ، سنڌي قوم، سنڌي اقتصادي ۽ سياسي اقتدار تان بي دخل ڪيو وڃي. سنڌ جي زمين سنڌ جا حلالي هاري پٽ پنهنجي حوالي ڪن ۽ ان کي گلزار بنائين.

[ماهوار "تحريڪ" ـ جون ١٩٧٣]

سر تي پکي هيڪڙا!

تحريڪ کي "همراه" نيٽ ڦري آيا آهن! هيڪڙي بناسپي نقلي اسلام پسند، پرمارن جي سي آءِ ڊي جي ريورٽن جو ڏوڙيو لڳو پيو آهي ته "تحريڪ ۽ تحريڪ واري کي بند ڪريو نه ته پاڪستان تو هٽان وڃي" ته پڻي پاسي نقلي سوشلسٽ وڏيرن جي دب دبان لڳي پيئي آهي "نه چڏيون، نه ته پاڻ واري اسلامي سوشلسٽ وڏيرپ جو خير ڪونهي." ٽئي پاسي نقلي قوم پرست وڏيرن جي رڙ پئي ته "هن کي ڪيو نه ته وڏيرڪي "قوم" تباهه ٿي ويندي." چوٽين پاسي نقلي ترقي پسند برقعي پوش ڏوتيون هر ڪنهن اڳيان اکيون ٽي ڦوڙهو رکيو پيٽيون آهن جي "يه بديرون ڪي ايجنٽ همارے انقلاب کو تباه کر رهے هين!"

آخر ڇو؟ اهي سڀ ڏولا ظاهر ۾ پاڻ ۾ آڦي ويري ٿا ڏسجن پر اندر ۾ سڀ هڪ آهن. سڀ ڏيهي عوام - دشمن اصل ۾ هڪ آهن. سڀني جو مقصد هڪ آهي. عوام کي اندو، ٻوڙو، گونگو ۽ ٻوٽ بڏل بنائي ڪمن ڪري موجون ماڻڻ. ڪين ساڳيو هڪڙو ڊپ آهي ته متان عوام سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿي ڪين ٽڙا نه ٻڌائي چڏي. نقلي سوشلسٽ هجن، نقلي

قوم پرست هجن، نقلي انقلابي هجن، توڙي نقلي اسلام-
پسند، کوبہ عوام دشمن نڻو چاهي ٿا عوام هڪ ٻل
لاءِ بہ انڊو پوڙو، گونگو ۽ بوٽ پڻڻ نہ هجي. جيڪو
بہ عوام کي سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿي پنهنجي مڙسي
پاڻ ڪرڻ جي صلاح ڏئي سو سندن ڪڌيل دشمن
آهي. ان کي ختم ڪرڻ هو پنهنجو ڪڌيل فرض سمجهن ٿا.

'تحريڪ' اهو ئي ڏوهہ ڪيو آهي. ان لہ رڳو
ظاهري عوام دشمن کي بي نقاب ڪيو آهي پر سندن
هردن ۾ ويڙهل عوام دشمن کي بہ ظاهر ڪري سندن
جي پورهيت ۽ وطن دوست عوام کي خبرداز ۽ سجاڳ
ڪيو آهي تہ "پاڻ تي پاڙيو، وڏيرا شاهي يا پرساريت
جي ڪهن بہ ٽولي جو آسرو نہ ڪريو نہ تہ ڏڪ
کائيندا!"

ان ڪري هنن مڙي سڙي "تحريڪ" کي چٽي
طرفن کان گهيري ۾ ورتو آهي. هڪڙي پاسي وارنٽ،
ڪيس ۽ ضمانت جا نوٽيس آهن تہ ٻئي پاسي بوڪ اسٽالن
وارن کي چٽي چوائي، سندي عوام کي "تحريڪ"
پڙهڻ کان محروم ڪيو ويو وڃي. ڪنهن ڳجهي
عوام دشمن هٿ ٻڌن دٻايو آهي ۽ عوام کان "تحريڪ"
لڪائي پئي وڃي. ان جا ڪيترا بندل عوام کي ڏيڻ
بدران پاڻ وٽ رکي پوءِ واپس موڪليا ويا وڃن.

سندي عوام جا ڳجها توڙي پڌرا دشمن ٽولا عوام
کي سجاڳ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ 'تحريڪ' کي شروع

کان وٹي مختلف طريقن سان ڇڄهيون ۽ ٻڌريون سزائون ڏيڻي رهيا آهن. اسان هيستائين سڀ سزائون صبر سان سٹيون آهن. هي سزائون به اسين وڏي دل سان برداشت ڪنداسين. اسين پنهنجي عوام جي پاڻ لاءِ آئيندي ۾ اهڙيون ۽ انهن کان به وڌيڪ سزائون پوڳن لاءِ تيار آهيون. اميد ته سنڌي عوام ڪي ڪڏهن به ڪنهن به منزل تي ڪونه لڃائيندا سين. اسين پاڻي ڪونه ٽيندا سين. اميد ته اسين هر حال ۾، هر رنگ ۾، پنهنجي پنوهارن سان حال سارو ٻٽ پاريندا ايندا سين.

ٽيهه هزار ضمانت کهڙي ڏوهه ۾؟

عوامي سرڪار نامدار جي گهٽگهرن عوامي عملدارن کي تحريڪ جي چال چلت ۾ نيٺ خرابي نظر اچي ويئي! حڪم ٽيو ته آئينده پنهنجي چال سڌارڻ لاءِ ٽيهه هزار اچي ضمانت ۾ رکايو چال خراب ٿي ته پڻسا ضبط.

جيل جي ڪنهن همراه جي گالهه ڪيا آهن ته چيائين ته "نانا وارن جو مرڻ ڏسي مان جو مرڻ تان ارواح ڏسي ڪجي ويو آهي!" "تحريڪ" گذريل سالن ۾ عوامي حڪومت جي سنڌي اديبن ۽ اديبن رسالن سان پنهنجائي ۽ قرب جا ڪٿين لقاء اکين ڏسي چڪي آهي. تنهنڪري "تحريڪ" جو اصل ڪان

وڃي ارڏاين تان ارواح کڻيل آهي. اسان هميشہ اهو خيال رکيو آهي تہ:

ڇنيسر سان ڇاڪ، مٽان کا منڊ ڪري.

ان ڪري اسان هر لفظ ڏهہ ڏهہ پيرا تڪي توڙي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو خيال رکيو آهي تہ اسين سورما نہ سڏياسين تہ قربان ٿياسين، ڪر جي گالهہ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ عوام وٽ ضرور پهچي. ان ڪري اسان کي طعنا بہ سهڻا پيا تہ "اوهان، هيترا ڏينهن پاڻ کي نہ پٽڌايو آهي ۽ نڪي تحريڪ بند ڪرائي آهي، تنهن مان ثابت ٿيو آهي تہ اوهين سرڪار جا ماڻهو آهيو!"

هر چوندا آهن تہ "درياهہ جي ڪپ ۾ ٻوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي سيڃاڻ ٻڏي!" سرڪار نامدار جي عاقل عملدارن نيٺ هٽي، ڏٺي، تحريڪ کي آڻي رڄ ۽ ڦاساڻي وڌو آهي. ڪين تحريڪ تي اصل باهيون ڪهڙيون آهن، تنهن جي هڪڙي خبر الله کي، پي ڪين، ٽين سمجهہ پڙهڻ کي. آهي اصل گالهيون چڏي، ڪهٽ ڏيڻي، ڪٽان جو ڪٽي وڃي مارو ڪيو اٽن، تنهن ڪاريگريءَ واري ڏے جو داد نہ ڏيڻ بي‌انصافي ٿيندي. ذرا ويچار تہ ڪريو:—

جنهن ايڊيٽوريل تي ڏمر ڪيو ويو آهي، تنهن ۽ نہ حاڪمن جو ڏڪر آهي، نہ سندن رعيت جو، نہ سڌ جو ۽ نہ پاڪستان جو. ان جو هٿي سان تہ ڇا سڄي

ايشيا کنڊ سان کو واسطو کونهي. ان ۾ گالهه آهي هنان کان هزارين کوهه پري جي هڪڙي لاطيني آمريڪي ملڪ چلي جي. اتي جي وڏيرڪي، سرمائيدار ٽولي کجهه وقت ٿيو ته عوام جي چونڊيل جمهوري حڪومت کي قتل ڪري ملڪ ۾ کوس شروع ڪري ڇڏيا. سڄي دنيا جي عوام، جمهوري پريس، حڪومتن ۽ اڳواڻن انهيءَ عوام دشمن ۽ غدار فاشي فوجي ٽولي جي ڪرتوتن تي ڏٺ لعنت ڪئي. پاڪستان جي جمهوري وطن دوست پريس ۽ ماڻهن به عوام جي قاتل، بدمعاش فوجي ٽولي ي لعنت ملامت ڪئي. سڀني کان زوردار لعنت ملامت پاڪستان جي وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ٻٽي صاحب ڪئي. "تحريڪ" به سڄي جهان جي عوام ياران عوام جي قاتل فوجي غنڊن تي ملامت ڪئي. اسان جي پريس عملدارن گهٽي جا ڪوڙ سان گهوپ ڪري "تحريڪ" وارا اهي ۽ اکر گولي هڻ ڪيا ۽ گهٽي غور و خوض ۽ باريڪ بينيءَ سان تپاس ڪرڻ کان پوءِ هڪدم رزلٽ آئوٽ ڪيائون، ته ان ست سمنڊ پري واري ملڪ چلي جي بدمعاش فوجي ٽولي ياران ڪيل عوام جي قتلام جي مذمت ڪرڻ ڪري "تحريڪ" پاڪستان جي امن امان کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي! سندين جي "پنهنجي" سرڪار نامدار جي قاتل عملدارن جي اها به مهرباني جو ڪوڙ ڪو بهانو گوليو اٽن" جي سٽون سڏو ڇون

ها تہ "بند ڪريو پنهنجي ڪواس!" تہ اسين ڇا ڏي ڇڏي سگهياسين؟ گنهگار، تہ اسين هونئن به آهيون! سنڌي هجڻ، سنڌيءَ ۾ رهڻ ڪيڻ، سنڌي عوام جي ڀلائي ڪرڻ، ڪي معمولي ڏوهہ تہ ڪونهن!

اسين سنڌ جي هارين، مزدورن، شاگردن، اديبن، دانشورن، وڪيلن ۽ پين وطن دوستن جا ٽورائنا آهيون، جن سرڪار جي هن قدم جي مذمت ڪئي آهي. اسين سچي سنڌي عوام کي اپيل ٿا ڪريون تہ پنهنجي چونڊيل نمائندن معرفت سرڪار تي زور آڻي کين "تحريڪ" کي بند ڪرڻ کان روڪين.

اسان کي اميد آهي تہ سرڪار ذميدار "تحريڪ" جو گلو گهٽڻ واري خيال کان باز ايندي ۽ اسان کي پنهنجو عوام دوست فرض ادا ڪرڻ کان نہ روڪيندي. پر تنهن هوندي بہ، اهو امڪان موجود آهي تہ تحريڪ بند ٿئي.

جيڪي بہ ٿيو، اسين ڪنهن بہ ڪنهن ڏولي سنڌي عوام اڳيان انقلابي وطن دوست نقطي نظر پيش ڪندا رهنداسين ۽ پنهنجي حال سارو سنڌي عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين. ان ۾ اسين ڪابہ ڪوتاهي ڪول ڪنداسين. "تحريڪ" جيڪو پيغام ڏنو آهي اهو مرڻو ناهي. سنڌي عوام ان کي مرڻ نہ ڏيندا. "تحريڪ" وري ايندي.

"اهڙا مانجهي مرڻا ناهن، ويس مٽائي ورڻا آهن!"

[ماهوار "تحريڪ" ـ جولائي ۱۹۷۴]

سنڌيت مٽان هڪ هٿي ۽ ٽيڪو ختم ڪرايو!

سنڌي قوم جي چونڪاري ۽ واڌاري جي جدوجهد ۾ سوين هزارين ماڻهن پنهنجي پوڄ، سمجهه ۽ وس آهر ڪم ڪيو آهي، سور سٹا آهن ۽ قربانيون ڏنيون آهن ۽ ڏين پيا. سنڌي قومي جدوجهد لکين سنڌين ــ سنڌي هارين، مزورن، غريبن، اديبن، دانشورن، شاگردن ۽ محب وطنن جي جدوجهد آهي. اها کنهن هڪڙي ماڻهوءَ جو سورهيائيءَ وارو ڪارنامو ناهي. اها سموري سنڌي قوم جي گڏيل ڪوشش آهي. اڄا پنڌ ڪجهو آهي، منزل ڈڪي آهي. اڄا گهڻو، گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي.

بدقسمتيءَ سان هڪڙي ٽولي گڏيل ڪجهه سالن کان قومي جدوجهد ۾ زوري ڇاهو هٿي، ان کي پنهنجي جڙ ذاتي ملڪيت بنائي وڌو آهي. ان لاءِ هو محترم جي ايم سيد جو نالو ڪتب آڻين ٿا. جي سنڌ جي قومي جدوجهد اڪيلي سر جي ايم سيد هلائي آهي! هو ئي ان جو اڪيلو وارث آهي! سنڌي عوام کي اهو ئي ڪرڻو آهي جيڪي هو چئي! جيڪو ان ۾ حجت ڪندو، سو چئجو ٿو غدار آهي، سرڪار جو پٽو آهي! وغيره.

اڄ جي وڏي ۽ وڏي قومي ضرورت "قومي اتحاد" آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ هر گهالهہ ۽ هر وقت ڪنهن هڪڙي فرد، ٽولي يا طبقي بدران سموري سنڌي عوام جي زبردست گهٽائي جي نقصان جو خيال رکجي، جيڪا گهالهہ جيتري هجي اوتري ڪجي. اجايو وڌاءُ يا ڪوڙ ڪرڻ، قومي تاريخ ۽ جعلسازي ڪري ڪنهن هڪڙي فرد يا هڪڙي ٽولي جي قربانين جا فرضي داستان گهڙي ان کي قوم جو اڪيلو وارث ڪري پڌائڻ، قوم جي لکين عوام کي سجاڳ، متحد ۽ منظم ڪري ميدان ۾ آڻڻ بدران ۽ جڏهن جي صلاح مصلحت سان قوم جي چونڪاري لاءِ صحيح راهہ ڳولي ڪڍڻ بدران، سکڻا وات جا ٽڪاءُ هٽي پاڻ کي سوڙهو سڏائڻ، قومي ٻڙيءَ کي ڪُن ۾ ڏاسائڻ، وطن دوستيءَ ٿي هڪ هٽي ۽ ٽيڪو جڏائڻ ـ اهي گهڻيون اڄ قومي ٻڌيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏيون رڪاوٽون ٿي ٻيون آهن.

سچي قوم جڏ سنڌي قوميت کان خارج ۽ لا دعويل ٿي پئي آهي. رڳو هڪڙو نيڙو ٽولو پاڻ کي "سنڌي" سڏايو سڪڻي ڦٽ ڦٽ ٻيو ڪري. مصيبت اها ٿي پئي آهي تہ قوم کي سخت نقصان رسائيندڙ ان روش بابت جيڪو به ٻڙڪ ٻاهر ڏو ڪيو تنهن تي هڪدم "غدار" جو ٽپو لڳايو ڏو وڃي. ان ڊپ کان اڪثر محب وطن ساهہ سڪايو ويٺا آهن ۽ سچي گهالهہ ڪرڻ کان لهرائين ٿا. لتيجو اهو ڏو نڪري جو سنڌي

قوم کي اهڙو نقصان پيو رسي جنهن جي چڻي اسين سالن جا سال پوري پوري کين پونداسين.

هن وقت حالت اها آهي ته ڪو ماڻهو جي ايم سيد ۽ سندس مريدن جي موڪل کان سواءِ رڳو سنڌ جو نالو ٿو وٺي ته ان کان به لکيت ۾ سبب ٿو گهڙيو وڃي ته "تو اڻين ڇو ڪيو؟" چي "اوهين محب وطن آهيو ته پوءِ ساڻين جي ايم سيد جي پليان ڇو نه آهيو؟ صاف ظاهر آهي ته اوهين ان کي "ڪٽ" چاهيو ٿا ۽ ظاهر آهي ته سواءِ سرڪار جي پاڻ جي پيو ڪوبه ساڻين کي "ڪٽي" نٿو سگهي! چئبو ته اوهين سرڪار جا ٻڌو آهيو!"

هن قسم جي سوچ کي اڻين چڏيو ويو ته سيائي شاهه صاحب جي مريدن جي پرمٽ وٺ بنا کير پاڻ کي سنڌي به سڏائي کونه سگهندو. محب وطن سڏائڻ ته پري رهيو! هيءَ اها ئي سوچ آهي جيڪا سنڌ ۾ گوٽ جي وڏيري جي هوندي آهي. چي "راج ڏانءِ جي موڪل بنا کير به گوٽ ۾ ٽيڙي ڪري نه هلي!" هي ساڳيءَ ليگ واري سوچ آهي. "هڪڙو الله، هڪڙو رسول، هڪڙو پاڪستان، هڪڙي ليگ ۽ هڪڙو قائد اعظم! جيڪو ليگ ۽ قائد اعظم کان ڦريو سو الله رسول کان تاڙڪ ۽ پاڪستان جو دشمن! ساڳي نازي ۽ فاشي سوچ آهي. هٽلر ۽ مسوليني جي پرمٽ بنا کير پاڻ کي جرمن يا اٽالين سڏائي!

سنڌي محب وطن جو فرض آهي ته هو گمارين، گلائن، خوارين ۽ ڏڇرين جو خطرو سر تي کڻي ٻڌن، هن مسئلي جي پوري چنڊچاڻ ۽ چڪاس ڪن ته جيئن سنڌي اتحاد ۽ واڌاري جو رستو جيڪو هاڻ بند ٿيو پيو آهي سو کلي پوي.

لکين سنڌي ماڻهو آزادي ۽ کليءَ دل سان قومي جدوجهد ۾ هڪجهڙو پرپور حصو ونڊي قوم کي اڳتي وڌائي سگهن.

کي ماڻهو چوندا "صلاح ته چڱي! پر "شينهن" جي وات ۾ اول مٽو ڪير وجهي؟"

چڱو، تڏهن شروعات پاڻ اسين ٿا ڪريون! ٻهرين اسان جي سوچ حاضر آهي. سنڌ جا سجاڳ ۽ سوچيندڙ ماڻهو ٻڌي سڀني ۽ ڏيان سان ويچار ڪن ۽ پنهنجا خيال سنڌي عوام اڳيان پيش ڪن.

اسان جي نظر ۾ شاهه صاحب سنڌ جو اڪيلو وارث ڪونهي. ان اڪيلي سر قومي جدوجهد ڪاڪ هلائي آهي. هن قوم کي ڏورڙو نقصو پهچايو آهي ۽ وچ وچ ۾ سخت نقصان بہ رسائيندو رهيو آهي. سائين هيٺين ۽ ٻين ڪيترن سببن جي ڪري سنڌ جو اڪيلو وارث ۽ اڳواڻ ٿي نٿو سگهي: (۱) سنڌ جي اڳواڻي گڏيل هٿ گهرجي ۽ نہ ڪنهن هڪڙي فرد جي هڪ هٿي. (۲) سنڌ جي اڳواڻي سنڌي هارين، مزورن ۽ غريبن جي هٿ ۾ هٿ گهرجي ۽ نہ جي ايم سيد جيڙن

وڏن زميندارن ۽ سجاده نشينن جي هٿن ۾. (۳) هن جي سوچ مدي خارج آهي. (۴) کيس قومي جدوجهد هلائڻ جي صحيح واٽ جي ڪابه خبر ڪا هي. (۵) ان واٽ تي هلڻ لاءِ قومي ڪارڪنن کي جيڪي ٽيڻ ڪپي سو سائين ٽي ٽي نٿو سگهي. (۶) هن کي جدوجهد مان جيڪا سياسي قوت هٿ ٿي اچي سا پچاڙيءَ ۾ وڏيرن جي حوالي ڪريو برباد ڪريو ڇڏي. (۷) جي ايم سيد جي ٽولي طرفان سرڪار جي جيڪا سڃڻي ۽ نمائشي مخالفت پيئي ٿئي ۽ سنڌ ۾ ان مصنوعي جنگ پيئي هلي، تنهن سنڌي عوام کي خوشفهميءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته آسان ۾ جيڪي ٽيڻ گهرجي سو ٽئي ٻيو. وڌيڪ ٽي نٿو سگهي. هنن جي خيال ۾ قومي جدوجهد ٽيندي ٽي اهڙي ۽ ايتري آهي! انهيءَ کوڙي آسري تي لڳي ۽ گمراهه ٿي، اڪثر ماڻهو پنهنجي ڪنڌ وڌيو ويٺا آهن ۽ سنڌ جي عظيم عوامي اتحاد ۽ گڏيل قومي جدوجهد لاءِ پوري ڪوشش ۽ جاکوڙ جي ضرورت نٿا محسوس ڪن. (۸) سائين تريءَ ٽي بهشت حاصل ڪرڻ جي وڏيرڪي لائين ورتي آهي ۽ سنڌ جو قومي مسئلو تمام ڏکيو، پيچيدو ۽ آڻهو آهي. ان جي حل لاءِ تمام ڏکهي ورن وکڙن واري جدوجهد هلائڻ ضروري آهي. ان ۾ هر هڪ سنڌي محب وطن کي هٿ وٺرائڻو پوندو. خاص ڪري لکها پوڙهيتن کي دل و جان سان شريڪ ڪرڻو ۽ اڳ ۾ آڻڻو

پولدو. رڳو سفيد پوش لڏي کان هي ڳالهه ڳري آهي. وڏيڪ تفصيلن ۾ وڃڻ مناسب ناهي. (۹) ٻئي طرف رڻابندي، همٿ، محڪم ارادي، اورچائي، فهم، لچڪ، قرباني، ڏاهپ ۽ ٻيهپلين سان رڻ ميدان جي اڳتي وڌيا ٻين تم پنهنجي جائز مقصدن حاصل ڪرڻ جا بهترين امڪان موجود آهن. سائين ۽ سندن مريدن ۾ اهي گهرڻ لياقتون ناهن. (۱۰) جي ايم سيد ۽ سندس مريدن پنهنجي غير ذميوار ۽ باراڻين حرڪتن سان قومي جدوجهد جي واڳاري ۾ سخت رڪاوٽ وجهي عملي طرح دشمن لاءِ ميدان سازگار ڪيو آهي ۽ سندن ڪجون راهون بند ڪيون آهن. (۱۱) قومي ڪم صلاح مصلحت سان ٿيڻ گهرجي. سائين جي ايم سيد آهي شينهن ۽ غير ذميوار آهي. سندس ذهنيت غير جمهوري ۽ وڏيرڪي آهي. هو نهايت نازڪ مسئلن ۾ بنا سوچ ويچار جي دب ڏيو ڇڏي. منجهس ايتري سمجهه، ڏاهپ ۽ پختائي ڪانهي جو وقت سر موٽ ڪائي خطرناڪ غلطين درست ڪري سگهي. نتيجو اهو ڏو ڪري جو سندس ڪري قومي جدوجهد هينئر وانگر سالن جا سال ڪڏ ۾ ڦاٿي پيئي هوندي آهي. (۱۲) سنڌ جي موجوده حالت اڻ ٽر ناهي آسان وٽ ڪيترا وسيلا ۽ موقعا هٿا ۽ آهن. آسان اڳوڻين جدوجهدن ۾ ڪئين مورچا هٽ ڪري ڇڏيا هٿا. انهن وسيلن، موقعن ۽ مورچن کي همٿ، مڙسيءَ ۽ ڏاهپ سان ڪم آڻجي ها تم اسين اڄ تمام اڳتي وڌيل هجون

هاء جي ايم سيد جي متحده وڏيرڪي محاذ ۽ ٻين اڳرن شوشن ڪري اڳتي ڏم ڏم وڌي سگهياسين، سوڳ ڪنيل سوڙها هارائي ويٺاسين. ڀلا ڪيئن سال لوڙڻو ۽ ٻوڙڻو ٻوندو. تڏهن مس وڃي اڳوڻي قومي ٻڌي ۽ طاقت گڏ ڪري سگهنداسين. (۱۳) شاهه صاحب پنهنجي سنگين سياسي غلط ڪارين ۽ ناڪامين کي سڌ لاءِ قرباني ڪٽائي ٿو. ٽلهيون ۽ اڄايون وات جون لسڻون وڻي دشمنن کي نظر بنديءَ لاءِ ٻهانا ڏيئي پاڻ کي سڌ ٻاران صدقو ٽيل مظلوم ڇاڻائي ٿو. ان فرضي قرياتيءَ ۽ مظلوميت کي هو سڌي محب وطن عوام خلاف سياسي هٿيار طور استعمال ڪري ٿو ۽ ڪين اخلاقي طرح مجبور ٿو ڪري ته هو سندس هر غلط ڪالهه آڏو سر جهڪائي. غلط وات وڻن ۽ قومي طرح تباهه ٿين. اها روش بي واجبي، غلط ۽ وطن دوستيءَ جي قانون خلاف آهي.

قومي اتحاد لاءِ ضروري آهي ته اڪيون پوري ڪنهن هڪ فرد يا ٽولي ڏانهن ڏوڙ بدران سڄي قوم ۽ عوام جا سڄاڻ محب وطن گڏجي راهه ڪڍن ۽ اڳتي وڌن. ان ڪهڙيل صلاح مصلحت ۽ جدوجهد ۽ ٻين سمورن وطن دوست فردن ۽ ٽولن سان گڏ شاهه صاحب ۽ سندس ٽولي جو به پرپور ۽ شاناڻتو حصو هجڻ گهرجي. ۽ جدوجهد جي اڳواڻيءَ تي ٽيڪو ۽ هڪ هٿي ڪنهن به فرد يا ٽولي جي نه هڻڻ گهرجي

ڪ. ٿ جدوجهد اڳي وانگر وري به تباهه ٿي ويندي.
پڙهندڙن ۽ عام سنڌي محب وطن کي تبصري، تنقيد
۽ رهبري ۽ لاءِ عرض آهي. جيئي سنڌ!

[ماهوار "تحريڪ" - آگسٽ ۱۹۷۳]

اسين ڪنهن جي گارگند ڪان نه بچنداسين!
اسان پاڻ گند نه ڪنداسين!

سنڌي عوام کي پنهنجي جدوجهد لاءِ سٽين سنوائي وات جي گهرج ۽ تلاش آهي. هر سنڌيءَ جو قومي فرض آهي ته ان گولا ۾ مدد ڪري ۽ قوم کي اوجهڙ ۾ ٻوڙ کان بچائي.

تحريڪ پنهنجو فرض سمجهي راءِ ڏني آهي ۽ ته فلاڻي وات غلط آهي. ان وات کي بدلائجي. تحريڪ جو ڪيو قرآن ڪونهي. هڪڙي راءِ آهي، هڪڙي سوچ آهي. اها راءِ ۽ اها سوچ صحيح به ٿي سگهي ٿي. غلط به ٿي سگهي ٿي. جي اها صلاح ۽ سوچ غلط لڳي ته ان جو جواب ڏيڻ کپي. تحريڪ پنهنجي راءِ جي حمايت ۾ دليل ڏنا آهن. دليلن جي جواب ۾ دليل ڏجن. عوام کي ٻڌائجي ته جو فلاڻي سوچ غلط آهي؟ اهڙيءَ ريت هي مسئلو سهڻي نموني نبري سگهي ها ۽ قوم جي سوچ ۽ سمجهه ۾ واڌارو اچي ها. اسان کي صحيح وات ملي ها. اسان ۾ وڌيڪ اعتماد

۽ يقين پيدا ٿئي ها. اسين وڏيڪ حوصلي سان اڳتي وڌون ها. پر ٿيو ڇا؟ تحريڪ جي ڪارڪنن کي سنڌي پورهيت عوام جي نقطي نظر پيش ڪرڻ جي جرم ۾ قلم باز لوفرن ۽ غنڊن هٿان غليظ ۽ گندين گاريون ڏياريون ويون آهن. مٽائڻ مسخريون ۽ ڏڇرپا ڪرايا ويا آهن. سنڌي حيا، فضيلت ۽ اخلاق جا سمورا ليکا لٽاڙي قومي خدمت ڪندڙ سنڌي نياڻين تي گند اڇلايو ويو آهي. اهو سڀ ڪير ٿو ڪرائي؟

اهو سڀ محترم جي ايم سيد جي نالي ۾ ۽ سندس ياران ٿيو آهي. حالتن مان ظاهر آهي ته اهو سندس اجازت ۽ هدايت کان سواءَ نه ٿيو آهي. محترم شاهه صاحب کي هن وقت سن شهر کان ٻاهر نڪرڻ جي موڪل ڪانهي. اها پابندي ناجائز آهي. اسين انهي پابنديءَ کي سنڌي عوام خلاف زيادتي سمجهون ٿا. ان زيادتي ختم ڪرڻ لاءِ اسان بار بار پرزور مطالبا ڪندا رهيا آهيون. اسين هاڻي به اهو مطالبو ڪريون ٿا. بهرحال شاهه صاحب پابند آهي پر خدانخواسته قيد تنهائي ۾ ڪونهي. شاهه صاحب ۽ سندس مريدن جي وچ ۾ اوچيون ديوارون نڪي هٽڻ ڪپن ۽ نڪي ڪي وري آهن. اها سينئي کي خبر آهي. ۽ اسان کي بس آهي. اهڙي حالت ۾ هيڏا ڪم شاهه صاحب جي موڪل بنا نٿا ٿي سگهن.

پوءِ ڏڏهن هيڏو ليڪ ۽ شريف خانداني سادات

ماڻهو ۽ بزرگ اهڙا ڏنڊا چو ٿو ڪرائي يا ڪرائن ڏي؟ ڇا هن کي يا سندس مريدن کي "تحريڪ" جي ڪارڪنن سان ڪا ذاتي دشمني آهي؟ اسين نٿا سمجهون ته اڻن آهي. هي ذات نيات، پني پاري، دنگ دڙي، ڏنڊي واپار جي جُوف جو تڪرار ڪونهي. ته پوءِ قومي سياست جي ميدان ۾ هڙيون ڪريل ۽ غليظ حرڪتون ڇو؟ ان جو جواب بلڪل سولو ۽ سادو پيو آهي. "تحريڪ" قوم اڳيان جيڪي ڳالهيون پيش ڪيون آهن. انهن جو ڪوبه سچ پچ اثرائتو جواب موجود ڪونهي. ايتري اخلاقي جرات، ايمانداري ۽ قرباني به ڪانهي جو صحيح ڳالهه ڪڍي پنهنجي غلطي قبول ڪري پاڻ تي تنقيد ڪجي ۽ پاڻ کي سڌارجي. اهڙي حالت ۾ باقي وڃيو اهو رستو بچي، جيڪو وڏيرڪو طبقو روز ازل کان عوام خلاف ونندو رهيو آهي. يعني ڏاڍائي ۽ دٻاءَ جو. وڏيرڪو طبقو صدين کان اختلاف ۽ اعتراض کي ڪچلڻ لاءِ عوام کي ڪاٺ، قيد، ڦاهيون ۽ سوريون ڏيندو رهيو آهي. اڄ به منجهانئن جن جو وس هلي ٿو سي اهي ڏنڊا چالو ڪريو وينا آهن. باقي جن کي فيالحال جيل ۾ وجهن، ٽيپ ڏين يا ڦاهي ڏين جي اختياري ڪانهي، سي هن وقت جيڪي طبقاتي هٿيار موجود آهن: انهن کي استعمال ڪيا ڪن. يعني ڪوڙ، بهتان، ڪلائون، مسخريون، ٺاولیون، ڏڇرپا، سالگ، خواريون، دڙڪا، دهمان ۽ غليظ گاريون. سياڻي

جي حڪومتي ڏنڊو هٿ ۾ جڙهي وين، تہ بلاشڪ ڪاڪ، قيد، ڦاهيون، سوريون ۽ ڏينداڻ دپاڻ ۽ ڏاڍائي سندن عوام دشمن فطرت آهي جا ڪڏهن ب بدلجي نٿي سگهي.

سوال "تحريڪ" جي ڪارڪنن جي ذات جو ناهي. هي گالهہ فرد ۽ ذات کان جڙهيل آهي. هي طبقاتي گالهہ آهي. سائين مجب وطن آهي. قوم پرست آهي، سنڌي تهذيب، ثقافت جو علمبردار آهي ۽ پيو گهڻوئي ڪجهہ آهي. پر انهن سڀني گالهين سان گڏ بلڪ انهن کان پهرين هو پنهنجي طبقي جو فرد ۽ نمائندو آهي. هو وڏو زميندار آهي. سيد، پير ۽ سجاده نشين آهي، وڏيري، پوٽار، رئيس، ير، مير ۽ سجاده نشين طبقي جو ڪوبہ نمائندو اها گالهہ ڪنهن ٿو برداشت ڪري تہ جي "خسيس" ۽ "معمولي" ماڻهو، اسين خاندان جي شاهائن سياسي شوقن ۽ شغلن ۾ ٽنگ اڙائين!

جيڪي "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" ۾ چيو ويو آهي. اهو رڳو سائين نہ تہ گالهائي، سندس طبقو ٿو گالهائي. خطاب فقط "تحريڪ" واري سان ناهي، سندن طبقي سان آهي. وڏيري طبقي کي روز ازل کان وٺي پورهيت عوام لاءِ جيڪا گهري ۽ اٽاهم نفرت ۽ حقارت آهي، کين سنڌي پورهيت عوام جي نظرين ۽ انهن نظرين جي وڪالت ڪندڙن مان جيڪو ڊپ ۽ هراس آهي، اها سموري نفرت ۽ حقارت، اهو سڄو ڊپ ۽

هراس انهن غليظ ۽ گندين گارين جي ڇڪي ڳگ جو روپ وڻي وڏيرن جي قلم باز شڪاري لوڊ جي واڇن مان ڪڙي پيو آهي.

وڏيرا سياستباز عظيم ۽ اعليٰ، فرشتا ۽ ملائڪ، پيغمبر ۽ "آدم جي روپ ۾ اور شيون. فقط تيستائين آهن، جيستائين سندن خالص طبقاتي سياست قوميت جي پوش ۾ لڪل آهي ۽ سندن طبقاتي گهر تي لت نٿي اچي. جڏهن ٽورڙو سوال جواب ۽ حساب ڪتاب ٿو ٿئي، جڏهن سندن سياست جي اصل طبقاتي فطرت ٿان ظاهري قومي پوش لهيو پوي ۽ جڏهن ڪين ٽورڙو طبقاتي سڪ ٿو اچي ته پوءِ وڏيرڪي ۽ حاڪماڻي سياست، پنهنجو قومي بزرگيءَ جو پرت پريل ريشمي غلاف اچلائي ڦٽو ڪري، پنهنجو اصلوڪو، ڪاريال، ڏاڏاگير ۽ رهزن وڏيرڪو روپ وٺيو اچيو وچ بازار ۾ بيهو رهي. سنڌي قوم ۾ وڙهڻ وگهڻ جا ڪي سنڌا سيڙها مقرر ٿيل آهن. ڪي فضيلتون، ڪي حياڻون ۽ ڪي شرم ڪرٽا آهن. چوندا آهن ته وڙهندي سيڪو ويڙ اچلائيندو، گل ڪونہ اچلائيندو، پر 'وڙهڻ مهل اهو ڪي ڪجهہ ڪجي جو پرچڻ مهل ڪم اچي' اهي قانون وڏيرا شاهيءَ ۽ ٻرمار شاهيءَ ۽ سندن پالتو لوڊ سان لاڳو ڪونهن. وڏيرن ۽ ٻرمار سياستبازن لاءِ پنهنجي ذات، پنهنجو ٽولو ۽ پنهنجو طبقو اول ۽ آخر آهي. انهن جي پاڻيءَ جي نقصان ۽ نفعي لاءِ

هو سچي ملڪ ۽ سموري قوم جي مفادن کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اهوئي سبب آهي جو هو گلاخوريءَ جي خسيس لست ولڻ ۽ چٽن پهرن لاءِ ٽئي ڪرڻ لاءِ کي اهڙا به ڪوڙا ۽ ڪمينا الزام ڏيڻ ٿا، جن جو مدلل ۽ لاجواب ڪندڙ جواب ۽ صفائي، کين خبر آهي ته اسان آسانيءَ سان ڏيئي سگهون ٿا، ۽ ائين ڪرڻ سان اسان کي ناقابل تلافي نقصان رسندو. کين ناقابل تلافي نقصان رسندو. سموري قوم کي ناقابل تلافي نقصان رسندو. اهڙي صورت حال مان چاڻي ٻجهي ناجائز فائدو ولڻ کي آزاد قومن ۽ بليڪ ميلنگ چئبو آهي. ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومن ۾ غداري چئبو آهي. بليڪ ميلينگ ۽ غداري وڏيرا شاهي ۽ پرمار شاهي جي طبقاتي فطرت آهي.

پناهگير نقلي ترقي پسندن جا جيڪي پالتو مائٹو سنڌي ٽوپيون پائي سنڌو ديشي بنيا "تحريڪ" جي ڪارڪنن کي گاريون ٻيا ڏين. تن کي ۽ سنڌن آقائن کي ايڏي داڻ ڪرڻ مان هڪڙي اميد اها به آهي ته اسين به محترم جي ايم سيد خلاف اهڙوئي ذاتي گند ڪنداسون ۽ پوءِ سنڌ ۽ نظرياتي ۽ سياسي جنڊ جاڙ ختم ٿي ويندي، سنڌين جي صحيح راه جي ڳولا ختم ٿي ويندي، سنڌي اتحاد جون راهون بند ٿي ويندیون، سنڌي ماڻن لاءِ ذاتي الزامن ۽ جوابي ذاتي الزامن جي گندي ڏهڻ ۾ ڦاٽا ٻيا هوندا ۽ سنڌ-

دشمنن جي چاندي ٿي ويندي. اسين سڌ دشمن برمارن جون سڌون پوريون ٿيون نہ ڏيندا سين. هو سندي وڏيرا شاهي. کي ڪاڪ ڪلهي تي ڪڻائي ڪيڏي، بہ گندگي ۽ غلاظت ڦهلائين ۽ ڪيڏيون بہ شرارتون ۽ سازشون ڪن. بہ اسين پنهنجي اصل مقصد ۽ اصل راہ تان هڪ انچ جيترو بہ ٽرڻ لاءِ تيار نہ آهيون ۽ نڪي ٿيندا سون. مرسون مرسون پر نہ چرسون' اسين شاہ صاحب تي ذاتي حملا نہ ڪندا سون. اسين ڪنهن تي بہ ذاتي حملا ڪرڻ نٿا چاهيون. ايان کي ذاتي طرح شاہ صاحب لاءِ عزت آهي. هو ذاتي طرح پلو ۽ لائق ماڻهو آهي. عزت جي لائق آهي. اسين جائز حدن اندر سندس عزت ۽ احترام ڪندا رهنداسون. اهو ايان جو قومي فرض آهي. اسين اصولي گالهيون ڪريون ٿا. اسين اهي هر حالت ۾ ڪندا رهنداسون. اسين سکڻ ۽ سيکارڻ چاهيون ٿا. اسين سچيءَ دل سان سنڌ جي قومي مسئلن جي چنڊچاڻ ڪري صحيح راءِ ۽ صحيح رستي تي پهچڻ ۽ اڳتي وڌڻ چاهيون ٿا. اها چنڊچاڻ، جانچ ۽ ڳولا ۽ اهو واڌارو اسين جاري رکنداسين. سنڌي عوام صحيح بنيادن تي پاڻ ۾ پڌي ڪرڻ، صحيح ڪس ۽ صحيح واٽ ولي، مضبوط ۽ اٽل ارادي سان اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي نجات حاصل ڪرڻ گهري ٿو. ان گالهه ۾ اسين سمورن مڃب وطن فردن، ٽولن، طبقن، تنظيمن سان گڏجي پنهنجي پوڄ آهر سنڌي عوام جي

مدد ڪندا رهنداسون. اهو اسان جو قومي فرض آهي. اسين ان فرض ادائي تي قائم رهنداسون ۽ وات جي هر مشڪل کي بهادري ۽ ثابت قدمي، حوصلي ۽ پختي يقين سان منهن ڏيندا سين. سنڌي عوام فاتح ٽيٽو آهي سو ضرور ٽيندو.

ڪنڌا سون پيرن ۾ توڙي لک لڳن
آگر آگوٹي نہ مڙي ڇپون پير ڇڻن
ويندي ڏانهن پرهن، جٽي جات نہ پاڻيان.

(شاهه)

اسان جي حال تي هلو!

اسان کي گذريل ٽن سالن ۾ هڪڙي ڪوڏيءَ جو به اشتهار ڪونہ ملهو آهي. سالن جي جدوجهد کان پوءِ اسان کي سرڪار "تحريڪ" جون ڪل ۱۹۵ (هڪ سو پنجانوي) ڪاپيون ڇڻ لاءِ ٻنو منظور ڪري ڏنو آهي! ان ڪري اسان تحريڪ جا صفحا وڌائي تہ جا ۾ هاڻ جيترا صفحا ۾ ڏري گهٽ ناقابل برداشت خرياتي ڏيڻي ڇپي رهيا آهيون. انهن ۳۶ صفحن ۾ اسين رڳو بحث مباحثو ٻہ ڏيڻي نٿا سگهون. نہ تہ ماڻهو ڪ ٽي پوندا. هوڏانهن تحريڪ تي چٽي طرفن کان وارو وار لڳي پئي آهي. وڏيرن ۽ پرمارن جي پائيواريءَ وارا رسالا "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" اڳيئي استارت آهن.

جماعت اسلامي۽ وارا سچي پاڪستان ۽ وطن دوست سنڌين خلاف جيڪا پنڊي پاريو بيٺا آهن، تنهن ۽ تحريڪ کي به ڪوٺ وساريو اٿن. لائلپور جي جماعتي رسالي "المنبر" ۾ تحريڪ ۽ ان جي نظرين خلاف هڪ مضمون جو سلسلو ٽن چئن مهينن کان لاڳيتو هلي رهيو آهي. هي سنڌ جي جماعتي رسالي "آئيني" به "تحريڪ" خلاف لکڻ شروع ڪيو آهي. باقي وڃي اسان جو وفا شعار، سچار، دليرا، ايماندار، اشراف، ذاتي لالچ، ساڙ، حسد، ويرا، بغض کان ڪوهه پري پڇندڙ، سرڪار جو ازلي مخالف، سرڪاري مهربانين، پٽن، اشتهارن کان ونڊ ويندڙ هڪڙو سٽي سيرت وارو جوان جڏهن يار رهيو هو، سو مڙس هٽن مان ٽي سورهو ٽيڻ ۽ پڙ ڪٽڻ کان رهجي ويو، پر شڪر آهي، جو عين ٽائيم تي اهو به پنهنجو گهوڙو ٻوڙائيندو، سهڪندو، سهڪندو اچي "تحريڪ" کي گاريون ڏيڻ وارن جي پڙ ۽ ٻڌو آهي. ٻيا به پنڊ ۽ هوندا. اهي به دير سوير اچي پهچندا ۽ خدا گهريو ته چڱي محفل ٿيندي. جيترا گهٽا اوترو وڌيڪ رس لهندو! اسين اميد ته هر هڪ سان ڪچهري ڪنداسين. هر هڪ جي سوال جو جواب ڏينداسين. انهن ڪچهرين مان سنڌي عوام کي فائدو رسندو، نقصان ڪوبه ٿيندو. سنڌن جاڻ وڌندي، سنڌن سياسي تربيت ٿيندي. هو دوست ۽ دشمن، ظاهر ۽ باطن، اندر ۽ باهر، ڪچي ۽ پڪي، عارضي ۽ دائمي،

حقيقي ۽ نمائندي شين، ماڻهن، لقائن ۽ حالتن ۾ فرق
ڪري سگهندا. اسان جون به ڪچاڻون دور ٽيندڙ
مرڪز گهٽيا، پٽي طرف اسان کي پنهنجن راين پيش
ڪرڻ لاءِ وڏيڪ ويڪرو ۽ وسيع ميدان ملندو. اميد
ته سڀ سولي ٽيندي.

اسين تحريڪ جي پڙهندڙن کان رڳو هڪڙي
سهوليت گهرون ٿا. اسان تي ڪوڙا الزام ۽ ڪوڙا
ڦڙا تمام گهڻا آهن. جتي به ڪو سڌ دشمن، عوام-
دشمن ۽ پورهيت دشمن ٽاڙو آهي، اتي اسان تي
ڪو نہ ڪو ڪوڙو ڪيس رجسٽر ڪيو ويو آهي.
ان جي جواب ڏيڻ لاءِ اسان وٽ وسيلا نہ هڻڻ جي
برابر آهن. اسان وٽ انهيءَ لاءِ صفحا مهيني ۾ وڌ ۾
وڌ ۱۰-۱۲ ٽي سگهن ٿا. ان ڪري اسين سڀني پارن
کي هڪڙي ٽي وقت هڪڙي ٽي پرچي ۾ سمورا
جواب ڏيئي نٿا سگهون. ان ڪري اسان پاليسي اهيءَ
ٺاهي آهي ته پل هر ڪا ڪوڙا ڪيس داخل ڪندڙ
در پنهنجو سمورو ڪيس پيش ڪري، پوءِ هر ڪو
پنهنجو ڪهوڙو هڪلي پنهنجا پنڌ ڏيڪاري دنگ ڪري.
پوءِ اسين هر هڪ کي يڪو جواب ڏينداسين. انهيءَ
پاليسي مطابق اسان سنڌو ديش جو ڏونگ رچائيندڙ
پناهگير نقلين جي رسالن "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" کي
ٻه سال ڇڏي ڏنو ته پوءِ دل کولي اسان جي خلاف
پنهنجو ڪيس پيش ڪن. (هاڻ اسان جواب ڏيڻ شروع

ڪيو آهي تہ همراہ اڇي گارين ۾ ٻيا آهن.)

هن دفعي بہ اسان ان مجبوري سبب معذرت ٿو ڪجي جو ڏنل جواب جي پي قسط شايع نہ ڪري سگهيا آهيون. اسان جو عرض آهي تہ پڙهندڙ سائي، اسان جي ان مجبوريءَ کي خيال ۾ رکي "تحريڪ" خلاف لکڻيون صبر سان پڙهن ۽ اسان جي هڪدم جواب نہ ڏيڻي سگهڻ مان اهو انومان نہ ڪڍن تہ ڪو اسان وٽ ان جو مناسب ۽ موزون جواب ڪونهي. اهي سوال سڀ اسان جي دل تي لکيا ٻيا آهن. اميد تہ هر اهم سوال جو جواب ڏيڻ ۽ ذميواري سان ڏنو ويندو. پر وقت تي، ۽ واري سان. تيستائين سائي انتظار ڪن. انتظار جو ڦل مٺو آهي. اميد تہ سڀ سٺائي ڏيندي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ آڪٽوبر ۱۹۷۴]

عظمت ڪتاب گهر

سنڌ صوبي ۾ ننڍا وڏا سوين شهر آباد آهن، جتي پڙهيل لکيل نوجوان به رهن ٿا ۽ جتي بوڪ اسٽال ۽ ڪتاب گهر به آهن پر عظمت ادبي اڪيڈمي جا ڪتاب توهان کي صرف مخصوص ۲۵-۳۰ بوڪ اسٽالن تان ئي ملي سگهندا ۽ آتي به ممڪن آهي ته هر وقت، هر ڪتاب موجود نه هجي. انهيءَ جا ڪيترائي سبب آهن ۽ ڪيترائي دفعا انهن جو ذڪر ٻيهر ڪيو ويو آهي پر صورتحال ۾ ڪو فرق نه پيو آهي. عظمت اڪيڈمي تقريباً ڏهه سالن کان ڪتاب ڇپرائي رهي آهي پر ڪتابن جي وڪري ۽ ورهاست جي معاملي ۾ اسين اڄ به بيوس ۽ لاچار آهيون. کي ڪتاب ٺڪرو ٿي وڃن ٿا ته ڪي وري مختلف سببن جي ڪري رهجيو وڃن، هن وقت اداري وٽ اهڙا ۲۳ ڪتاب وڪري لاءِ موجود آهن جڏهن ته بوڪ اسٽالن تي کي ٿورا ڏسڻ ۾ ايندا. انهيءَ ڪري اسان حيدرآباد شهر ۾ اداري جي آفيس کي ڪتاب گهر بڻائي چڏيو جتان توهان کي اداري جا ڪتاب شاندار رعايتي قيمتن تي هر وقت ملي سگهندا.

اداري سان تعاون ڪريو. توهان جي تعاون وسيلي ئي اسين سنڌي ادب کي ٺڪاءُ معياري ۽ سستا ادبي ۽ نظرياتي ڪتاب ڏيئي سگهنداسين.

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، بَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٹـن جا پَـنَ ساوا، گاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيـادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـڙِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation

پَئن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي ته هو وَسَ پتاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڇاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)